# ٽُٽَل ٽُڪرا وجود جا

[نثري احساس]

## اياز امر شيخ

سنڌ سلامت
كتاب گهر





سنڌ جا سچُو سلام .........

سنڌ سلامت سنڌي ٻوليءَ جي ڪتابن جي ذخيري ڪي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پهچائڻ لاءِ **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** متعارف ڪرائڻ جو جيڪو سسلو شروع ڪيو آهي، ان سلسلي جو **ويهون** ڪتاب **ٽٽل ٽڪرا وجود جا** اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي نثري احساسن تي مشتمل ڪتاب سنڌ جي خوبصورت شاعر **اياز امر شيخ** جو لکيل آهي.

اسين ٿورائتا آهيون سجاول جي سهڻي دوست سارنگ حبيب چانڊيو صاحب جا جنهن نہ فقط هن ڪتاب جي سافٽ ڪاپي موڪلي ڏني پر ان سان گڏ هي ڪتاب سنڌ سلامت تي پيش ڪرڻ جي اجازت بہ ڏني. هي ڪتاب **سچائي اشاعت گهر ڏڙو** پاران ڇپائي مارڪيٽ ۾ آندو ويو آهي.

اوهان سڀني دوستن، بزرگن ۽ ساٿين وندن جي قيمتي مشورن، راين ۽ صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
salamatsindh@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**

# ارپنا

اُن غُربت جي نانءُ
جيڪا هر وقت ڳيي جي ڳولها ۾
لُڇي لاش تي ويندي آ،
پر ڪتان ٻه مانيءَ جي مُلهه جيترا
پئسا ٻه ماڻي نه سگهندي آ.
۽
ادب جي طويل ٽڙيل پکڙيل
ناول مُشتاق ڪاملاڻيءَ جي نانءُ
جنهن جا افسانا ته احساسن ۾
عشق جو آسمان جا ڳائي وٺندا آهن!
پر پاڻ اجا تائين،
ڪنهن سامراجي ستم جا سور نه سهڻ
جي سگهه رکڻ جي ڪري،
چرپُڻ جي رستن جو راهي بڻجي
پيٽ جي بُک جو بار هلڪو ڪرڻ لاءِ،
هٿن جا ڪشڪول کولي!
صدائن جا سفر طئي ڪندو رهندو آ
ڪنهن نئين ڪهاڻيءَ جي
ڪرب ناڪ ڪردار جيان!!...

(خدا جي نظر ۾ ڪنهن ڏکويل جي اک مان ڪِريل ڳوڙهو
شهيد جي رَت جهڙو مقدس آهي). (رومي)





# پنهنجي پاران

سنڌي ادب ۾ نثري نظمن يا نثراڻن خيالن جا ڪيترائي ڪتاب ڇپيل آهن. جيڪي نه رڳو پڙهندڙ دلچسپيءَ سان پڙهندا رهيا آهن، پر اڪثر ڪتابن نون لکندڙن تي ڪافي سٺا اثر پڻ ڇڏيا آهن.

اياز امر شيخ جو هي نظماڻي نثر جو ڪتاب، جنهن کي هن "نثري احساس" جو نالو ڏنو آهي، نهايت خوبصورت ۽ دلپذير نثر سان گڏ، نازڪ، نفيس ۽ جذباتي خيالن جو پڻ نمونو آهي ۽ هن ڪتاب ۾ جيڪي احساس سمايل آهن، اُهي هڪ شاعر جي مشاهداتي اک جا احساس آهن، جيڪي هن "نظم" بدران "نظماڻي نثر" ۾ لکيا آهن.

اياز امر جو هي ٽيو ڪتاب آهي، هن کان اڳي سندس ڇپيل ڪتاب سونهن موڙيون آرسون ۽ سنڌ جو چنڊ سندس غزلن، نظمن ۽ ٻين شاعراڻين صنفن جا مجموعا آهن، جن پڻ پڙهندڙن وٽان سٺي موٽ ماڻي آهي.

جيتوڻيڪ اياز امر شيخ جو شعري سفر اڃا شروعاتي وکن تي بيٺل آهي، پر سندس پهريون ٻه وِکون ۽ هاڻ هي ٽين وِک مان اها ڳالهه پڌري ٿي ٿئي ته "مستقبل اياز جوئي آهي".

**يوسف سنڌي**

03013640468

مهاڳ

## سوچ جو سنڌو

ٻوليءَ جي سونهن ان جو ادب (شاعري ۽ نثر) آهي. قومن جي تاريخ جو پتو اڄ بہ ان جي شاعري ۽ نثر مان پوندو. سنڌ جي تهذيب، ثقافت، سماجي زندگي جو معيار ۽ سچي قوم جو عڪس ادب آهي. سنڌ جي ماضي کي پرکڻ لاءِ اسانکي اسانجو ادب ڏسڻو پوندو.

واقعي قومن جي روح مزاج ۽ وقت جي حالتن جو عڪس ادب ۾ موجود آهي، تڏهن تہ اسان شاهہ لطيف، سچل سرمست شيخ اياز ۽ ٻيا ڪئين شاعر اسانجي محفل ۾ اڄ بہ موجود آهن ۽ ادبي سفر اڃا روان دوان آهي سنڌ جي ادب ۾ نوان نوان تجربا بہ ٿين پيا، نئين صنفون متعارف ٿين پيون. سنا سنا شاعر پنهنجي عقلي جوهر جي اُپٽار ڪن ٿا انهن مان اڄ شاعري جي ميدان ۾ هڪ خوبصورت نانءُ بہ هر ڪنهن جي دل تي چٽيل آهي، سندس بہ خوبصورت شاعري جا ڳُتڪا نظر مان گذريا اصل دل خوش ٿي ويئي، محرومي جي بن ۾ ڀٽڪڻ بجاءِ هڪ باک ڦٽندي نظر آئي تہ سنڌ جي هنج ۾ اڃا تخليق جا گُل ٽُٽن پيا ماجر جي رزخيز جوءِ سرويچ، محمد خان مجيدي، ابراهيم منشي ۽ مريم مجيديءَ جو تسلسل، ارشاد ساگر، سيد اڪبر جي خوشبوءِ اڃا اچي ٿي انهن نوجوان ذات ڏٺين ۾ اياز امر شيخ بہ هڪ روشن ستارو آهي. هي ڪتاب اياز امر جي وري نئين ڪوشش آهي ۽ هڪ نئين صنف ۾ پنهنجي ذات وسيلي خوبصورت احساس ڀرپور نموني اڃيا آٿس جن ۾ اسانجي سماج ۽ ماحول جو خوبصورت عڪس چٽيل آهي.





ڪتاب جو نالو ٽٽل ٽڪرا وجود جا، نثري احساس آهن هي صنف ئي عجيب آهي اياز امر جي دل جو حساس ۽ خوبصورت فنڪار هن نثري احساسن ۾ پنهنجي Iner feelings کي ڀرپور انداز ۾ لکيو آهي ڪِٿي ڪِٿي بلڪل نظماڻو رنگ بہ محسوس ٿئي ٿو.

حساس انسان جي من ۾ جيڪو مانڌاڻ متل هوندو آهي، جيئن جبل ۾ لاوا ڦاٽي پئي ايئن سندس جذبا وهي هلندا آهن.

تخليق ۾ اهو جوهر هجڻ کپي جو پڙهندڙ جي دل ۾ ولوڙيون ڪي اڏما ۽ جذبا اٿن ۽ پڙهندڙ جي دل ۾ شعوري ارتقا جو عمل تيز ٿئي ۽ سماج جي لاءِ ڪو Posetive رجحان جنم وٺي سگهي چو جو اديب جو اهو فرض بنجي ٿو تہ سُتل ضميرن ۾ جوت جاڳائي حسن، پيار وطن، دوستيءَ لاءِ قوم ۾ وڏي سجاڳي اچي سگهي.

اياز امر شيخ هي ڪتاب نثري تاثر جي شڪل ۾ تمام دل ۾ ٻيهي ويندڙ سنڌ جي دردن، ڏکن، اندروني ڪيفيت کي ڀرپور انداز ۾ بيان ڪرڻ جو خوبصورت انداز آهي.

هن جي حساس ۽ سچيت دل مان جيڪي فَني ۽ فِڪري صدائون آهون ۽ وِلوا اُسري اسانجي دلين تي ڌاڙا هڻن ٿيون. تخليق آهي ئي اهڙي شيءِ جا پڙهندڙن جي ستل ضميرن ۾ اُڌما پيدا ڪري ڪا جذبن جي ويرا آڻي ڪو سوچ جو سنڌو اُٿلون ڏيئي تڏهن ستل ضميرن ۾ سچيت پائي ۽ سمجهہ جي ڪا جوت جلندي ڪو احساس جو سلسلو جڙندو.

ڪو شعور وهڪرو وهي هلندو ۽ بي چيني جي رڻ ۾ ساجاهہ ۽ سُرت جا رابيل ٽڙندا. رتوڇاڻ ٿيل روح ڪا تازگي ۽ سَگهہ ماڻي سگهندا ان ڏس ۾ اياز امر جي ڪوشش تمام لاڀائتي آهي، هو سندس سندر محسوسات کي لفظن جي خوبصورت فريم ۾ اهڙي نموني اُٽي ۽ پوئي ٿو جو دلين ۾ جوت جلايو ڇڏي.

سندس ٻولي جو استعمال لفظن جي چونڊ حرف تجنيسي جي عجيب شڪل، ڪِٿي تہ صفا نظم جو رنگ پر سندس خيال سوچ ايڏي وقتائتي ۽ سنڌي ماڻهن جي ذهنن ڪي جهنجهوڙيندڙ آهي، جو هي ڪوشش هڪ سياويڪ رخ ۾ ذات جو سدا ملوڪ مثال آهي.

شاعر تہ هو تمام پلوڙ آهي پر نثر ۾ بنا ڪنهن ڏيگهہ ويڪر اوٽ پٽانگ جي تمام مختصر نموني لفظن جي جادو سان ڪئين موضوع محبت، پيار سنڌ دوستي ۽ ويساهہ گهاتين جو ذڪر ايڏو تہ ڀرپور ٿو ڪري جو هڪ نثري ٽڪري تان ڪهاڻين جا ڪئي ڪتاب قربان ڪجن. تمام سنجيده ڳالهين کي پنهنجي ڪلا ڪيتر جي اوج ۾ ايئن ٿو اُٿي جو دل جهبو وٺي ۽ دل چئي تہ سڄو ڪتاب هڪ ساهي ۾ پڙهي پورو ڪجي.

اچو تہ سندس نثري ڪاوشن کي ٿورو ورجايون ۽ سندس تخيلقي عمل جو ڀرپور فيض حاصل ڪريون.

فنڪار ذهن ۾ پيار جا تصور ڪيڏا نہ دل کي ڇهندڙ آهن محبوب کي چئي ٿو.

- تون اڇي مون مٿان ستارن جو ڀريل آسمان ٿي وڃ،
  ۽ آئون تو ۾ هر رات چنڊ ٿي اُڀرندو رهان!!.

هن تحرير ۾ اياز امر جي ذات سندس ڪومل دل مان اتاهان جبلن تان لهندڙ آبشار وانگر اسانجي اروٽ دل کي سرسبز ڪري پئي ڇڏي اهو تخيل صرف ڪو شاعر يا فنڪار ڏيئي سگهي ٿو.

يا

- مان هر درد جو دريا جهاڳڻ لاءِ تيار آهيان،
  ها پر تنهنجي دوريءَ جي هڪ ڇولي بہ ڇاتي تي برداشت نہ ڪري سگهندس.

محبت ۾ هر تڪليف هر ڏونگر ڏارڻ لاءِ تيار آهي، پر پرينءَ جي دوري





سندس وجود سَهڻ لاءِ تيار ناهي، اِها ڪيفيت حساس ذهنن ۾ ئي پيدا ٿئي ٿي.

اياز امر جي دل ۾ سنڌ سان اڪير جو بہ سنڌو ڇوليون ٿو هڻي سنڌ جي آزادي ۽ ڇوٽڪاري لاءِ وزندار راءِ ڏيئي ٿو.

- جيڪڏهن توهان سراپا انقلاب بڻجي سنڌ جو سڏ ٻڌڻ چاهين ٿو؟
  تہ پوءِ توهان اُن سچ جو سپنو بڻجي وڃ
  جنهن ۾ ڪنهن بہ ڪوڙ جو ڪان ڪُتل ئي نہ هجي
  ۽ ويساهہ گهاتيءَ جو هر اڏيل ئي نہ هجي.

هاڻي اهو ايڏو موضوع آهي جنهن تي ڪتاب لکجن ۽ نئين نسل کي وات ۽ هدايت ملي پر هن خوبصورت احساسن ۾ مختصر طور وڏي هدايت ۽ نصيحت سمايل آهي. ايئن اياز امر شيخ جا خيال هر تصور تي ڀرپور واضح آهن، جيئن لکي ٿو:

- آئون انهن ئي پيرن کي چميون ڏيئي اکين جو عشق بڻائي ڇڏيندو آهيان.

جيڪي پير آزاديءَ جي راهہ ۾ رهبريون ڪندي رتورت ٿي پوندا آهن.

يا

- تو مون تي ايترا تہ وحشتن سان وار ڪيا آهن،
  جو منهنجو سَنڌ سَنڌ،
  هاڻو ڪي سنڌ جيان ساڻو ٿي پيو آهي.

هاڻي ان ننڍڙي نثري ٽڪري ۾ سنڌ جي درد ڪٿا ڪيڏي دل کي ڇوهندڙ انداز ۾ چٽي اٿس، اڄوڪي سنڌ جو درد سنڌ واسين کي تمام ڀرپور نموني ٻڌائي ٿو، سندس تمثيلون تشبيهون ايڏيون وڻندڙ آهن جو هڪ پَل لاءِ شعور ۾ ولولا اچيو وڃن.

- خواري جا ڪيسا ايڏا وڏا آهن جيڪي پرجڻ سان بہ نہ پرجي سگهيا آهن،

پر شرافت لاءِ تہ سمجهہ جو اشارو ئي ڪافي آهي.

هي تمام ڳوڙهو خيال آهي. پڙهندڙ کي ضرور مجبور ڪندو تہ اُهي ناڪاري رويا ڇڏي هاڪاري رويا پنهنجا ڪرڻ تي اُتساهہ ملي ٿو.

ان طرح هن ڪتاب جي هر سٽ چرڪايو ڇڏي وڏي ڳالهہ ڪا تحرير مقام تڏهن ماڻي ٿي جو ان کي پڙهندڙ شروع ڪري تہ ٻي دنيا کان ڪٽجي صرف ان تحرير ۾ گم ٿي وڃي، ۽ تيستائين پڙهندو رهي جڏهن پوري ٿي وڃي.

اياز امر جو هي پورهيو سنڌ ادب جو هڪ خوبصورت تجربو آهي. ٻين لاءِ بہ ڪي گس گهيڙ مهيا ڪري ٿو هي صنف تمام سِگهو پڙهندڙ جي دل تي ديرو ڄمايو ڇڏي ۽ ضميرن کي جهنجهوڙيو ڇڏي ۽ ڪئين موضوع هڪ وقت پڙهڻ لاءِ ملي ٿا وڃن. تمام ڀرپور ڪوشش آهي اميد تہ اياز امر کي سٺي موٽ ملندي.

**رسول بخش درس**

جهمپير





## ڳِٽن جي ڳوٺ ڏانهن ڇمين جو پنڌ

ذات جي ڏيهہ ۾، ڪوتا نگر جي تصور، تَخَيل ۽ تخليقن سان تراشيل، رَچنائن جي ريشمي راهن تي، شعرِ نثر جو هيءَ تسلسل، تجسس جي تازگي ۽ تنفس جي تار ڇڇڻ تائين، عشق ايمان جي سلامتي ۽ امر آس ۾ اَٽل وشواس باقي رهڻ تائين، ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ جاري تہ رکڻو آهي، توڙي جو آدرشن جي اِندلٺي فريم ۾ مَڙهيل سوچ تصوير جا رنگ ۽ عڪس، ناقدري جي ناخوشگوار فضا ۾ جَهڪا ۽ جهيٽا ٿي ويا آهن.

لکجي ويل گيتن ۽ نظمن سان منسوب سي غزالي چهرا، دِلي ڪنگال پٽي ثابت ٿيڻ ڪري، نظر ۾ ڪو گُل ئي مهڪڻ بجاءِ ٻاٻري ڪندي جيان ڇُپي رهيا آهن.

سماج، قدرن ۽ معيارن کان خالي ٿيندو پيو وڃي دنيا جا دستور، تجارتي هَٽ وٽ جي هائيءَ ۾ ڪري صرف لوڀ لالچ جي تقاضائن کي پورو ڪرڻ لاءِ، ڪا اهڙي شڪل اختيار ڪري ويا آهن، جنهن کي ڏسي برادشت ڪرڻ اهلِ ذوق لاءِ وڏو جبر آهي.

رشتا ناتا، دوستيون، دلبريون، چاهتون، مُحتبون، چور، ناتا، در دريءَ جون اک ٽيٽ شرارتون، سي مَحبوب محبت جون خاموش روايتون، تهذيبن جي پيچ ڊاهہ ۾ انسانيت جي تذليل ڪندڙ وقت جي تازين وارتائن جي واويلا ۾ ايترو تہ ماٺا ٿي ويا آهن، جو سالن جون شناسايون بہ اجنبيت جي اُلڪي ۾ ڪنهن خوف ۾ ورتل ٿيون پائنجن.

اهڙي بي حسين جي سفاڪ رُت ۾ سوڊن ۽ سرويچن جي سون سَريڪي سيم "سجاول" جي سُهڻي ۽ سُهڻائي جي سوڳوار اکين ۾ نائيندي جي عيد جا خوشبهار خواب پوکيندڙ سُشيل شاعر ۽ نهنو نثرنگار اياز "امر" شيخ جو قلم، ڪيئن ٿو دلفريب مسرتن جا گيت لکي سگهي، جنهن جي نوڪ محبوب جي لب ڪِنارين جيان نازڪ نہ بلڪ فرهاد جي تيشي جيان پهڻ ٽوڙتي وئي آهي.

ڪنهن آس ۾ وشواس جا جيون، جيئار دلِ بهار جذبا، ديس ڌرتي جي خوشحالي جي اوج ۽ عروج جا سونهري سپنا، هڪ آٿت، هڪ آسيس، هڪ ڏڍ ۽ اڌ جيان پنهنجي ڳلا جي ڪومل نرمل نگري ۾ تاتي، نپائي، جوان ڪري، وطن جي وجود جي ٽٽل ٽڪرن کي ميڙي، سُونهن ۽ سُرت سان سهيڙي، سميٽي ۽ سنواري، پڙهندڙ ۽ پرکيندڙ ذهنن ۾ ڪٿوريءَ جيان ڪنديڙڻ ۾ سوپياوان ۽ سڦلتا ماڻي آهي، امر جي احساسن جي سِٽ سِٽ جي سُندرتا، اتهاس ۾ اَبدي امرتا کي گلقنديءَ ٻوليءَ سان ايئن نقش ڪري ڇڏيو آهي جيئن ڪو نقاش سنگمرمر جي نفيس تن تي آيتون چٽي ٿو ڇڏي.

ساحلي پٽيءَ جي ڪنهن زُبون، حال ٿاٽي جي تعَفن دار لاڪ اپ ۾، سياسي ڪيس ۾ واڙجي آيل ڪنهن بي پهچ بيگناهہ باندي جي ڳهرجي ويل جسم جو رَت چوسيندڙ مڇرن کي ڪهڙي خبر...!؟ تہ هن تنها انڌيري ڪوليءَ ۾ قيد ڏِيل جي لهوءَ ۾ سوزش انتقام جا باغيانہ جذبا، جُوالا جي "لاوا جيان اُڏما ڪائي رهيا آهن، يا بيوسيءَ جي احساس سببان خوف برف ٿي چُڪو آهي، ۽ اهڙِي ڪيس جو ڪرپ اياز امر جي هنين سِٽن جو سُڏڪو....... ٿي وڃي ٿو.......

- اسان تہ ڏڳن ۾ مارجي ويل ديس جي دانهن جو اُهو درد آهيون،

جنهن کي وارثي جو ڪفن بہ وڏي مشڪل سان نصيب ٿيندو آهي.





بازارِ حسن ۾ پنهنجو پاڻ سينگاري پَڪاري ويٺل هڪ رات جي ڪنوار جي نمائشي نخرن ۽ ويڪائو ادائن کي ڪهڙي خبر تہ!؟ جلوا جنس ناهن هوندا، هرڪا ڪڇندڙ نگاهہ شباب چُوس ناهي هوندي، هر دامن کي گلابي بدن پَهلوءَ ۾ پائي رکڻ جي حسرت ناهي هوندي.

دِلرُباين جي اهڙِي دڪان تي وڪامجندڙ حيا ۽ حجاب جو سيني ۾ سُور سارينديءَ "امر" جي من مان هي الفاظ پڙڪو ڪائي اٿا اُٿن تہ:

- ماڻهو تہ جسمن جو واپار ڪندي بہ شرم ئي محسوس نہ ڪندا آهن،

۽ اسان ڪنهن ڪنواري جي نيڻن ۾ نهاريندي بہ الائي ڇو شرم ۾ ويڙهجي وِسامجي ويندا آهيون...!؟

گُلاب رُت جي عَطر بيز هوائن سان مَهڪيل بي ترس مغرور شامن ۽ چيٽي چَندِ کي جهولَ ۾ پائي جهولندڙ راتين کي ڪهڙي خبر!؟ تہ جُدائي جو جيل ڪاٽيندڙ جوڳ ورتل جو پَنن، هيل ويلنٽائين ڏي، دوران وجود ۾ ڪهڙي وِرهہ جا وَڍِ پوندي محسوس ڪيا هوندا، جَشن بهاران جي اُڏاريل، رنگبرنگي لَغڙن کي قيدِ تنهائي مان ڪهڙين اضطرابي نظرن سان ڏٺو هوندو ۽ چيٽ ميلن دوران اُجاڙ ڳوٺ جي هيڪل وياڪل جوانين، پوياڙي جو پنگهٽ تي ڏڪڻ هير جي عنبرين جهوٽن سان ڪهڙا سور اوريا هوندا!؟ اهڙي هجر فراق جي جيءَ جهور علم جو عڪس اياز امر جي اکين ۾ ضرور ڇُپيو ۽ هن چئي ڏنو تہ.

- بهار رت ۾ ڇڻي ويل اُن گلاب جي درد جو قسم
  تنهنجي پيار جي سار جون آگريون اجا تائين
  منهنجي دل جي تنبوري جي تار کي ڇهاءُ ڏئي
  اُن محبت جي محفل ڏي وٺي وينديون آهن،

جت پاڻ راحتن جا راڳ ڇيڙي پيار جي جنت جا ڪي جهان
جوڙيا ها!!؟

- وڇوڙي جو درد تہ زندگيءَ جي ڳچيءَ ۾ نانگ جيان ويڙهجي ويو آهي،

پر اجا تہ ڪٿي بہ محبت جي وفا جي مُرلي ٻڌڻ ۾ ئي نٿي اچي.

سمنڊ پار کان سرڪشيون ڪري ايندڙ بي روڪ هوائن کي ڪهڙي خبر!؟ تہ انبن جي ڇٽي سُڪي ويل ٻُور جي من ۾ شاخن کان وِڇڙڻ جو ورلاپ اجا ماٺو ناهي ٿيو. اجا پَروڪي خزان ۾ ڇٽي ويل نازبوُ جي پَنڙين ۽ درگاهن تان ٻُوهاريل گلاب موتئي جي زرد خشڪ پنکڙين جي دل ۾ گل، ساٿ جو مجروح تمنائون پويان پساهہ ڪٽي رهيون آهن. اهڙي معصوم اهنج جو ايذاءُ اياز هينئن ٿو محسوس ڪري.

- محبت جون موسمون ڇڻ وئڪيشن تي وَيل هجن،

۽ درد وڏي دهشت سان دلين مٿان ڏاڙا هڻي

هرخوشبو ٿيل خواب ڪي بي خوف ٿي پلي رهيا آهن.

مادر علمي جي هاسٽلز جي حدن کان ڏور نڪري ٽڪرين جي دامن ۾ پاڻ لڪائي، اَڪن ۽ ٿوهرن جي جُهنڊ ۾ منشيات واپرائيندڙ ٽڙيل ذهنيت ڪي ڪهڙي خبر!؟ تہ سگريٽ جي دونهي ۾ ديس جي آئيندي جا خواب ۽ ڪيڏا ڪشالا ڪاٽي، ڪنهن آرزو ۾ جيئندڙ مائٽن جا ويساهہ بہ اُڏامي رهيا آهن. هو سُپاٽي جو سچ ٻڌڻ تہ ٿيو ڪنهن زلزلي جي ڀيانڪ رات جي ورسيءَ جو نوحو ٻڌجي رهيا آهن ۽ هيءَ وقتي سُرور، ڪين هميشہ جي حيرت ناڪ پريشاني جي پولارن ڏانهن ڌوڪي رهيو آهي. اهڙن سنڌ جي سَپوتن جي پنهنجي "پاڻ" کان لاپرواهي تہ "امر" بہ تڙپي چئي وينو:

- هُو ڏس! سنڌ سڄي سُور ٿي وئي آهي

۽ تون اجا نيٽن مان ننڊ ڪيڏي اُڇلائڻ لاءِ تيار ئي ناهين!؟





- جنهن ديس جي ماڻهن جي ذهنن جو شعوري ڏيئو ئي وساميل هجي،
اُتي تہ ڏينهن بہ رات جهڙو لڳندو آ.
- هل! تہ هن درد جي ڏوڙ مان اُتي ڪِٿ محبت جي ڪا موسيقي ٻڌون!!

ڪاري ٻُرقعي ۾ پنهنجو پاڻ سَميٽي بس ۾ سَوار ٿيندڙ ساٿيهہ ڇائي سان ڪوششون ڪري همنظر ٿيندڙ بي ديد اکين کي ڪهڙي خبر!؟ تہ بي ويس نگاهن کان ششدر ٿي ويل وينگس ڪو دلفريب منظر نہ پر ڏرتي جو ننگ آهي. جنهن جي تقدس جي تعريف ڀٽائي جي بيتن ۾ بہ ماپجي ناهي سگهي، هوءَ جا ٻاگهي، تارا ٻائي جي روپ ۾، سُورهيائي جي تمثيل، مارئي جي روپ ۾ محبِ وطن ۽ تصوير حيا. سسئي، سهڻي، مومل ۽ نوري جي روپ ۾ پيار ۽ پريت جي علمبردار آهي جا سنڌ راڻي جي سُونهن ۽ وفا جو نڪور نمونو آهي. سماج جي اهڙِي حيا روش تي اياز اَمر اَصل سنڌي غيرت جو سيني تي گهاءُ محسوس ڪري بَدذوقين کي پُونڊو ڏئي ٿو تہ:

- اڄ بہ ذليل حرڪتن جي هُل ۾ پيار جون حُسناڪيون هرڻين جيان
هِيسجي جان بچائڻ جي جاڳ ۾ جلي رهيون آهن.
- هن بَدذوق دور ۾ محبتن جي مُرڪ جو زندهہ رهڻ
- ڪنهن معجزي کان گهٽ نہ آ.
- واهياتپڻي جي ويس ۾ ويڙهيل دور، جي سيني ۾ ڪا دل ئي ناهي
هوندي.

ناولن، ڪهاڻين، فلمن ۽ ڊرامن کان متاثر ٿي اخبار جي ڪا ڏيان طلب خبر بڻجندڙ چند ڏهاڙن جي شناسا نينگرن ۽ نينگرين کي ڪهڙي خبر!؟ تہ پيار صرف پريمي ۽ پريميڪا درميان جُڙندڙ ڪنهن خوبصورت اشتهاري سلسلي جو نالو ناهي، بلڪ پيار پيءَ جي شفقت ۽ ماءُ جي ممتا بہ آهي. پيار جنم ڀومي تي سالن کان رفاقت ڏيندڙ هڪ جيڏن ۽ همجولين جي دوستي جو بہ نالو آهي. اُن مٽيءَ جي وڻن ٽڻن ۽ منظرن سان گذاريل جَنب کان جوڀن

تائين جي ساٿ جو نالو بہ پيار آهي. چند ڏينهن جي ميٺ محبت اِنهن سيني پيار رشتن کان ڪيئن ٿي اتم ٿي سگهي. اهڙن بي سُڌ ذهنن لاءِ اياز جون هي سِٽون، نصيحت جو نُڪتو بڻجي ٿيو پون،

- هيءَ دور اُن اَلهڙ ڇوڪري جي اُداس اکين جهڙو ٿو لڳي
  جيڪا پيار جي ڪوڪلن آسرن تي
  ڪنوارپ ئي ڪُهائي ويهندي آهي".
- حسن هميشہ حوس پَرستن حوالي ٿيندو رهيو آهي،
  ۽ حسن جي پوڄا ڪرڻ وارا فقط اکين ۾ مايوسي جا لڙڪ سمائي،
  عشق جي درد جون نمازون پڙهڻ ۾ مصروف رهجي ويندا آهن.

Sea_View جي ڪِتڪايون ڪندڙ هوائن جي پاڪر ۾ ڊوڙي پير ڇُهندڙ لهرن جي اُوٽ ۾، نئين ماڊل جي قيمتي ڪار مان لهندڙ بهار، ويس ۾ ملبوس، رائل فيملي جي ماڊرن ڇوڪري، جي لينس لڳل مغربي نقطء نظر رکندڙ خواب هستي ۾ ٻُڏل نيڻن کي ڪهڙي خبر!؟ تہ لَبِ ساحل پيِر آگرين جي وِٿين ۾ رهجي ويندڙ ڪنڪر گاڏڙ واري (ريت) ڪهڙي خلوص سان قدمبوسي جي روايت جيئاري آهي؟ سمنڊ جي اَٿاهہ سطح تي صرف فطري نظر ئي ساگر جي سُونهن جو اندازو نٿي ڪري سگهي، اُن لاءِ اَندر جون حُسن شناس اکيون گهُرجن. جيڪي هر منظر جي ڇهري ۾ ڪونہ ڪو حُسن، ڪا جَرڪ ڪا مُرڪ، ڪو لڙڪ، ڪا صدا ڳولڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃن!؟ اهڙن ناشناس نيڻن لاءِ اياز جون هي سٽون نئين نظرئي ۽ روشن خيالي جي نينڊ بڻجيو وڃن...!!

- اَڃو تہ اُن اميريءَ کي ئي الوداع چئي ڇڏيون،
  جنهن اندر ڪنهن بہ صداقت جي سُونهن جو سفر ئي نہ هوندو آهي.
  ۽ اُن کان بهتر آهي تہ اُن غريبيءَ جو ئي گيت بڻجي وڃون،
  جنهن جو ايمان هر وقت اُجرائپ سان پرپور هوندو آهي.

۽ جڏهن ڇوڏهينءَ جو چنڊ، چنچل سُندرتائن جي شهر "ڇوهڙ" کي ڳيرُو جو ڳل سمجهي سَراپا ڇَپ ٿي پوندو آهي ۽ لاڪيٽو لاڙ سمنڊ جي سِيرن سان لائون لهڻ لڳندو آهي. اهڙن نيم خواب لمحن ۾ "جلاليءَ" جي پڙ ۾ پويتر پونم جي پهري هيٺ ننڊ پئجي ويل نياز وند نيڻن کي اِها خبر ناهي هوندي تہ، خواب زمان و مڪان جي سرحدن کان آجا هوندا آهن، ساپيان جي ضمانت ملڻ کان سواءِ بہ پنبڻين جي ڪنواري ڌرتي تي جنم وٺندا آهن ۽ پوءِ ڪنهن ڪوسي ڳوڙهي جيان پُوڇڙين مان ڳڙي مَرمَري رُخسار تي تابشون وکيري، ڪونج ڳچيءَ جي سوني زنجير ۾ قيد ٿي ويندا آهن، ڪا سَحر ڪا پرهہ، ڪو نئون سج اِنهي وارتا جا پيرا ناهي ڪٽندو، ٻيٺو ڇهري جي وياڪلتا، الزام جي آڱرين جو هدف بڻجي ويندي آهي، ۽ هزارين شروع ٿيل قصا هڪ رات جي کهاڻي بڻجي ويندا آهن، ۽ حياتي، سُهاڳ، مينڌي جي گُلرنگي آس ۾، صَبر جو سنياس ڪاٽيندي رهجيو وڃي، اهڙي سُور جو پُور اياز اَمر جي ڪُک ۾ بہ ڪانُ ٿي ڪُپيو پوي ۽ هو لکي ٿو ڇڏي تہ:

- منهنجي نيڻن جي مري ويل خوابن کان ڪڏهن بہ ڪو روئڻ
  هارڪو سوال نہ ڪجو!
  ڇو تہ اُنهن وٽ هاڻ روئڻ لاءِ ڪوبہ لڙڪ ناهي بچيو.
- نيڻن جي ڏوليءَ مان جواني جي ڪُنوارپ جا بُرا قيل خواب پيار
  جو ڪانڌيو ڳولين ٿا.
- ساماڻل اکين جا سُندر سپنا تہ هر هر آرسون موڙيو پيا عشق
  ارپيندا آهن،

پَر پاڻ الئہ ڇو اجا بہ خاموشين جي خزائن ۾ ڇَٽيل پَن جيان پيلا ٿيندا وڃون.

اَنا ۽ انڪار جي انتهائن تي بيٺل بي ترس ماڻهن جي، ضد جي

سرڪش گهوڙي جي تيزگام هنيلين بي رُخين کي ڪهڙي خبر!؟ تہ ڪٿي ڪِن جا جيون تشنگي جي تابش ۾ ٿڪي رهيا آهن. پيار ۽ پَرستش جا پاڪيزھ جذبا نظراندازي جي نرڳ ۾ سَڙي رک ٿي ويا. ڪٿي ڪي انيڪ اُجريون آشائون، نراسائي جي اوڙاهن ۾ گم ٿي ويون. ڪِٿي ڪو جذبات جو موجزن درياءَ سُڪي پيلاٽيون ٿي ويو. اهڙين مغرور ۽ ڪنور رَوين جون روح تي رَهڙون اياز بہ ڪاڏيون ۽ پنهنجي همنشين سان همڪلام ٿي پيو تہ:

- احساس کان خالي هن سماج ۾ رهڻ کان پوءِ
  ڇا تو بہ سيني مان پيار جي دل کي ڪڍي ڇڏيو آهي؟
  جو منهنجي هِن معصوم محبت تي ترس ئي نٿو اچئي
- مَنوا! ماڻهن جي مَنن کي آخر ڇا تہ ٿي ويو آهي!؟
  جو محبتون مُرجهاءَ جي موسم ۾ ڇٽي مَري رهيون آهن.
  وشواسن ۾ ڪنهن بہ ويجهڙائپ جو واس محسوس ئي نٿو ٿئي،
  خاموشين جي ڪاهين ۾ ڪِري پيل خوابن جون خوبصورتيون بہ
  مايوسين جي ڏوڙ اندر ڏنڌلائجي اُن دور جو دستور بڻجي رهيو آهن،
  جنهن جو ڪٿ بہ اَنت نظر ئي نٿو اچي...!!؟

تنگدِل، تنگ نظر، ڪُندَذهن ۽ ڪورِ ذوق ماڻهن جي سازشي سوچن کي ڪهڙي خبر!!؟ تہ دوستي فطرت جو لازوال ۽ جنت مثال تحفو آهي، جيڪو دل جي دنيا ۾ هزارين هاڃَن هوندي بہ حياتي جي حُسن ۾ وڏيڪ نرملتائون پَرڻ ۾ ڪا ڪمي ڪونہ ٿو ڇڏي. اهو رشتو جنهن لاءِ مولاءِ ڪائنات حضرت علي عليہ السلام جا بي شمار ۽ مُشڪبار زرين فرمودات، هر اڪ موبائيل جي اسڪرين تي sms جي صورت ۾ ڏسي ۽ سماجي





فلسفي جي ڪتابن ۾ پڙهي، پنهنجو اندر اُجرو ۽ ايمان تازو پئي ڪيو آهي. اهڙي رشتي ۾ خلوص جي خزائن جي ڪوٽ کي محسوس ڪندي اياز اَمر بہ هن دور جي احساساتي الميئي تي خود ڳوڙها هاريا. جن کي نثر جي مالها ۾ پوئي احساس جي ڪوهِ نور سان وڏيڪ روشن ڪري ڇڏيو تہ:

- دوستي تي وڏي دعويٰ ڪندڙ دوستو!
  اڃو ڪجھ اسان جي پُٺي تي ڏِنل ويساھ گهاتين جي خَنجرن جا ڇَهڪ بہ تہ ڏسو!!
- مَنوا!! هن دوستي جي رشتي جي دل ۾ آخر ڪهڙي اَنا جو خنجر کُپي رهيو آهي،
  جو سڀ اُجرائپون رَتورت نظر اچي رهيون آهن.
- سوچ جي سوڙهين گهٽين مان هميشہ گمراهين جا ئي گس نڪرندا آهن!!

اهڙين سون سريکين، سپاويڪ سٽن جو سَرجڻهار اياز امر شيخ، پنهنجي ادبي سفر جي ٽئي 3 ۽ نثر جي پهرين ڪتاب "ٽٽل ٽڪرا وجود جا" ۾ اکر اکر ۾ سُورائيتي سنسار جي سِيرون سِيرون سِرير جي هر جهير هر چيرَ تي پنهنجي پيار جا پَها رکيا آهن. هر اهنج تي سندس جيءَ کي جهٻوءِ جيري کي جيپي ايترو تہ لُهسايو ۽ لوساٽيون، جو ايئن لڳي ٿو تہ ڄڻ هر احساس سندس ضبط جي اکين ۾ ڄمي ويل ڳوڙهن جو لفظي نقش آهي. هن پنهنجي اَندر جي عاشق جو رومانس ۽ رُوحانيت، پيار ۽ پريت پارکو ذهنن کي چٽنچل ڇَپن جي ڇُمين جهڙن جذبن سان اَرپڻ ڪري ڇڏيو آهي. اياز جي شاعراڻي اک نہ صرف غربت جي گهايل گَشتي جهڙن نيڻن جي نياڻن ۾ بيوسي جي آلاڻ ڏِٺي بلڪ دولت جي نشي ۾ ڏت بي حِسين جي ڪنورتا کي بہ مزاحمتي ۽ تنقيدي تشبيهن جي تيشي سان پَور پَور ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

ڪٿي ڪيس پنندڙ ڇوڪرين جي ڇاتين تي عياش اکين جون اُلرون جذباتي ٿيون ڪن تہ ڪٿي وري روڊ تي ڏامر پکيڙيندڙ عورتن جي احساسن سان مالا مال هجڻ جي خصلت کي بيان ڪري مَن جي مئل ماڻهن جي ضمير کي ڌُونڌاڙيو آهي.

ڪٿي ڪيس دردن سان ٽمٽار دوزخ جهڙي دنيا ۾ ڪِن پاڪرن جي جنت جي حسرت جيءَ ۾ آرزو جي خوشبوءَ جا انگور ڦلاڙيا آهن....!!

پورهيت جي پگهر کي تازي پَڪل ماني سان مشابهت ڏيندڙ اياز A.C ۾ ويهندڙ ماڻهن جي مَن کي بَهار جي بوءِ کان خالي ڏِٺو آهي.

هو نہ صرف مؤذن جي سٽيي آواز کي ڳن ڏئي ٿو پر ڳڏوڳڏ مانيءَ لاءِ ماندي يتيم جون بکايل ڪيفيتون بہ ويچاري ٿو. ڪٿي وري خالقِ ڪائنات سان مخاطب ٿي اُن ڪُک کي پاراتو ڏئي ٿو. جيڪا چند گهڙين جي تسڪين جي نشاني ڪچري جي ڍير تي اڇلائي سماج ۾ پنهنجي سِيل ۽ سَت کي معصوم جيتامڙي جي خون سان وڏيڪ سونهن ڏئي سُرخرو ٿئي ٿي.

ڪٿي وري عورت سان تلخ ڪلامي ۽ سَرڪش روي سان پيش ايندڙ جُڙتو پڳدارن کي عورت جي ذات ۽ جماليات جي مهانتا ۽ پويترتا جو درس ڏئي ٿو ڪجهہ هن احساس تي بہ غور جي ضرورت آهي تہ:

- قلندر جي ڌمال تي نچندڙ بي باڪ عورت جا احساس،
  وجد جي ڪيفيت ۾ اچڻ ڪانپوءِ،
  نينهن جي پاڪ نديءَ مان وهنجي وٺندا آهن....!!!

مقصد تہ اياز جي نثر جي ترتيب ۽ تَرڪيب، خيال ۽ ادائگي، ٻولي، ادب، بي ساختہ پڻ، بي باڪي ۽ اگهاڙي سچ کي ڳڙن لفظن سان بي ججهڪ لکڻ جي جرئت جي تحسين ۽ تعريف. ويچار ۾ ايندڙ وڌاءُ جي هر وَهم کان اُتم ۽ اعليٰ آهي.





جيئن...

- سچ جي آئيني ۾ پنهنجي اُگهاڙپ جو عڪس ڏِسڻ لاءِ ڪو بہ تيار ئي نہ هوندو آ،
  باقي ٻين جي شرافت جي بدن تان لباس لاهڻ ۾ تہ دير ئي نہ ڪئي ويندي آهي.

۽ هن احساس ۾ تہ اياز هڪ اِهڙي حقيقت کي وائکو ڪيو آهي، جنهن کي اسان هر روز ڏسي ڳنتار ڪري هليا ويندا آهيون:

- پنندڙ پوڙهي فقيرياڻي کي خدا جي نالي تي خيرات ڏيڻ بجاءِ معافي جو چيو ويندو آهي،
  پر جوان پينو ڇوڪري جي پوري جسم کي تَڪي ۽
  ڇاتي مٿان حوس جي نگاهن جون آڱريون ڦيرڻ ڪانپوءِ
  سيٺ مُرڪي عياشي جي احساس ۾ ٻڏي
  وڏي خيرات ڏيندا آهن.

اهڙي ريت اياز جي باغِ ارم جي پَڪل انگورن جهڙي احساسن ۾ هڪ، رشڪِ فردوس سنڌ ڌرتي لاءِ هڪ امر دعا بہ ڪنوار جي پيشاني تي جُهومر جيان تجلا پئي ڏئي تہ:

- شل سدائين ڳتن جي ڳوٺ ڏانهن ڇُمين جو پنڌ جاري هجي!! (آمين).

سندس اَهڙي پريم رنگ ۾ رَچيل، راز و نياز جي روح پَرور ساعتن ۾ گهرُيل اهڙي سعادت آميز دعا سان همَہ لب ۽ همہ دست تي آئون بہ اِهائي دعا ڏيندس تہ،

اياز اَمر جي تخليقن جي ڪوهہ قاف تي سدا شهڪار نظمن ۽ دعاءِ بهار لکڻين جون پَريون مَستِ رقصان رهن، سندس سوچ ۽ لوچ جي ڏيئي

جي جوت ۾ جرڪ ڪڏهن جَهڪي نه ٿئي ۽ سندس توسط سان ادبي ڪيتر ۾ نت نوان شعر و نثر جا قابلِ آفرين مجموعا وجود پذير ٿيندا رهن.

آخر ۾ آئون ڪيس اهڙي مختصر، پُراثر ۽ سحرانگيز سٽن ۽ حُسن تحسين تحريرن تي عقدِل سان جَس ڏيان ٿو جو اياز امر ڳيرو پڻ ڪان جواني جي اهڙي حساس ۽ حُسناڪ موڙ تي ڪجهه عرصي ۾ ئي ميجتا ۽ سقلتا جا ڪيئي مرحلا، انتهائي خوبصورتي ۽ سُرخروئي سان طئي ڪري نئين نسل ذهني صلاحيتن ۽ ادبي اهڃاڻن جو جيئرو ثبوت ڏئي، سنڌ ڌرتي جي ڏات ڌڻين جي پهرئين صف ۾ ويهڻ ۽ جمي رهڻ ۾ ڪا ڪسر ناهي ڇڏي. خدا ڪيس عشق، ايمان، ادب، آدرش ۽ احساس سميت سدا سلامت ۽ شاد رکي. آمين.

**مير الهرکيو پنڊ**
چوهڙ جمالي

12 سيپٽمبر 2009ع
03005221511





پنهنجي پاران

## مُئل مُرڪ جو درد

ٽُڪرن ۾ ورهائجي ويل وجودن کي ميڙڻ ۽ ملائڻ لاءِ محبتن جي هٿن جو هڪ ٽي پوڻ ئي سڀ ڪُجهه آهي.

ڌرتيءَ تي ڪريل هر تازي رَت جو ڦڙو پنهنجي پيار جو پنڌ پچائي رهيو آهي.

دربدريءَ جي ڌوڙ ۾ اُجلائجي ويل حُسناڪيون سراپا ماتم ٿي ويندڙيون آهن.

روح تان روهڙجي ويل خوشين جا زخم اڃا تائين زندگيءَ کي زرد بنائي رهيا آهن.

ساهن جو سلسلو سور جي سفر جو سڏ بڻجي ويو آهي. مُحبتون بي مُلهه ٿي مري رهيون آهن.

اُجرائپ جي جسم تان واهياتپڻي جي وحشي نگاهن حوس جي هٿن سان سمورا ڪپڙا ڇيهاڙي اُگهاڙپ جو آغاز ڪري ڇڏيو آهي.

دليون درد ۾ ڏٻجي رهيون آهن. اکين جا آگم پلڪن جي پاندن تان لڙي لاش ٿي رهيا آهن.

سرد رات ۾ سُڏڪن جا آواز اڪيلائيءَ جو اُماس آسمان بڻجي ويا آهن.

جن کي ڪو به پاڪُرن ۾ پيرڻ لاءِ تيار ئي ناهي هر ويل واويلا جي ويس ۾ ويڙهجي وسامي رهي آهي. ۽ اُداسپڻا راحتن کي رُڃ جون رولاڪيون ڏئي رهيا آهن. جن مان ڪنهن به سُنائيءَ جو سج اُڀرندي نظر ئي نٿو اچي.

خارش ۾ ورتل ڪُتن جهڙا ته ڪئين سهڪندڙ ڪردار نه چاهيندي به

نظر اچي ٿا وڃن، پر وفا ۾ ويڙهيل ڳهريل ڳالهين جا ڳوٺ ڳوليندي پيي نٿا ملن،

وارن ۾ ويڙهيل سڳيءَ جي سونهن جو قسم!

بيوفائين باڪن جهڙا بدن برباد ڪري ڇڏيا آهن، خوبصورتيون خودڪشيءَ جي خيال ۾ ختم ٿي رهيون آهن،

سجدن جهڙا صبُح بي وضوع ٿي پيلجي رهيا آهن،

عبادتن جا ايمان نينهن جون نمازون وڃائي ويٺا آهن،

حسرتن جا هنئيان منزلون ماڻڻ کان اڳ ۾ ئي اپاهج ٿي رهيا آهن،

انتظاريءَ جي اوٽ ۾ اوجاڳيل وفائون وڇوڙن جي واٽن تي وڃائجي ويون آهن،

چڳن جا چاڳ آڱرين جو عشق وڃائي ويٺا آهن، هر راهه تي رات جهڙي رهزني پنهنجا وار وڃائي ڇڏيا آهن، مُئل مُرڪ جي درد کي ڪوبه وضاحتن جو ويس پارائڻ لاءِ تيار ئي ناهي،

سڄو ماحول ڪرپ ناڪ ۽ رَت مان ٻُڏل رڙ جو تسلسل ٻڌجي ٿڙپي رهيو آهي،

آخر ڪهڙي احساس کي اکين تي رکي چپن جي چُمي ڏجي!

جو سڀ واحياتپڻا وسامي وڃن ۽ چاهتون اُميد جي اُپ ۾ چنڊ ٿي اُڀرڻ لڳن، مُحبتن جا من نينهن جي نديءَ ۾ وهنجڻ لڳن، پنهنجائپون هر پليتيءَ جي پاڇي کان پاڪ رهڻ لڳن،

ها پر ڪير سمجهائي هن وقت جي وحشتن کي جن جي هٿن ۾ ڪنيل خنجرن مان هر وقت هڪ نئين معصوميت جي سچائيءَ جي قتل جو خون ٽمي رهيو آهي، جنهن جو خوف هر گهٽيءَ ۾ گهر ڪري ويهي رهيو آهي، ڪا بہ وارثي انقلاب جو آواز ٿي اُٿڻ لاءِ تيار ئي ناهي، ها تڏهن تہ بيحيائين جا پاڪُر جوڀنن کي جنجهوري بي چسو بنائي رهيا آهن، هر ڪلي ٽڙڻ کان اڳ ۾ مُرجهاءُ جي تصور ۾ تڙپي مري رهي آهي، انصاف جون اکيون ايئن انڌيون ٿي ويون آهن، جيئن ڪو نابين انسان اوپري شهر جي رستي تي





چڙهي دربدريءَ ڏي ڏڪجندو رهندو آهي، ماڻهن جا احساس بہ ايترا تہ انڌا ٿي چُڪا آهن، جو غربت جي ٻُڪايل پيٽ کي ماني جي گراهہ جيتري بہ آٿت ڏيڻ لاءِ تيار ئي ناهن، ٻار مائرن جي سُڪل ٿوڻ سنڌوءَ جهڙي ڇاتيءَ ۾ نهاري تڙپي هميشہ لاءِ ننڊ سُمهي رهيا آهن، اوجاڳا اکين ۾ پنڌ ڪندا ٿا رهن، رات جهڙا ڀيانڪ ٻور لمحا سانجهہ جهڙي سنڌوري سينڌ کي لتاڙي پکين جي اکين ۾ پيي اُداسيءَ جو احساس پري رهيا آهن، هر اُپرنڌڙ ٻوليءَ کي گوليءَ جو گهاءُ چيري رهيو آ، سنڌ جي هر روز زخمي ٽيندڙ ڇاتيءَ مان رَت ٽمي رهيو آهي، جنهن جي خوشبوءِ ڪنهن ڪٿوريءَ کان گهٽ نہ آهي، شهادتن جا شرف ماڻيندڙ منهنجي ڌرتي اڄ بہ آزاديءَ لاءِ پنهنجا نيڻ انتظاريءَ جي اُس ۾ وڇايو ويٺي آهي، جنهن جي هر حقيقت هڪ ڏينهن حُسن جو گُلاب ٿي ڦٽڻي آهي.

ڇو جو بارش کي ڪنهن بہ تلوار يا تير سان روڪي نٿو سگهجي!

ها اهڙي ئي ريت آزاد هوائن کي پيي ڪنهن ڪولي ۾ قيد نٿو ڪري سگهجي.!

انسان جيڪڏهن فحاشيءَ ۽ فريبيءَ جي رستن تي رُلڻ بجاءِ فرشتن جهڙا فرض سرانجام ڏيندو رهي،

تہ شايد ڪڏهن بہ ذلالتن جي ضعيفيءَ ۾ مرڻ جهڙن موضوعن تي گفتگو ڪرڻ بہ گواراهہ ئي نہ لڳي.

هر ٽُٽل احساس جي ٽُڪرن کي ميڙڻ ئي سڀ کان وڏي مُحبت آهي، ها اهڙين مُحبتن کي ماڻڻ لاءِ مون هينئين جي هٿن سان هي نثري احساسن جو سپنو سَرجيو آهي، جنهن جي سينڌ ۾ ساڀيان جو سنڌور سجائڻ اوهان باذوق هٿن جي وس جي ڳالهہ آهي، ڏسڻو فقط اهو آهي تہ اُهي ٽُٽل ٽُڪرا وجود جا ڪيترين وفائن جا وجود ٿا جنمي سگهن!

آئون محترم سائين رسول بخش درس جو تمام گهڻو ٿورائتو آهيان

جنهن طبيعت جي ناساز موسم ۾ پڻ منهنجي ڪتاب کي مهاڳ جي منزل ڏني ۽ پنهنجي پياري دوست مير الهرکيو ٻنڊ جو پڻ تهه دل سان شڪرگذار آهيان جنهن چند ڏينهن ۾ لفظن جي اُجرائپ جو آسمان اڏي منهنجن احساسن کي چنڊ جي چانڊوڪيءَ جيئان پُرنور بنايو ۽ ادب جي چمڪندڙ ستاري ايوب ڪوسي جو پڻ شُڪرگذار آهيان جنهن منهنجي وڪريل احساسن جي اکين تي قلم جي چَپن جون چُميون رکي بيڪ ٽائيٽل جي پاڪرن سان پيتا ارپي انهي سان گڏ ديدار شاهه جو پڻ ٿورائتو آهيان جنهن هن ڪتاب کي سنن لفظن جي چٽسالي جو حُسن پُڻ ڏِنو ۽ آئون انهن دوستن جو پڻ ٿورائتو آهيان جيڪي مونسان احساسي طور هر وقت گڏ رهيا،

۽ آخر ۾ اُن قابل احترام شخصيت محترم يوسف سنڌي جو پڻ ٿورائتو آهيان جنهن هي سڄو ڪم سخاوت ۽ سچائيءَ سان ڪري منهنجي احساسن جي ٽُڪرن کي ميڙي هڪ مُڪمل ڪتاب جو وجود بخشيو.

چوندا آهن تہ مُنافقيون مُحبتن کي ماري ڇڏينديون آهن،

پر آئون پوءِ بہ اهو چوندو آهيان تہ چاهتون وري بہ چنڊ جيئان چمڪي حقيقي حُسن نِکاري وٺنديون آهن.

سنڌ سلامت، ساٿ سلامت
محبتن ۾ ياد

اياز امر شيخ

c/o مارئي ميڊيڪل اسٽور
مين بس اسٽاپ
سجاول ضلعو ٺٽو سنڌ.
03347091595
03003275166





## اُس جو درد

- اُس جو درد، چانوَ جي ڇاتيءَ ۾ خنجر جيئان کُتل آهي!
سوڪهڙي جو سفر سُڄ جنمي رهيو آهي!
بهار ٿيڻ لاءِ بدن اُڃ اُجهائڻ جي احساس ۾ ويڙهجي ساٽا ٿي پيا آهن!
پر بارش ڪنهن بہ بدن کي ڀاڪُرن ۾ ڀري ڀڃائڻ لاءِ تيار ئي ناهي!
آخر ماجرا ڇا آهي!؟
جو گُلن جي چَپن تي پوپٽن جون چُميون نظر ئي نٿيو اچن!
سُڪل وڻن جي اُداس ٽارين ڪان پکين جا پيرا وڃائجي ويا آهن.
ڪا بہ شام شرنائي جي شور ۾ شرمائل نظر ئي نٿي اچي!
اکين جا اوجاڳا مُئل مُحبتن جي خوابن جو رت روئي رهيا آهن!
ڪنارا پاڻيءَ جو پيار ساري پيڙين کي ٻانهن ۾ ڀرڻ لاءِ بيتاب نظر اچي رهيا آهن،
پر پوءِ بہ الاءِ ڇو رُتن ۾ راحت ٿي ڪا بہ خوشبوءِ کلڻ لاءِ تيار ئي ناهي؟
۽ ويتر اُداسپڻا ساهن سان سلهاڙجندا پيا وڃن
جيڪي زندگيءَ کي فنا تائين پهچائڻ لاءِ مُسلسل پنڌ ڪندا ٿا رهن...!
- اي دوست اهو جيڪو تنهنجي هٿ ۾ لڪيل خنجر آهي.
سو ڀلي تون سامهون ڪڍي سڄو منهنجي سيني ۾ ڪپائي ڇڏ،
اِن سان مونکي ڪا بہ تڪليف نہ ٿيندي
ڇو جو تنهنجا، منهنجي پٺيءَ تي ڏنل سمورا ڇهڪ اڃا تائين ڇَڄِي

رهيا آهن.
جن جو درد دشمنيءَ جي گھاءُ کان بہ گھرو محسوس ٿيندو آهي،

- منهنجي وجود جا ٽُٽَل ٽُڪرا اڄ بہ پنهنجو پاڻ کي ڳولي رهيا آهن،

## چُميءَ جي پيٽ

- مون جڏهن بہ ڪنهن چاهت کي چُميءَ جي چنڊ جي پيٽا ڏني آهي
تہ راتين جا روح رڙيِ اُٿندا آهن
۽ ماحول سوڳ جي سفر ۾ وڃائجي ويندو آهي
نفرتون نئين سر ڏنگڻ لاءِ طريقا تلاش ڪنديون رهنديون آهن!
پر پوءِ بہ الئہ ڇو آئون گوتم ٻُڌ جي گيان جيان چاهتن جي چَڳن جي
واس ۾ ايترو تہ ويڙهجي ويندو آهيان،
جو ڪنهن بہ خوف جو خيال هانوءَ ۾ هٿوراڙيون پائڻ جو نانءُ ئي نہ
وٺندو آهي،
۽ آئون ويتر ڳالهين جي ڳوٺ جي ڳهر ۾ ڳگھاٽجي ويندو آهيان.

- جيترو عشق تنهنجي اکين مان اُڇلون ڏئي ظاهر ٿي رهيو آهي،
اوترو ئي سڪ منهنجي ساهن سان سلهاڙيل آهي.

- تون ڇهري تان نقاب هٽاءَ يا نہ هٽاءَ؟
ان سان ڪو بہ فرق نہ پوندو،
ڇو جو تنهنجي هڪ نگاهہ جي حُسن ئي هينئن کي هرڪائي وڌو آهي.

## ستارن جو سڏ

- تون جڏهن بہ مُنهنجي اڳيان گرم جوين جا کُليل پاڪُر ڪٽي گُذرڻ





لڳندي آهين،
تہ منهنجي روح کي جنوريءَ جي سرد رات جهڙو سيءَ ستائڻ لڳندو
آهي،
۽ آئون ويتر بيقراريءَ جي برف ۾ ڄمي خودڪشي ڪندڙ ستارن
جو سڏ ٻڌجي ويندو آهيان...!

- جيڪڏهن آزاديءَ جي منزل اڃا ڪافي اڳتي آ،
تہ پوءِ هن پنهنجي ديس واسين جي دلين جا پيرا ايڏا پُٺتي پيل ڇو
آهن!؟

## سنگتراش

- ها، هو سنگتراش جيڪو پٿرن جون ڇاتيون ڇلي اُن مان مورتين
کي مُحبتن سان ماڻڻ جو ڀرپور ڏانءُ ڄاڻندو هو!
سو بُک ۽ بدحاليءَ جي سٽَ نہ برداشت ڪري سگھڻ تي ضعيفيءَ ۾
ڪافي سالن کان وٺي تڙپي تڙپي لاوارثيءَ جو لاش ٻڻجي ويو هو!
جنهن جي ڪفن ۽ دفن جا پئسا بہ چندو ڪري گڏ ڪيا ويا هُئا!
ڪلهہ خبر پئي تہ انهي سنگتراش جي هٿن سان تراشيل هڪ
شاهڪار مورتي مندر ۾ ڀڳوان جي روپ ۾ رکيل آهي!
جنهن جي پوڄا لاءِ هزارين ياتري پرساد جا ڀريل ٿالها کٽي ڀڄن ڳاءِ
اُن سنگتراش جي هٿن سان تراشيل ڀڳوان کي وڏي پيٽا ڏيڻ لئہ گڏ ٿيندا آهن!
- تون اڃي مون مٿان ستارن جو ڀريل آسمان ٿي وڃ!
۽ آئون تو ۾ هر رات چنڊ ٿي اُڀرندو رهان...!!
- واهيا تپٽي جي ويس ۾ ويڙهيل دور جي سيني ۾ ڪا دل ئي نہ هوندي آ!
جنهن جي وضاحت بہ خوشيءَ جي ساهہ ۾ کُتل خنجر کان گھٽ نہ

آهي!

- مان هر درد جو درياهه جهاڳڻ لئه تيار آهيان،

ها پر تنهنجي دوريءَ جي هڪ چولي بہ چاتيءَ تي برداشت نہ ڪري سگهندس.

- تون هر وقت جيئڻ جي جذبي کي جوان رکجان

۽ ڪڏهن بہ اُميد کي مايوسيءَ جي موت سان مرڻ نہ ڏجان

ڇو جو مُحبتن جي فنا ٿي زندگيءَ جي بقا کي پيلي ڇڏيندي آ

- هوءَ ڏس سنڌ سڄي سور تي وئي آهي،

۽ تون اڃا بہ نيڻن مان نند ڪيڏي اُڇلائڻ لاءِ تيار ئي ناهين!

## سراپا سچ

- جيڪڏهن تون روحن جي رمزن کي ڄاڻڻ ٿو چاهين،

۽ پکين جي ٽڪل اکين کان وٺي پَرن جي اُڏارن جو احساس محسوس ڪرڻ ٿو چاهين؟

۽ اڃا بہ جي دلين جي درياهن ۾ دلبريءَ جي چولي تي چُلڻ ٿو چاهين!؟

تہ پوءِ منهنجي مڃ!

هڪ پيرو عشق جي اکين جو گُلابي خواب بڻجي وڃ

پوءِ ڏس تہ پيار جون انتظاريون ڪيئن ٿيون تنهنجي واٽ تي وار وڇائي ويهي رهن

هر صبح جا سُڳنڌي سويرا توکي تاريخ جو نانءُ بنائڻ لئه بهار بڻجي





ڪيئن ٿا بيقراريءَ جي بارش ۾ پيچن.

۽ وقت تنهنجي وضاحت جا سهرا سرتي سجائڻ سان گڏ سپ سليقا پاڻ سان سرچائي وٺندو

سڦلتائون تنهنجي سونهن جو سينو چُمڻ لاءِ چنڊ تي اُپرڻ لاءِ اتاوليون ٿي پونديون،

جڏهن تون ويساهه جو ويس پائي وشواس جي وهڪرن ۾ وهنجڻ لڳندينءَ

۽ پريتون تنهنجي ڇَپن جو چنگ بڻجي پُرڻ لڳنديون،

هر راهہ توکي ڏياريءَ جي ڏيئي جا روشنيءَ جو راڳ سمجهي ساهن ۾ سمائڻ لڳندي،

۽ تون گلين ۾ گيت بڻجي گونجڻ لڳندينءَ،

ها پر ان ايڏي وڏي اُجرائپ ماڻڻ کان پهرين توکي هڪ سراپا سچ ٿيڻو پوندو!

۽ اُهو وچن ڏيڻو پوندو!

جيڪو ڪنهن بہ وفا کي وڪڻڻ جو واپار جاڻيندو ئي نہ هُجي...!

- هو ڏس ديوارن تي لکيل انقلابي نعرا هر وقت جاڳي رهيا آهن!

۽ تون ازل کان وٺي نياڳ جي نند مان اُٿڻ لاءِ تيار ئي ناهين!

## آجپي جو گس

- وقت جي وحشي واچن مان رَت رڙيون ڪري ٿمي رهيو آهي،

۽ بدحواسي ايترو تہ ماحول کي معزور ڪري ڇڏيو آهي جو ڪٿ بہ سڪون جي سلامتيءَ جو سج اُپرندي نظر ئي نٿو اچي

راتيون رُسوائين جا راڳ ڇيڙي چانڊوڪين کي ڇهڪ ڏئي ٻي ست

بڻائي رهيون آهن.
چڪور چنڊ کي ماڻهن کان اڳ ۾ ئي ماريا ويا آهن.
مُحبتن جا من ڪيڏا نہ آنڌ مانڌ ۾ اچي اُداس ۽ اڪيلا ٿي پيا آهن.
جن جي چَپن تان مُرڪن جي مهڪ بہ زوري رهزنن روڙي ورتي آهي.
۽ سمورا عشق انا جي آويءَ ۾ اُجلائجي رهيا آهن
جن جي وارثي ۽ وضاحت لاءِ ڪابہ جُرئت جوان ٿي وقت جي وحشت سان اکيون اکين ۾ اٽڪائڻ لاءِ تيار ئي ناهي.
۽ سوڳ ويتر ساهن سان سلهاڙجندا وڃن ٿا
جن مان آجپي جو ڪو گس نظر ئي نٿو اچي...!

## اُڄ جو احساس

- تون جڏهن بہ اُجايل هرڻيءَ جهڙيون نگاهون کڻي مونڏانهن ڏسڻ لڳندي آهين!
  تہ منهنجو من سنڌوءَ جي مست چولين جيئان چُلڻ لڳندو آ.
  ۽ سالن جي سُڪل چپن مٿان پيار جو پاڻي پلٽي اُڄ جو احساس مٽائڻ لڳندو آ
  ياڪُر بہ توکي پيئا ڏيڻ لاءِ سڪ جو کُليل سڏ ٿي پوندا آهن.
  پر پوءِ بہ الئہ چو تون ڇالانگون ڏيندي دور هلي ويندي آهين!
  ۽ منهنجو سمورو ڪُجھہ پل اڳ سرسبز ٿيل روح پيهر ريگستان بڻجي ويندو آهي
  جنهن جو درد هر وقت هينئن تي رهنبڙا وجهندو رهندو آهي.

## ماڻهون

- ماڻهون تہ جسمن جو واپار ڪندي بہ شرم ئي محسوس نہ ڪندا





آهن.
۽ اسان ڪنهن ڪُنواريءَ جي نيڻن ۾ نهاريندي بہ الائي چو شرم ۾ ويڙهجي وسامي ويندا آهيون.

- ماڻهون وئشيا جي جسم مان عياشيءَ جون اکيون تہ ڀوڙي وٺندا آهن.
  پر ڪڏهن بہ اُن جي مجبوريءَ کي محبوبيت جي نگاهہ سان ماڻڻ جو شرف حاصل ئي نہ ڪندا آهن
  ۽ ان اڌ صديءَ جيڏي اٽپورائيءَ جي احساس جو درد يقينن ڪنهن وڏي الميي کان گهٽ نہ آهي...!

- ماڻهن جي نظر تہ جسمن جي جوانيءَ کان وٺي اُرهن جي اُگهاڙپ تائين ٻوڙندي رهندي آهي،
  پر مونکي تہ طوائف جي اڏي تي وڇايل تڏي ۾ بہ بُک نظر آئي آهي،
  جيڪو موت جهڙي مُفلسيءَ جي ٻُڪايل پيٽ کي پالڻ لاءِ هر وقت لتاڙجندو رهندو آهي...!

## انقلاب

- جيڪڏهن تون سراپا انقلاب بڻجي سنڌ جو سڏ ٻُڌڻ چاهين ٿو؟
  تہ پوءِ تون اُن سچ جو سينو بڻجي وڃ
  جنهن ۾ ڪنهن بہ ڪوڙ جو ڪان کُتل ئي نہ هُجي
  ۽ ويساهہ گهاتيءَ جو گهر اڏيل ئي نہ هُجي،

- سياري جي صُبح جا خُماريل نيڻ بہ ڪنهن سانوريءَ جي سڏ کان گهٽ نہ هوندا آهن.

- عشق عبادت جو ٻيون نانءُ آهي.

- هر ڪويءَ جي زخمي تحرير جي تڙپ ۾ حقيقت جو حُسن ڳُنل هوندو آهي.

## اڪين جو عشق

- ها آئون تہ فقط اُنهن ئي پيرن کي چُميون ڏيئي اڪين جو عشق ٻڌائي چڙهيندو آهيان،
جيڪي پير آزاديءَ جي راهہ ۾ رهبريون ڪندي رتو رَت ٿي پوندا آهن.

- ماڻهون تہ نئين سال جي آجيان ڪي بہ ايترو تہ بارود سان پيلي چڏيندا آهن،
جو نئين سال جي امن جو نياپو ڏيندڙ سج بہ سچو رت مان ٻُڏل نظر ايندو آهي.

- تو مونتي ايترا تہ وحشتن سان وار ڪيا آهن،
جو منهنجو سنَڌ سنڌَ.
هاڻوڪي سنڌ جيان ساڻو ٿي پيو آهي!

- جيڪڏهن تون مون اڳيان شراب جي پريل بوتل ڀڄي وجين،
تہ هي منهنجا پير مئخاني جي گهٽيءَ جو گس ئي ڀُلجي وڃن...!





## پاڳُرن جي جنت

- هڪ هيءَ دُنيا جيڪا مونکي بار بار دردن جي دوزخ ڏانهن ڇڪي رهي آ!
ٻ ٻيو تون جيڪو مونکي پاڳُرن جي جنت ۾ جاءِ ڏيڻ لاءِ تيار ئي ناهين.

- اي اياز!
جن اديبن جا اڻ چپيل احساس دربدريءَ جي ڌوڙ ۾ ڏُتڪارجي هميشہ لاءِ دفن ٿي ويندا آهن،
تن جا تہ روح هر وقت مٽيءَ ۾ بہ ماتم ڪندا رهندا آهن.

- پنندڙ ڇوڪرين جي ڇاتين تي حوس مان پريل عياش اکيون اُچلائيندڙ ماڻهو!
ڪيڏي نہ پنهنجي گهر تي غيرت جي گرم اک رکندا آهن..!

- منهنجو من تہ ازل کان وٺي اُڃايل آهي
تون ٿورو ويجهو اچ تہ تُنهنجي اڻ پيتل جوڀن جي پريل پيالي مان سرور جون سُرڪيون پري،
اُڃ جي احساس کي اندر مان ڪڍي اُڇلائي ڇڏيان.

- ڏامر جي روڊ تي مزدوري ڪندڙ غريب عورتون ايتريون تہ احساسن جون امير هونديون آهن،
جن جي خالي پگهر سان بہ من جي مُٺل ماڻهن کي پيٽا ڏيڻ گواراهہ ئي نہ لڳندو آهي..!

- اي ڪويا! ڇا تنهنجن نظمن جا نيڻ تڏهن کُلندا!
جڏهن هي ستارن سان ڀريل آسمان پنهنجي سموري سونهن وڃائي ويهندو!

- اياز!
آخر ڪنهن سان عشق جو احساس ونڊجي،
هتي تہ هر ماڻهو پنهنجي دل جو درد روئي رهيو آهي!

- اڇو تہ اُن اميريءَ کي ئي الوداع چئي ڇڏيون،
جنهن اندر ڪنهن بہ صداقت جي سونهن جو سفر ئي نہ هوندو آهي،
۽ اُن کان بهتر آهي تہ اُن غريبيءَ جو ئي گيت ڳائجي وڃون،
جنهن جو ايمان هر وقت اُجرائپ سان ڀرپور هوندو آهي..!

- اي اياز
منهنجي تہ من ۾ هر وقت موهن جي دڙي جيان ڀٽون پرنديون رهنديون آهن!
۽ آئون اُن آثارِ قديمہ جيئان مڪمل ڊهي پيو آهيان!
جنهن جو مُلهہ اڄ جي ماڻهن وٽ ڦڪي مُرڪ جيترو بہ ناهي!

## تازي پڪل ماني

- تون سڄو ڏينهن 'اي سي' ۾ ويهڻ کان پوءِ بہ پنهنجي بدبوءِ دار پگهر کي پرفيوم سان بہ لڪائي نہ سگهندو آهين،
۽ هوڏانس پٿر ٽوڙيندڙ غريب پورهيت!
جنهن جي پگهر مان هر وقت تازي پَڪل مانيءَ جهڙي خوشبوءِ





ايندي رهندي آهي!

- جنهن ديس جي ماڻهن جي ذهنن جو شعوري ڏيئو ئي وساميل هُجي،
اُتي تہ ڏينهن بہ رات جهڙو لڳندو آهي..!

- ڀاڻ اُن اُداس ناول جا بہ الڳ ڪردار ٿي ويا آهيون،
جنهن کي اڪيلائپ ويجهو اچڻ ئي نٿي ڏي،

- واٽ تي انتظاريءَ جا نيڻ وڇائي ويٺل وڻجارين جا ور!
اڄ بہ ٻُڪئي ٻيٽ لاءِ سمنڊ جي ويرن سان وڙهندي وڃائجي ويا آهن.
جن جي ڳولا بہ فقط ونين جي ڳلن تان ڪريل ڳوڙهائي ڪري رهيا آهن.

- تون ڳُلن سان ڀريل روهيڙي جو وڻ ٿي وڃ!
۽ آئون تو ۾ ٻاٻيهو ٿي ٻوليندو رهان..!!

## نظمن جا نيڻ

- تون جيڪو زوري شُهرت ماڻڻ لاءِ پنهنجي ڳلي ۾ گيتن جا ڳُلاب پارائيندي بہ ڏينهون ڏينهن ٻُڻتي ڏڪجي رهيو آهين!
۽ هوڏانس تتل واريءَ تي لڳل پاٽيارين جي پيرن جا نشان ڪيڏي تہ نوڙت ۽ نزاڪت سان ڪويءَ جي نظمن جا نيڻ ڳڀجي ويا آهن!
جن کي ڪنهن بہ شهرت جي طلب ئي نہ هوندي آهي..!!

- عشق ڪڏهن بہ ڪنهن مذهب جي دائري ۾ دفن ناهي ٿيو.

- وِڇوڙي جو درد تہ زندگيءَ جي ڳچي ۾ نانگ جيان ويڙهجي ويو آهي
پر اجا تہ ڪٿي بہ مُحبتن جي وفا جي مُرلي ٻُڌڻ ۾ نٿي اچي!

- ٻَکي وڏيل وڻن جا ساٿ ساري پنهنجي سيني تي ٻَر هڻي ماتم ڪري رهيا آهن!
چو جو اُنهن ٻَکين جي اڏيل گهرن (آکيرن) وارا وَڻ پي اج جي وحشي ماڻهن وڍرائي پنهنجي آسائش لاءِ پلنگ ۽ آرام ڪُرسيون ٺهرائي ڇڏيون آهن!

- يا خُدا!
جن ماڻهن جي منن ۾ مُحبتن جي جنت جُڙيل نہ هوندي آهي
ڇا تن جي دلين ۾ تون جيئري ئي دوزخ ناهي ڇڏيندو آهين!؟

## اُداس لاش

- اسانجي رهبرن جا روح ايئرڪنڊيشنڊ ڪمرن ۾ آرام ڪري رهيا آهن،
منشور ڄڻ تہ موڪل تي ويل هجن،
آزادي انتظاريءَ جي اُس ۾ سڙي ساٽي تي پئي آهي،
۽ سنڌ اُداس لاش جيان لاوارث تي لتاڙجي رهي آهي!

- اياز!
ڀِٽائيءَ جا بيت پڙهي سنڌ جي نالي تي سياست ڪندڙ سامراجي وڏيرن جا تہ سيئي روپ،
مُفلسيءَ جي رت مان رڱيل نظر اچي رهيا آهن!





- اج الئہ چو تُنهنجي پيار جي پناهن ڪان پري ٿيل منهنجي زندگيءَ جون سموريون خوشيون،
ٽر جي مارجي ويل هرڻ جي ڪُليل ۾ حراسيل اُداس اکين جهڙيون ٿيون لڳن...!!

- بدذوق ماڻهوءِ هٿان بندوق جي فائر سان مارجي ويل اُجايل هرڻ جي رڙ!
اج بہ منهنجي روح مٿان ڪنهن چچرَيل ٿيل لاش جيان پيل آهي!
جنهن مان هر وقت تازو رت ٿمندو رهي ٿو..!

- ڪُڙ ڪُبيتن پيي رات جو رُلڻ ڇڏي ڏِنو آهي!
چو جو هاڻ رات پيي هٿ ۾ رهزنيءَ جو خنجر ڪٽي رت پياڪن جي ست ۾ شامل ٿي وئي آهي!

## آواز

- مسجد مان مؤذن جو آواز ڪيڏو نہ سٽيو پيو ٻُڌڻ ۾ اچي،
۽ پاڙي ۾ ڪلهہ جو يتيم ٿيل ٻار ڪيڏو نہ مانيءَ لاءِ ماندو ٿي مري رهيو آهي!...

- اسان تہ ڏکن ۾ مارجي ويل ديس جي دانهن جو اُهو درد آهيون،
جن کي وارثيءَ جو ڪفن پيي وڏي مُشڪل سان نصيب ٿيندو آ.

## اُگھاڙي نظر

- وحشي وقت جي اُگھاڙي نظر تہ گُلن تي پي الزام هڻي رهي آهي،
تہ هوائن گُلن جي جسم سان ڇهاءُ جو ناجائز رشتو جوڙي ورتو آهي!
اها ڳالهہ ٻُڌي پوئترا ٽِپي ڳاڙها ٿي پيا آهن.
۽ بهار جي ڪورٽ ۾ ڪيس داخل ڪرائي انصاف لاءِ اتاولا نظر
اچي رهيا آهن،
جڏهن تہ نفرتن جي اُگھاڙي نظر هر روز طنزيہ ٽهڪ ڏئي تماشائي
بڻجي تضاد وڌائيندي ٿي رهي.

- آهي ڪو اهڙو انسان؟!
جيڪو وقت جي خوني هٿن مان خنجر کسي،
تازي لڳل رت جا نشان ڌوئي،
اُجرائپ جو احساس ڏياري
امن ۾ اضافو آڻي.!

- آزاديءَ جي راهہ ۾ نڪتل سنڌ جو هر سپنو
روز ديش دروهين جيئان ماريو ويندو آهي.!

- اي سنڌ!
جڏهن بہ تنهنجي سورن کي سهيڙڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم،
تہ قلم جي زبان سهڪڻ لڳندي آهي،
۽ آڱريون بہ سگھہ وڃائي ساٿيون ٿي پونديون آهن!.....





- اي خالقِ ڪائنات!
اُن ڳُڪ کي ڪڏهن بہ سائو نہ ڪجانءِ!
جيڪا پنهنجي پاپ کي لڪائڻ لاءِ معصوميت جي سُندر گُل کي
ڪوڙهہ جهڙي ڪچري جي ڍير تي بيدرديءَ سان اُڇلائي پاڻ آزاد
ٿي ويندي آهي.

## اڄ

- اڄ بہ ذليل حرڪتن جي هُل ۾
پيار جون حُسناڪيون هرڻين جيان هيسجي جان بچائڻ جي جاڳ
۾ جَلي رهيون آهن.

- اڄ بہ داڻي جي تلاش ۾ نڪتل جهرڪي خود ٻُڪايل ۽ وحشي باز
جي چُنبن جو گراهہ ٿي وئي آهي!

- جيڪڏهن زمين کي زبان هُجي ها تہ!
هر بيگناهہ دفن ٿيل لاش جي دل جو درد کولي،
ڪميٽين جو مُنهن ڪارو ڪرڻ ۾ ڪا بہ دير نہ ڪري ها.

- هن بدذوق دور ۾ محبتن جي مُرڪ جو زندهہ رهڻ يقينن ڪنهن
معجزي کان گهٽ نہ آ.

- اڄ تہ توکي پيار جو پاڪُر پائي مُحبتن جي ميتا ڏيان!

- دلين جي درد کي عشق جو احساس ئي چاٽي سگھندو آ!

هن منهن روٺ بي سُڌ روحن کي ڪهڙي خبر ته مُرڪ جو مري وڃڻ
ڪو گهٽ سانحو نه آهي!.

- الئه چو عورت جي اکين ۾ عشق جو مُرڪندڙ احساس مَڌ جي پريل
پيالي جيان پيو لڳندو آ!

- بارش ۾ پنل جسم جي جوانيءَ تي،
چولي جا ڇُهتيل چپ ڄڻ ته ڪا وڏي پياس پيا اُجهائيندا آهن!.

- وقت جي ٻانهن مان ڄڻ ته چاهتن جا چوڙا ٽُٽي ٽُڪرا ٿي پيا آهن!
تڏهن ته نفرتون روحن تي روهنبڙا وجهي روز نئون ماتم برپا ڪري
ڇڏينديون آهن.

- تون مومل جهڙو مند منڊي منهنجي مُحبتن کي ڪڏهن به آزمائش
جي اکين سان نه ڏسجان!
متان آئون راڻي جيان توکي ماڻڻ کان پوءِ به رُسوائيءَ جي راتين ۾
رُئندو ئي رهجي وڃان!.

## نم جي ڇانوءَ

- تون ته قيمتي ۽ نرم بستري تي به لُڇندي ٿو راتيون گُذارين،
هو ڏس نم جي ڇانوءَ هيٺان پوڙهو ڪيڏي نه سڪون واري ننڊ سُتل آهي!.

- هل ته هن درد جي ڏوڙ مان اُٿي ڪٿ مُحبت جي ڪا موسيقي ٻُڌون!





- ماڻهو پئسو حاصل ڪرڻ لاءِ ته ايمان به وڪڻي ڇڏيندا آهن،
پر الئه چو گٽر ۾ ڪري پيل تازي گُلاب کي کڻڻ کان ڪيٻائي
ويندا آهن!؟

- هر دل کي درد جو سُرو لڳل آ!

- بدبوءِ مان پريل گٽر جهڙي سماج مان آخر ڪهڙي سُناڻيءَ جي اُميد رکجي؟
- محبت جون موسمون ڄڻ ته وڪيشن تي ويل هُجن،
۽ درد وڏي دهشت سان دلين مٿان ڏاڙا هڻي هر خوشبوءَ ٿيل خواب
کي بي خوف ٿي ڦيلي رهيا آهن!؟

## لاوارثي

- لاوارثيءَ جي لاش کي آخر ڪهڙي قبر ۾ دفن ڪجي،
جو هر مُئل دل به ڏڙڪي وارثيءَ جي وضاحت جا در کولي ڇڏي.

- آئون ته موئن جي دڙي ۾ دٻجي ويل اُن دلبريءَ جي دانهن آهيان
جنهن جي هر آس عشق جي اُپ کي ماڻڻ کان اڳ ۾ ئي مري وئي
آهي!

- پنهنجي پڳ کي بچائڻ جي چڪر ۾،
هاڻ ته اسان کان سُتڻ جا سَر ئي وِسري ويا آهن!

## عورت

- عورت سان سينو تاڻي ڳالهائيندڙ مرد ۾ ڪنهن به قسم جي شعوري

مڙدانگي نہ هوندي آ!

- عورت کي فقط عياشيءَ جو اڏو سمجهندڙ نادانو!
عورت سڪون جي سلامتيءَ جو گهر آ!
عورت عشق جي عبادت جو آغاز آ
عورت روح جي تازگيءَ جو راز آ
عورت پيار ڏي پاڪائيءَ جو پنڌ آ
عورت جذبن ۾ جماليات جو احساس آ
عورت اُميد جي اُجرائپ جو آڪاس آ
عورت بهار ۾ تازو ٽڙيل گُلاب آ
عورت موتئيءَ جي مهڪ جو شباب آ
عورت روهيڙي جي گُلن جو گس آ
عورت جوبن رُت جو اَمرت رس آ
عورت باک جو پنل پورو بدن آ
عورت ايمان ۾ اڻ کُٽندڙ امن آ
عورت کي مُحبتن جي نظر سان ڏسندو تہ سڀ ڪُجهہ آ.

- پٽائيءَ جي روزي مٿان رُلندڙ ڪبوتر طنبوري جي تارن جو رقص ٻڌجي ويا آهن
يا سُر ڪيڏاري جي درد ناڪ ڪهاڻيءَ کي ڳالهين ۾ ڳائي رهيا آهن
اندازو لڳائڻ ڏاڍو ڏکيو ٿي پيو آ!

- قلندر جي ڌمال تي نچندڙ بي باڪ عورت جا احساس وجد جي ڪيفيت ۾ اچڻ کان پوءِ نينهن جي پاڪ نديءَ مان وهنجي وڻندا آهن.





- دوستيءَ تي وڏي دعوي ڪندڙ دوستو!
اچو ڪُجهہ اسان جي پُٺيءَ تي ڏنل ويساهہ گهاتين جي خنجرن جا چهڪ بہ تہ ڏِسو!

## نادانو

- اعتراض جون اکيون ڦاڙي نهارڻ وارا نادانو!
مڃون ٿا تہ تاريخ ۽ تهذيب جي وارثيءَ جون واڳون اسان اديبن جي ئي هٿن ۾ صدين کان سنڀاليل آهن!
پر ڪُتن جا ننهن لاهڻ ۾ تہ اوهان بہ گهٽ نہ ڪري ڏيکاريو آ!

- ها مونکي مرڻ جو ڪو بہ ڏُک نہ آهي!
پر توسان نہ ملڻ جو وڏو درد آهي!

- الئہ ڇو دل گمان ۾ غوطا کائڻ لڳندي آهي تہ!
گنگا ۾ ڌوتل هر گناهہ پوتر ٿي ويندو آهي
يا ويتر گُناهن کي جنمڻ لڳندو آهي..!؟

- هر يتيميءَ کي سهارو ڏئي سڏڻ وارا هٿ ڇڻ تہ ڪُلهن کان ئي ڪپيل هُجن!

## تضاد

- جڏهن بہ تضادن جي ٽٽل زمين تي سڪون زبان ڪيڏي سهڪڻ لڳندا آهن

ته مُحبتون مايوسين جو موت ٿي وينديون آهن.
نيڻ لُڙڪن جا لاش بڻجي ويندا آهن.
اُميدون اُجاڙ جي اُس ۾ اونڌي مُنهن ڪري پونديون آهن.
احساس خوشبوءِ کان خالي ٿي ويندا آهن.
دلين کي درد جا دُورا وڪوڙي ويندا آهن.
۽ وياڪلتائون روحن تي روهنبڙا وجهڻ لڳنديون آهن.
پر پوءِ به الائه چو تضادن کي طلاق ڏيڻ بجاءِ نوازش سان نڀائڻ واري ڪم کي وڌيڪ ترجيع ڏني ويندي آهي؟

- اڃو ته اُهي آئينا ئي ٽوڙي ڇڏيون جن ۾ ڪو اُجرائپ جو عڪس ئي ناهي!.

- اڄ ته ڳالهين جا ڪئين ڳوٺ ڪولي!
محبت جون ڪي مچ ڪچهريون مچائيون!

- خواريءَ جا ته ڪيسا ايڏا وڏا هوندا آهن جيڪي پرجڻ سان به نه پرجي سگهيا آهن.
پر شرافت لاءِ ته سمجهه جو اشارو ئي ڪافي هوندو آهي!

- ٻُڪ ۾ پيها ٿيل پوڙهي عورت جا نيڻ،
اڄ به پنهنجي وڃايل پُٽ جي وارثيءَ واري ويڙهه کي زنده رکيو اچن.

- دوستيءَ مٿان طنز يه ٿهڪ ڏئي کلڻ وارن مُئل جذبن کي کهڙي خبر!





ته عارب لوهار جا احساس ڪيڏي نه وڏي امرتا ماڻي چُڪا آهن!.

## چنڊ

- تون گهر کان ٻاهر اڱڻ تي پيپل کٽ تي نه سمهندي ڪر!
چو جو رات جو چنڊ تنهنجي چهري ڏي ٽڪ ٻڌي ايئن پيو چتائيندو آ
جڻ ته ڪو چرپڻ جو دورو پيو هُجيس!.

- آزاديءَ جي پيشانيءَ کي چُمڻ وارا چپ ڪڏهن به ماٿ جي ميراڻ ۾ مرڻ لاءِ تيار ئي نه ٿيندا آهن.
- هاڻ ته اسان ۾ مٽي تي تغاريون کڻي مزدوري ڪندڙ عورتن جيتري به مُڙسي ناهي رهي،
پر پوءِ به الائه چو چاپلوسيءَ جو چاڪليٽ چٻاڙڻ ۾ ڪو به شرم محسوس ئي نه ڪندا آهيون!

- بيوفائيءَ جي بازار ۾ وفا جو واڻڙو ٿي وڃڻ ڪا نئين ڳالهه ناهي.

- اڄ تنهنجي چهري جي چانڊاڻ گهٽ پئي نظر اچي،
چا نڪ مان قلبيءَ جو چنڊ ته نه ڪري پيو اٿئي!؟

## تڙپ جو تيزاب

- سادگيءَ جي لباس ۾ ويڙهيل منهنجي سنڌ!
تنهنجي سڪون جي چهري مٿان ڪنهن تڙپ جو تيزاب هاري
رونقون لُٽي راحتن جي نيڻن کي لُڙڪن جي لار ڏئي ڇڏي آهي.

- امرتا پريتم جي ناول "هڪ اُداس ڇوڪري" جا نيڻ بہ نماشام جي ناسي رُت جهڙا ٿا لڳن.
جنهن جو پيار پُڇتاءُ جي پنڌ ۾ چنڊ کي ڳوليندي رُلي اُماس رات ٻڻجي چُڪو آهي.

- زندگيءَ جي طنبوري جي تند ساهن جي سرگم سان الائہ ڪهڙو سُر ڇيڙي رهي آهي؟ ڪا خبر ئي نٿي پوي!؟

- تلخ لهجن جي زبان جو زهر نفرتن کي نپائي جوان ڪري خوشين کي درد جو موت ڏئي ڇڏيندو آهي.

## درد جو قسم

- نسيمان جي نيڻن مان وهندڙ هر لُڙڪ جي درد جو قسم.
جياپي جا سيئي جذبا مُئل محسوس ٿي رهيا آهن.
حوس کي هٿي ڏئي همت سان جياريو پيو وڃي،
سڪون جي سيني ۾ ڪيئن سور ستيا پيا وڃن.
اَمن درد جي پيرن هيٺان اچي دربدريءَ جي دز ۾ ميرو ٿي پنهنجي اصل شڪل وڃائي ويٺو آهي،
خوشيءَ جي چهري تان مُرڪن کي لُڙڪن جي روهنبڙن سان لاٿو پيو وڃي.
جڻ تہ نيڻن کان بہ خوابن جي خوبصورتي رُسي پري هلي وئي هُجي.
مايوسين جي مُک تي ڪابہ مهڪ جي موسم تهڪ سان ٽڙيل نظر ئي نٿي اچي،





وشواس وياڪلتا جو ويس ڍڪي واويلا جي ورد ۾ مصروف آهن.
وحشتن جي واچن مان معصوميت جو خون وهي رهيو آهي.
نفرتن جي نيڻن ۾ ڪابہ تبديلي نظر ئي نٿي اچي،
چاهتن جا چنڊ گُمناميءَ جي گرهڻ ۾ گهيرجي ويا آهن.
عزتن جي اُگهاڙپ جا اشتهار بي حيائي جي بازار ۾ بي خوف ٿي وراهيا پيا وڃن.
مائرن جي مٿن تان لاٿل پوتيءَ جي پوئيواري ڪرڻ لاءِ ڪوبہ جذبو جوش جي جاڳ سان نظر ئي نٿو اچي!.
آخر ڪهڙي اُميد رکجي اُن قانون مان،
جو جڻ تہ ڪچريءَ جي ڪوٺي تي ويٺل اُن وئشيا جيان لڳي رهيو آهي،
جنهن وٽ هر اُميد رکي اچڻ واري گراهڪ کي خوش ڪيو ويندو آهي.
پر سنڌ جي نياڻين جي لُٽيل لَڄن جي اُگهاڙي جسم کي ڪوبہ انصاف جي آٿت جو لباس پهرايو نہ ويندو آهي.

- سوچ جي سوڙهين گهٽين مان تہ هميشہ گُمراهين جا ئي گس نڪتا آهن.
- سخاوت جي سيني کي بہ دليون هونديون آهن،
جن اندر ڪنهن پي لالچ جي ڏڙڪ جو درڪُليل نہ هوندو آهي.

- ستارن جي سيج تي صدين کان آرسون موڙيندڙ چنڊ،
ڇا تون بہ ڪنهن ڌرتيءَ جي چنڊ جي تلاش ۾ تہ ناهين؟
جي آهين تہ پوءِ خيال ضرور ڪجان،
متان توکي بہ پيار جي جرم ۾ ڪارو ڪري بندوق جي فائر سان

ماريو نه وڃي!

- ها اڇو مونکي به منصور جيان دار تي چاڙهيو!
جيئن آئون به عشق جو اَمر احساس بڻجي ساک جي سيني ۾ هر هر سَرجندو رهان.

- قلم جي اکين مان ڪرندڙ ڳوڙها آخر ڪهڙي درد مان نظم نپوڙي رهيا آهن، ڪا خبر ئي نٿي پوي!

- ذليل حرڪتن جي بي تحاشا تپش ۾ سارا شگفته جا سمورا سُندر سپنا سڙندي به موت جي ڪا نه مرندڙ ماجرا بڻجي ويا آهي.

## امرتا پريتم

- ريل جي پٽڙيءَ تي پيل سارا شگفته جون ڪپيل ٻانهون آهن،
يا امرتا پريتم جي اکين مان ڪريل به گرم ڳوڙها!
اندازو لڳائڻ ڏاڍو ڏکيو ٿي پيو آ!.

- گينگ ريپ ۾ مري ويل هر معصوم ڇوڪريءَ جا خوشبوءِ جهڙا خواب،
خواريءَ جي ٺوڪريءَ ۾ ڪٽي بازار ۾ ته بيهاريا ويندا آهن!
پر اُن وقت وحشي درندي جي مُنهن تي بي شرمائي جا پوندا ڪو به مَلڻ لاءِ تيار ئي نه هوندو آهي!، آخر ڇو!؟...

- اياز!
آخر ڪهڙي اُميد رکجي اُن شهر مان شرافت جي!





جنهن جي چونڪ چونڪ تي چَڪلي جي بازار جهڙو بي ڍنگو هُل مَتل آ!.

- هر حقيقت جي نيٽن ۾ خوشبوءِ جو جوان خواب سمايل هوندو آ!.

- مڌ جي پيالي ۾ پيل تنهنجو خيال اڄ به سرورن سان سُرڪجي رهيو آ.

- ڏس ته ڪيڏي نه پيار مان پوپٽن جا پَر به گُلن جي ڳلن ڪي پيا ڳڙاٽڙيون پائين!
پر پاڻ اڃا تائين پُڇتاءَ جي پنڌ ۾ اڪيلا ءِ اُداس رهجي ويا آهيون.

- ڳوٺ جي الهڙ ڇوريءَ جي ڇاتيءَ جا ڇال بسنت جي باک ڪي به بي سُڌ بنائي وجهندا آهن!.
- اکين ڪان نابين عورت جا جوان خواب خاموشيءَ جي خلا ۾ روز خودڪشي ڪري معزوريءَ جو موت ٿي ويندا آهن!

- آهي ڪو اهڙو جذبو جيڪو ٻُڇڙائيءَ جي مُنهن تي ٻُجو رکي هر دل کي آٿت جو اهڃاڻ ڪُتندڙ احساس ڏياري وحشتن جو ساهه سوڙهو ڪري وجهي!؟

## عشق جي بارش

- هيءَ اُها عشق جي بارش آهي!
جنهن ۾ پِٽائي به پيجي نوان سُر سَرجڻ لڳو هو
ءِ شيخ اياز به اُميد جي آسمان ۾ نينهن پريل نگاهن جهڙا نظم نِکارڻ لڳو هو.

ها ايئن آئون بہ ان عشق جي بارش ۾ ايترو تہ پجي ويو آهيان جو هاڻ واپس ورڻ جو ڪو گس نظر ئي نٿو اچي.

- ايئن تنهنجي رُسوائي منهنجي روح کي نهوڙي وجهندي آهي،
  جيئن ايمبولنس جي برندڙ بتي ڳوٺن ۾ حادثاتي هُل مچائي چڙيندي آهي!

- ڪچريءَ جي ڪوني تي ويٺل عورت جي اکين ۾ ڪنهن بہ قسم جي خوبصورتيءَ جو خواب الئہ ڇو نظر ئي نہ ايندو آ!

- سچ جي آئيني ۾ پنهنجي اُگهاڙپ جو عڪس ڏسڻ لاءِ تہ ڪوبہ تيار ئي نہ هوندو آ،
  باقي ڪنهن بہ ٻئي جي شرافت جي بدن تان لباس لاهڻ ۾ تہ دير ئي نہ ڪئي ويندي آ!

- هر دور جي دل ۾ درد جو ماتم برپا رهيو آهي.

- هر سار ۾ پنهنجو سور سمايل هوندو آهي.

- مان محبتن جي مندر ۾ رکيل اُهو ڏيئو آهيان،
  جنهن کي رُسوائيءَ جون رُلندڙ هوائون سالن کان وسائي ويون آهن.!

- ڇا رات جي ڪاري چادر ۾ لڪي روئندڙ روحن کي چاهتن جي چانڊوڪين کان مليل ڇهڪ هوندا آهن!؟.





- هر موسم جي اکين ۾ مهڪ جو مڌ پريل هوندو آ!.

- هر خوشيءَ جي دل ۾ خوبصورتيءَ جو خيال هوندو آ!.

- سامايل اکين جا سُندر سپنا تہ هر هر آرسون موڙيو پيا عشق ارپيندا آهن.
  پر پاڻ الئہ ڇو اڃا بہ خاموشين جي خزائن ۾ پن ڇڻ جيان پيلا ٿيندا وڃن.

- ڪُنوارپ آخر ڪهڙي ناول جو نڪريل ڪردار آهي؟
  جنهن ۾ رُڳو حُسناڪين جي هُڳائن جو ئي هُل مَتل آهي!.

- نا اُميدي تہ نيڻن کان ننڊون ئي کسي وٺندي آ!
  پر تڏهن بہ اُميد جي اک ۾ ڪو بہ ڳوڙهو نہ هوندو آ.

## چانڊوڪيءَ جهڙا چپ

- هر چاهت کي چانڊوڪيءَ جهڙا چَپ هوندا آهن.
  هر وڇوڙي کي وياڪلتا جو ويس ويڙهيل هوندو آهي.

- فحاشيءَ کي فيشن سمجهندڙ ماڻهو ڪڏهن بہ محبت جي مهڪ کي ماڻي ناهن سگهندا!.

- ڪميڻپ جي ڪارڻ منهن تي ملي وقت جي ٻُچڙي گڏهہ تي ويهي سفر ڪرڻ کان بهتر آهي
  تہ گُرڙيءَ جيتري پاڻيءَ ۾ نڪ وجهي مري وڃجي!.

- محبتن جي ڪا بہ موسم ناهي هوندي!.

- منافقن جي اکين ۾ مُحبتن جا خواب ڪهڙي رنگ جا هوندا آهن!.
اندازو لڳائڻ ڏاڍو ڏکيو ٿي پوندو آ!

- هاڻ تہ سنڌ جي اکين مان بہ سُرمئي جهڙا سپنا روز لُڙڪن جي لار ٻڌجي وهي رهيا آهن.!

- آئون غلاميءَ جي گسن تي هلڻ جو قائل ناهيان،
چو جو آزادي منهنجو عشق ٻڌجي چُڪي آهي.

- ڪُتي جي ڳَن ۾ ڇُهتيل ڇچڙ جهڙي ماڻهوءَ تي لکجي تہ آخر ڇا لکجي!؟.

- ڇا شيطان ۾ شرارت آهي!؟
يا ماڻهوءَ خود شيطان ٻڌجي چُڪا آهن!؟
هن دور ۾ فيصلو ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو ٿي پيو آ!.

- تُنهنجي چاهتن جي ٽُٽل چوڙيءَ جي
ڇُهنب اڄ بہ هينئن ۾ درد سان
چُڀي رهي آهي.

- مسجد جي درتي پنندڙ پوڙهي
عورت جا نيڻ بہ الئہ ڇو!؟





نما شام جي نراسائيءَ جهڙا ٿا لڳن.

## هر نئين صبح تيڻ تائين

- بانسريءَ جي بدن مان سُرن جي صدا جو سفر پيار جا پنڌ پُڇائڻ لڳو هو
۽ مُرليون بہ جوڳياڻين جي جذبن ڪي واسينگن جيان ور وجهائي رهيون هيون،
هر نگاهہ ۾ مَڌ جي خُمار جهڙو خواب جاڳيل هو هر چاتيءَ ڇُهاءُ جي احساس ڪي اڪيلي مرڻ بجاءِ اکين ۾ انتظار جا اوجاڳا اوتي ڇڏيا ها،
عشق آرسون موڙي نئين آغاز جي آسمان ۾ اُڏامڻ لاءِ آتا نظر اچي رهيا ها!.
تڏهن تہ ساپيان جي سپنن ۾ بہ ڪا سُرخيءَ جهڙي سانجهہ مُرڪي هُئي ۽ من ۾ محبتن جا ڪوڙ خيال جاڳي خوشيءَ جي سيج تي سُهاڳڻ جي ڪُهنبي ويس ۾ ويڙهجڻ لڳا ها!
سا ساپيان جنهن پنهنجي مذهب ۽ رَت جي رشتن کي بہ رات جهڙين رُسوائين ۾ روئندو ڇڏي پنهنجي عشق کي امر بنائڻ واري وچن سان وفا ۾ ويڙهي ورتو هو
۽ پنهنجي نئين مذهب جو رکيل نالو "سنڌو" سڏرائڻ لڳي هُئي،
يقينن اُن سنڌوءَ جي چاتي جي چولين جو رقص پيي حقيقي سنڌوءَ جي جوان لهرن کان گهٽ نہ هو
سندس هر ادا ۾ جوڀن رُت جي گُلاب جو رَس پريل هو ۽ سندس چَپن جي جسم تان اُڏامندڙ ٽهڪ بہ محبوبيت جي گيتن جو ڪو نِکار ٿي لڳا، جن ۾ ڪنهن بہ بيوفائيءَ جي بازار جو عڪس نظر ئي نٿي آيو!.

ها سا ساپيان!؟

ساپيان جي لُٽجڻ کان وٺي سنڌو جي نئين سفر تائين الئہ ڇو اُن ماڻھوءَ کي رڳو من جي مُرڪ سان ئي ڏسندي رهي،

پر ڪڏھن بہ اُن جي دلاسن ۾ لڪيل دغا جي درد کي محسوس ئي نہ ڪري سگھي هئي.

ڇو جو پاڻ هڪ اُھو عشق بڻجي چڪي هئي جنھن کي اُجرائپ کان سواءِ ٻيو ڪُجھہ بہ نظر ئي نہ ايندو آ!

ها اَها تہ ھُئي سنڌو جي ساک جي سرمدي!

پر اُن ٻي دل ماڻھوءَ جي مُنافقين جو ڪو بہ هڪ روپ نہ هو،

سندس هر ويس وحشتن جي وضاحتن جھڙو هو! تڏھن تہ سنڌوءَ جي اڻ ڇُھيل پيار جي حُسن مان سرور جون سُرڪيون ڀري حوس جي اُڃ اُجھائڻ کان پوءِ هڪ نئين زندگيءَ کي زهر بنائڻ لاءِ پاڪُرن ۾ ڀري ورتائين.

يقينن اُن ماڻھوءَ جو اهڙو هر ڪردار سنڌ سان غداري ڪندڙ اُن ٻي ضميرن کان هرگز گھٽ نہ آ, جن جا جذبا مُئل ماڻھوءَ جي بدبوءِ دار لاش کان بہ ابتر هوندا آهن!

۽ سنڌو اُن ذهني نامرد ماڻھوءَ مان بہ نياڻيون ۽ هڪ پُٽ ڄڻڻ کان پوءِ تلخين جي ٻرندڙ آويءَ ۾ ٻَچي طلاق جيان ٽي وئي آهي.

سندس سڪون زندگيءَ جي صحرا ۾ واچوڙن جيان اُڏامي پَن پَن ٿي دربدريءَ جي ڏوڙ ڏي ڏڪجي ويا آهن! ۽ سندس جوانيءَ جا جلترنگ رنگ جيڪي آرهڙ جي اَسُر ۾ بہ ستارن کي سهڪائي وجھندا ها!

سي اڄ لاوارثيءَ جي لُڪن ۾ لوساڻجي ڪرب ناڪ ڳالھين جي ڳلن جا لُڙڪ بڻجي ويا هن!





ٻُڌو اٿم تہ اُھا سنڌوءَ هاڻ يتيم احساسن جھڙن پنھنجن معصوم ٻارڙن جي پيٽ ۾ بانبڙا پائيندڙ بي رحم بُک کي پُرڻ لاءِ پنڻ جي رستن تي رُلندي رهي ٿي!

جڏھن تہ سندس باقي بچيل جواني بہ ڪنھن شراب جي ڀريل گلاس کان گھٽ نہ آهي!

پر پوءِ بہ پنھنجي عشق جي عظمت کي پاڪ رکڻ لاءِ پنھنجي جوان جسم تي ڪنھن بہ پليتيءَ جو پاڇو پوڻ ئي نہ ڏيندي آهي!

۽ سڄو ڏينھن زماني جي ذليل زبانن جا اُگھاڙا اکر ٻُڌندي بہ پنڻ واري هٿ کي هيٺ نہ جُھڪائيندي آ.

ڇو جو اُنھن ئي پئسن مان پنھنجن ٻَچن جي ماني ۽ پنھنجي لاءِ سستن سگريٽن سان گڏ چرس پيئڻ جي مجبوري بہ سَر تي سوار هوندي اٿس!

سا سنڌ جي اُجڙيل سونھن جھڙي سنڌو سڄي رات سستن سگريٽن مان دونھين دُکائي دل جي درد کي ڪُجھہ لمحن لاءِ نشي سان ننڊ ڏيڻ جو سوچي وڏن سورن سان سوٽا ڀريندي سڙيل سگريٽن جيان سڙي خاڪ ٿي پوندي آهي، هر نئين صبح ٿيڻ تائين!

- حقيقت کان وڏيڪ ٻيو ڪو بہ حُسن ناهي!
- جيڪڏھن نفرتن جا نيڻ ننڊ سمھي پون،

تہ مُحبتون مُرڻ جي مُند ڏي ڏڪجڻ جو نانءُ ئي نہ وٺن!..

- اڄ بہ انتظاريءَ جي اُس ۾ بيھي تڙپ جي ماتم سان تنھنجي رُسوائيءَ تي نوحا پڙهيا اٿم!
- زندگيءَ ۾ جيڪڏھن پيار نہ هُجي ها تہ شايد انسان کي درد جيئڻ ئي نہ ڏي ها...!

## اڌ ڪپيل پانهن

- ماڻهو جا احساس روئن يا مُرڪن تنهن سان ڪو بہ فرق نٿو پوي...!
پر جڏهن بہ جنگ ۾ ڪنهن معصوم ٻار جي اڌ ڪپيل پانهن اخبار جي مين سُرخيءَ جي جاءِ والاريندي آهي!
تنهن وقت لازمي امن جي اکين مان رَت جي گرم ڳوڙهن ڳلن جي پهاڙن تان پاڻ کي هيٺ اُڇلائي خودڪشي ڪري ڇڏي هوندي...!!

- ڇا تو ڏسڻ چاهين!؟
منهنجي تہ نيڻن ۾ پيار جي مُئل خوابن جو مزارون اڏيل آهن!
۽ هاڻ اُنهن تي ڪو بہ پيار جي مُرڪ جا ڦُل پڙهڻ وارو بہ ناهي رهيو...!!

## ڇُميءَ جو درد

- ڇپن ڪان وڇڙي ويل ڇُميءَ جي درد کي ڪهڙن احساسن سان آٿت ڏجي ڪا خبر ئي نٿي پوي..!
- مري ويل مُحبتن جا روح روز راتين جو روئي ڳُلن مٿان ماڪ جهڙا لُڙڪ ڇڏي ويندا آهن!
جنهن کي محسوس ڪرڻ لاءِ تہ فقط محبتن جي مُرڪ ٿيڻ ئي ڪافي آهي...!

- مُڪمل انسانيت جي دعوي ڪندڙ انسان...!؟
تو ڪڏهن پاڙي ۾ غربت جي نربل ڇُلهہ جي جسم کي مانيءَ جي تانڊي سان گرم رکيو آهي...!؟
- شايد تنبوري جي وڄندڙ تارن ۾ بہ سنڌ جي درد جو سُر سمايل آ؟





جيڪو صدين کان وٺي صدِا سنڌ چوندو پيو اچي...!!

- هيءَ ڌرتي بہ الاءِ ڪڏهن پنهنجي سينڌ ۾ آزاديءَ جو سنڌور پائيندي!؟
جنهن کي ڏسڻ لاءِ من هر وقت ماندو ٿي رهجي ويندو آهي.

- پُسيل جسم تي ڇهتيل سنهڙي چولي مان اُپريل اُرها جڻ تہ اکيون پيچندا هُجن...!؟

- مون تہ هر وقت تنهنجي اکين ۾ عشق جو آسمان ڏٺو آهي،
۽ انهيءَ ئي عشق جي آسمان جي چانوءَ ۾ پاڻ کي پسيو آهي..!!

## ايف آءِ آر

- بي هودي وقت جي هر وحشي صُبح تي،
ڪنهن معصوم ڇوڪري سان ٽيل گينگ ريپ جو ايف. آءِ. آر ڪٽيل هوندي آهي.

- شل سدائين ڳَٽن جي ڳوٺ ڏانهن ڇُمين جو پنڌ جاري هُجي..!

- ظُلم جي انتها ڏسي ڪڏهن ڪڏهن آسمان بہ روئيندو آهي
۽ پاڻ اُنهي احساس کي بارش چوندا آهيون!

- روئڻ سان روح جون راحتون مرنديون آهن!
کلڻ سان خوشين جا گُلاب ٽڙندا آهن!
۽ ملڻ سان مُحبتن جا مَن مهڪندا آهن..!

- چنڊ ڏي اُڏامندڙ چڪور چاهتن جي انتها جو آغاز ٿو لڳي!
ڇ شايد چنڊ جي اکين ۾ پيي چڪور جا ئي خواب آهن!

- پيار جي معصوميت کي ڳوليندي ٿڪجي پيل وحشتون ڪُتي جي سهڪندڙ زبان جيان سهڪي رهيون آهن!.

- آئون تنهنجي پويان پيار جون ته چا پر درد جون نمازون به پڙهڻ لئه تيار آهيان...!

- پنندڙ پوڙهي فقيرياڻيءَ کي خُدا جي نالي تي خيرات ڏيڻ بجاءِ معافيءَ جو چيو ويندو آهي،
پر جوان پينو ڇوڪريءَ جي پوري جسم کي تڪي ۽ ڇاتيءَ مٿان حوَس جي نگاهن جون آڱريون ڦيرڻ کان پوءِ سيٺ مُرڪي عياشيءَ جي احساس ۾ ٻُڏي وڏي خيرات ڏيندا آهن.!
- هاڻ ته چاهتن جي ڇڳن مان بي حُرمتين سٽ ڏئي سونهن جا گُلاب ئي پٽي ورتا آهن!.

- زندگي درد جي زهر جا ڪافي ڍڪ پي وئي آهي،
اجا به الئه ڪيترا ڍُڪ پيئڻا پون ڪا خبر ئي نٿي پوي!؟

- گهاٽي ۾ پيڙهجڻ وقت مخدوم بلاول جي هڏن سان گڏ چپن جو مُرڪڻ،
ڄڻ ته سنڌ جي درد سان عشق جو مضبوط دليل ٿو لڳي!.





- آئون سنڌ لاءِ سوليءَ تي چڙهي مرڻ لئه تيار آهيان..!!
پر منهنجي هن سنهي ڳچيءَ ۾ ڪڏهن به موقعي پرست سياست جو ٽُلهو ڦندو وجهي بيوقوفيءَ جي بازار ۾ لٽڪائڻ جي ڪوشش نه ڪجو.!

- اقتدار جي ڪُرسيءَ تي ويهي وحشتون مُفلسيءَ جو ماس چٻينديون آهن!

- ڪُجهه گهڙيون سامهون ويهه ته پيار جي قضا ٿيل پهرن جون نمازون پڙهي وٺان...!

- نيڻن جي ڏوليءَ مان جوانيءَ جي ڪُنوارپ جا براقيل خواب پيار جو ڪانڌپو ڳولين ٿا..!

- روشنيءَ جي شهر کي ڪهڙي خبر!،
رات جي روح کان چنڊ جي چانڊوڪيءَ جا قصا پُڇجن ته بهتر.

- وحشتن جي منهن تي ڪهڙن لفظن جا پوندا رکجن!؟

- تاريخ گواهه آ!
اڄ به سنڌ پنهنجي نياڻين جي ڪپيل اُرهن جي لُٽيل عزت جي درد تي روئي رهي آ..!

- انهيءَ کان وڌيڪ اڃا بہ ڪو پيو الميو ٿيندو؟
جو غُربت هوٽل تي پچندڙ مانيءَ کي بُک جي اکين سان ڏسي
سُڪل چپن مٿان پنهنجي آلي زبان ڦيرائي بُک کي نہ پرڻ کان اڳ
۾ مايوس ٿي ماٺ جهڙي موت ۾ گم ٿي ويندي آهي..!

- فحاشيءَ جي اُرهن مان تِج سُڪي وئي آهي!
جو تہ اُنهن مٿان عياشيءَ جون آڱريون حوس جون چچريل چُميون
چڙي ويندِيون آهن..!
- آئون تہ اکين جي آسمان جو اُهو جُهڙالو خواب آهيان جنهن مان
پيار جي درد جا سوين لُڙڪ ٽا وَسن...!

- دل تہ سدائين اهو ئي چاهيندي آهي تہ دوريءَ جون ديوارون ڊاهي،
پيار جي پوٺن تي چپن جي چمين سان نينهن جا نڪور نظم لکجن

- اُگهاڙي پير تي چير جو چمڪو چُمين جا پها پيو رکندو آهي،
يا سُڏڪن جا ساز پيو ڇيڙيندو آهي،
اندازو لڳائڻ ڏاڍو ڏُکيو ٿي پيو آهي..!

- شهيد ٿي ويل مُحبتن جي ڊٺل مزارن کي اڏڻ وارو تہ ڇا؟
پر اُنهن تي تہ ڪو روئڻ وارو بہ نظر ئي نٿو اچي...!

- تکن لفظن جي تلوارن هميشہ راحتن جا روح زخمي ڪيا آهن،
پر ڏسجي ٿو تہ مُحبتن جي ميناس احساسن جي آڪاس ۾ وري بہ
چاهتن جا چنڊ اُڀاريا آهن...!





## اڄ

- اڄ بہ سرمد جي اکين ۾ اڀيچند جو عشق ڏسي وحشتون دار ڳولين
پيون..!

- اڄ بہ صُبح جي چهري تي رات ۾ بيگناهہ مارجي ويل مُحبتن جي
رَت جا ڇنڊا لڳل آهن،
جنهن جي ڪو بہ تدارڪ ڪرڻ لئہ تيار ئي ناهي...!

- چنڊ کي چاهڻ جو حق،
جيڪڏهن آهي تہ فقط اُن چڪور کي آهي!
جيڪو چنڊ مٿان فدا ٿيڻ ۾ ڪا بہ لچڪ محسوس ئي نہ ڪندو آهي!
پر عشق کي امرتا جي اُڀ ۾ ويتر جوان ڪري ڇڏيندو آهي!

- سالن کان وٺي انتظاريءَ جي اسٽيشن تي ويهڻ کان بهتر آهي
تہ!
وقت جي ريل ۾ چڙهي ڪو سُنو سفر شروع ڪري ڇڏجي!

- پيار تي پابنديءَ جو اهو ئي ثبوت آهي!
تہ رات جي اوٽ ۾ ڪنهن تازي ڪيرايل يار جو لاش ڪچري جي
ڍير تي اُڇلايو تہ وڃي ٿو
پر اُن سان گڏ هڪ معصوم انسانيت جي خون جو ڪبيرو ڏوهہ بہ
سر تي کڻڻو ٿو پوي..!!

## مدر ٽريسا

- مدر ٽريسا جي عظمت کي سلام آ!

چو تہ اُن پنهنجي سڄي زندگي يتيم ٻارن جي خدمت ۾ وقف ڪري ڇڏي،

پر جي اسان پنهنجي اُن بيورو ڪريٽرس اولاد کان محروم عورتن تي ڪا روشنيءَ جي نظر وجهنداسين تہ اُنهن جي هٿن ۾ وسڪيءَ جي بوتل!

۽ پنهنجي اُگهاڙي جسم تي ڪنهن غير مرد جي آڱرين کي عياشيءَ جي لئہ رقص ڪرڻ جي اجازت تہ مُرڪي ڏِني ويندي آهي!

پر ڪنهن يتيم ٻار کي سيني سان لڳائي ماءُ جهڙو پاڪ رشتو ڳنڍڻ کان پاسو ڪيو ويندو آهي..!

- صبح جي اکين ۾ امن جو پيغام الئہ چو مونکي اُن مري ويل معصوم ٻار جي لاش جيان پيو لڳندو آ؟

جيڪو ماڻهن جي نظرن جي چوراهي تي تماشي جو ڏيک ڏيئي کُليل اکين جي خاموش اشارن سان پنهنجي وڃائجي ويل وارثيءَ کي پيو سڏيندو آ..!

## درد جا نشان

- زندگيءَ جي جنازي جو ڪفن کولي جڏهن بہ مري ويل مُرڪ جي چهري تي ڪا پيار ڀري نظر ڊوڙائي اٿم...!

تہ مونکي خوشيءَ جي منهن تي درد جي روهنڊڙي جا وحشي نشان نظر آيا آهن..!





- جڏهن بہ تاريخ جي ورقن کي کولي پڙهيو اٿم:

تہ مونکي سچ جي اکين ۾ ڪوڙ جي قلم جي ڇُهنب ڇُپيل نظر آئي آهي!

- منهنجن نيڻن جي مري ويل خوابن کان ڪڏهن بہ ڪو روئڻ هارڪو سوال نہ ڪجو!

چو تہ اُنهن وٽ هاڻ روئڻ لاءِ ڪو بہ لُڙڪ ناهي بچيو!

- تون بہ خُدا جي جُڙيل تخليق

۽ مان بہ!

پر الائي چو اُهو سڀ ڪُجهہ مون ۾ ناهي!

جيڪو تنهنجي هڪ ادا ۾ تو پسجي..!

- حُسن هميشہ حوس پرستن حوالي ٿيندو رهيو آ

۽ حُسن جي عبادت ڪرڻ وارا فقط اکين ۾ مايوسيءَ جا لُڙڪ سمائي عشق جي درد جون نمازون پڙهڻ ۾ مصروف رهجي ويندا آهن.

- اُماس رات جي تنهائيءَ تي ڪڏهن بہ ڪا طنز ڀري آڱر نہ کڻجو!

چو تہ اُن ۾ پيار تان شهيد ٿي ويل پريمين جا روح موجود هوندا آهن!

- نٽي جي بازار ۾ سرمد ۽ ابيچند جي عشق جو چرچو تہ چوٽ تي چڙهيل آهي،

پر الاءِ چو!؟

ڪجهہ سال اڳ انهيءَ ئي بازار ۾ درويش ۽ اگهاڙي گهمندڙ اُن عورت جو ذڪر ڪو بہ ڪالم نگار قلم جي نوڪ سان تاريخ جي سيني

تي اُتارڻ لاءِ تيار ئي ناهي...!

• ڪڏهن به درد جي راڪاس جون ڳالهيون اُن محفل ۾ نه ڪجو جت پيار جي دلين جا معصوم يار روبرو گُفتگو ڪندا هُجن!

• حُسن جي تعريف کي ڪڏهن به ماٺ جي مايوس موسم هٿان پيلجڻ نه ڏجو...!

## وساميل چُلهه

• ماڻهو چون ٿا ته هو شخص سنڌ جي عظيم ۽ ناليوارن شاعرن مان آهي!،
هاو پر منهنجي نظر ۾ ته اُهو هر مُفلس شخص عظيم آهي،
جيڪو سڄو ڏينهن لوهي اوزارن سان ٽتل اُس ۾ پٿر ٽوڙي ۽ تن کي پاهوڙيءَ سان ميڙي،
پگهر مان شل ٿي شام ويلي پورهئي جا پئسا وٺي پنهنجي گهر جي وساميل چُلهه کي روشن رکي ٿو..!

## سوڳ

• اسان کي ته ڪنهن تازي ڇڻي ويل گُلاب تي به سوڳ ڪرڻ جو حق ئي ناهي!
۽ هو پاڻ اقتدار پسند ماڻهو ايوانن ۾ ويهي سنڌ جي سوديبازي جي ڳالهه ڪندي وڏا ٽهڪ ڏيندي شرم ئي محسوس نه ڪندا آهن.!

• اسان سنگتراش جي هٿن سان تراشيل مورتيءَ جي تعريف ته دُنيا





جي مجسمن کان پيي وڌيڪ ڪندا آهيون.
پر الله جو اُنهي ئي سنگتراش جي چچريل هٿن کي ڏسندي ئي اسانجا هانوَ ڪچا ٿي پوندا آهن!

## عشق جو درياهه

• اي عشق کي امام جو ناءُ ڏيندڙ عاشقو!
اوهان اُن سهڻي جي غلامي قبول ڪري وٺو ته بهتر ٿيندو!
جيڪا عشق جي درياهه ۾ ڪچي گهڙي سان ڳڙ لهرن جي اُڇلن سان وڙهندي سير ۾ ساهه جي تند کي ته ٽوڙي ويئي،
پر ميهار جي اکين جي عشق کي ويتر حيرت جي ڪُنن ۾ ٻوڙي ويئي..!

• چو نه چَپن جي ماٺ جي ميري بدن تي مُرڪ جون شفاف چُميون ڏئي پيار جي موضوع تي ڳالهائجي..!

• وقت جي فضول ۽ واهيات موضوع تي بحث ڪرڻ کان بهتر آهي ته زبان تي سانت جو تالو لڳائي ڇڏجي...

• حُسن جي بازار ۾ جسم جي خيرات ڪندڙ اُن غريب عورت جو هيسيل چهرو!
هن اُجري سماج جي منهن تي لڳل پوندي کان گهٽ ته نه آهي..!

## مجازي خُدا

• ڳٽر جي ڪيڙي جيتري اهميت رکندڙ هم جنس پرست انسان!،
تو ڪڏهن اُن عورت جي باري ۾ سوچيو آهي؟

جيڪا توکي پنهنجو مجازي خُدا بنائي ويٺي آ..!

- دل تہ اهو ئي چاهيندي آهي تہ:
هن نفرتن جي وحشي چهرن تي پيٽرول هاري، تيليءَ سان نہ وسامڻ واري باهہ ڏئي ڇڏجي...!

- تون منهنجي زندگيءَ جو اُهو خوبصورت نظم آهين،
جنهن کي تہ فقط آئون ئي لکي ۽ پڙهي سگهان ٿو...!!

- اي ڌرتيءَ جا چنڊ!
تون نڪ ۾ ڦُلڙي پائي گهر جي ٻاهر اڱڻ تي نہ سمهندو ڪر!
چو تہ رات جي آسمان جو چنڊ معيارون ٿو ڏي..!

- سونهن جي چنڊ مٿان رات جهڙو پيانڪ نقاب رکڻ
خُدا جي تخليق سان مذاق جي برابر ٿو لڳي..!

- مون جڏهن بہ ڪنهن مُفلس تي ٿيندڙ ظلم کي سوچ جي تارازيءَ ۾ تورڻ جي ڪوشش ڪئي آهي
تہ روح جي تڙپ جو ڪانٽو هيٺئن ۾ ڪل جيان چُپيو آهي.!

- ڪوڙ کي زبان جي رستي تي ڊوڙائي تہ سگهجي ٿو!
پر منهن تي پيئيءَ جيان هرگز ملي نٿو سگهجي..!!





## طنبوري جي تار

- بهار رُت ۾ ڇٽي ويل اُن گُلاب جي درد جو قسم..!
ٽُنهنجي پيار جي سار جون آڱريون اجا تائين منهنجي دل جي طتنبوري جي تار کي، ڇُهاءُ ڏئي اُن محبت جي محفل ڏي وٺي ويندييون آهن!
جت پاڻ راحتن جا راڳ ڇيڙي پيار جي جنت جا ڪي جهان جوڙيا ها..!

- مور جي ٿهوڪن سان ٻُرندڙ ۽ ڇڪڙي سان گڏ اُڏامندڙ اُن ٿر جي واريءَ جي اُڃ جو احساس ڇو نہ اُن پاڻياري کان پُڇجي؟
جيڪا چيلهہ تي گهڙو رکي ۽ مٿي تي ٻيلهڙا ٿاهي جڏهن هلڻ لڳندي آهي،
تہ ڏسڻ وارن جي اکين ۾ پيار جي اُڃ کي وڌيڪ طويل بڻائي ڇڏيندي آ..!

- پٿر جي شهر ۾ ٿا رهون..،
انهيءَ ڪري اظهار کان ڊپ ٿو لڳي،
مٿان هي نفرتن جو اُگهاڙو سماج پنهنجي پيار مٿان ڪُفر جون تهمتون مڙهي پاڻ کي ٿياس تي ٽنگي نہ ڇڏي..!

## اديبو

- ڪوڙ جي موضوع کي سچ جو لباس پارائيندڙ اديبو!
توهان آڱرين جي قيد ۾ جڪڙيل اُن معصوم ٻار جهڙي قلم کان جبري پورهيو تہ وٺون ٿا!؟

پر توهان اهو ڪڏهن سوچو آهي، تہ ادب جي عدالت ۾ اُهو قلم جو معصوم يار هڪ ڏينهن توهان تي بہ دانهيندو!

- هٿ جي پُنيءَ تي سگريٽ سان ڏنپ ڏيئي پيار جي درد کي گهٽائي نٿو سگهجي.

- اڄ بہ وقت جي مُنافق اکين مان وحشتن جو خوف جاڳي رهيو آهي! ۽ مُحبتن جي معصوم چهرن جي مُرڪ لوساتجي زرد گُلابن جان ٿي وئي آهي...!

- پيار تان شهيد ٿي ويل پريمين جي بيباڪ جذبن کي تاريخ پنهنجي سيني جي جنت ۾ جاءِ ڏيندي آهي.

- روڊ حادثي ۾ مارجي ويل پيرسن شخص جي چچريل جسم ۾ تہ سنڌوءَ جي سُڪل چَپن جيان رَت جو ڦڙو بہ نہ هو..!

- ڇا سسئيءَ جا سڏ پنهونءَ جون پُڪارون ڪٽي پهاڙن سان ٽڪرائجي پُرزا پُرزا تہ نہ ٿي ويا آهن!؟

- ڪُنوارن هٿن تي مهندي مهڪ جا سهرا ڳائيندي آ.

- وقت جي رنگين آئيني ۾ اُگهاڙپ جا عڪس ڏسي شرم اکيون ٻوٽي ڇڏيون آهن.

- اڄ بہ ڄامشوري جي پُل تي بيهي نظر ڊوڙائجي ٿي، تہ عرفان مهدي جي عشق جون اوڇائيون ۽ امرتائون لهرن جي سيني





جي سواريءَ تي مُرڪندي محسوس ٿينديون آهن.

- اڄ بہ هُن جي شام جهڙن خوبصورت نيٽن ۾ آئون پنهنجي پيار جي پکين جي اُڏار ڳوليندو رهندو آهيان..!

- تنهنجي اکين جي اُداس احساسن جو هر لمحو روح تي ڏنل بليڊ جي ڇهڪ کان گهٽ نہ هوندو آهي..!

- نفرتن جي گٽر ۾ وهنتل هي وحشتن جو ڪارو سماج تہ خارش ۾ ورتل ڪُتي کان بہ ابتر ٿو لڳي..!؟

## انسان

- اي منهنجي اندر جا انسان!

ڇا توکي خبر آهي!؟
تہ سنڌ ڌرتيءَ کي بہ هارٽ اٽيڪ پئجي چُڪا آهن!
هڪ پٽائيءَ جي وڇڻ کان پوءِ!
پيو سن جي سيد جي وفات وقت!
۽ هاڻ ٽيو سنڌ ڌرتيءَ کي آخري هارٽ اٽيڪ هترادو ڏنو پيو وڃي، ڇو تہ انهيءَ سنڌ ڌرتيءَ جي گلي سنڌو نديءَ جو پاڻي سُڪائي ڪنهن ڪاري ڊيم جي نہ پرجڻ واري پيٽ کي ڀرڻ جي ڪوشش ڪري سنڌ کي سُنڌ ڪيو پيو وڃي.
جيڪو سنڌ جي زندگيءَ مٿان موت جي ضرب کان هرگز گهٽ نہ آ..!

- اي تانسين اڄ تہ پٿائيءَ جي بيتن کي نوان سُر ڏئي انقلاب جي آلاپ سان وستيءَ وستيءَ ۾ ورهائجي گونج بڻجي وڃون.

- روح تي روهنڊڙن جهڙا لفظ ڳالهائڻ کان اڳ سوچجي تہ بهتر ٿيندو.

- پر ۾ ڌرتيءَ جي چنڊ کي چڙهي آسمان جي چنڊ ۾ ڇا ٿو ڏسڻ چاهين!؟

- زندگيءَ جي جنازي کي پيار جو ڪفن پهرائجي تہ سُٺو آ!

- تون ۽ مان اُن عشق جو آغاز آهيون،
جنهن کي پٿائي پاڻ سُرن جي ساڪ ڏئي طنبوري جي تارن مٿي چيڙهي چڙهيو آ.

- اڄ بہ ڪراڙ جي ڪپ تي پٿائيءَ جا بيت وهنجي رهيا آهن!

- تون تہ سُر سُهڻيءَ جي اُهاسٽ آهين،
جنهن ۾ ڪيئين سونهن جا سمنڊ سمايل ٿا رهن..!

## سڪ جي ندي

- سڪ جي نديءَ جو پاڻي تہ نيڻن جي ڪنارن مٿان پلٽڻ لڳو آهي،
پر پوءِ بہ الئہ ڇو تُنهنجن پيرن جي پنڌ جو آواز ٻُڌڻ ۾ ئي نٿو اچي...!

- جڏهن کان تُنهنجن نيڻن جي پيالي مان پيار جو شراب نهار جي





چپن سان پي ڏٺو اٿم!
تڏهن کان هي انگور مان نهيل مَڌ مزوئي نٿو ڏي..!

- تاريخ جي سيني تي ڪوڙ جا لکيل تبصرا تہ مُرڪي رهيا آهن
پر سچ جي اکين ۾ تہ ڪو لُڙڪ نظر ئي نٿو اچي....!!

## احساس جي اک

- هُن پوڙهي جي ٿڪل پاڪُرن ۾ جوانيءَ جي سُندرتا جو اڻ ڇُهيل گلاب!
نڪاح موجب زال جي تہ حيثيت رکي ٿو!
پر احساس جي اکين سان ڏسجي ٿو تہ رشتو وري بہ ڏيءَ جهڙو نظر ٿو اچي.

- جيڪڏهن اکين جا آئينا ڏُنڌلا خواب ڏيکارڻ لڳن.
تہ پوءِ ڇو نہ لڙڪن جي پاڻيءَ سان تن کي ڌوئي صاف ڪجي؟

- پنهنجي پيار جي ملڻ جو پنڌ ڏينهون ڏينهن دور ٿيندو پيو وڃي!
پر پوءِ بہ توکي ڏسڻ لاءِ اکين جي آس جا پيرا ٿڪجن ئي نٿا...!

- آئون اُن صبح جو اکين کي چمين جي سلامي ڏيندس،
جيڪو انقلاب جي گهوڙي تي چڙهي هٿ ۾ آزادي جو جهنڊو کڻي سڦلتا جو هوڪو ڏيڻ لڳندو.

- اڄ جون حالتون گٽر صاف ڪندڙ پوري پنگيءَ جي گند مان پريل بيلچي کان بہ اَبتر ٿيون لڳن.

## غُلامي

- اسان اُها غلاميءَ جي گار هرگز نہ ٿيڻ پسند ڪنداسين
جنهن جي مُنهن تي رُڳو بُزدليءَ جا پونڊا چيپيل هُجن....!
- غُلام ٿي رهڻ کان بهتر آهي تہ دُشمنن جي گولين جو نشانو بڻجي
شهيدن جي نياپن جو ڪو نئون نظم ٿي وڃجي!

## رُسوائين جون رولاڪيون

- اسان سنيي جي اندر ۾ ايتريون تہ رُسوائين جون رولاڪيون جاڳي پيون آهن،
جو اسان پنهنجو پاڻ کان ئي فرار ٿا لڳون،
اسانجا احساس بہ اُن صدين کان اُجهاٽيل ديپ جي درد جهڙا ٿا لڳن،
جنهن ۾ ڪو بہ روشنيءَ جو ساهہ وجهڻ لاءِ تيار ئي نہ هوندو آهي!
۽ راتيون اُن جي رُسوائيءَ تي فخريہ ٺهڪ ڏئي تنزون اُڇلايو پيون چونديون آهن تہ اهڙيون زندگيون ڪنهن ذليل موت کان گهٽ نہ آهن، جن جي ڪو بہ وارثي ڪرڻ وارو ئي نہ هُجي
تڏهن پيي روح رُسوائين جو رَت روئندي نظر اچي رهيا آهن
۽ دليون اُداسيءَ جي اُس ۾ سڙي سوڳ جو ڪو ڏُکو سفر بڻجي ويون آهن، تضاد رُسوائين جا رهبر بڻجي ويئا آهن
جن مان روز نوان واهيا تپڻا جنم وٺي رهيا آهن
پنهنجاپيون بہ اُگهاڙپ جي بازار ۾ نيلاميءَ جي نہ وٺنڊ ڪردارن جهڙيون ٿي پيون آهن
رُسوائين ايترو تہ پيار کي ناپاڪ بڻائي ڇڏيو آهي
جو هر گهٽيءَ جي ڳٽر مان ڪچن ڪيرايل ٻارن کي پنگين جا





صفائي ڪندڙ بيلچا پاڳرن ۾ پيري ٻاهر ڪڍي رهيا آهن
ڪٿي بہ مُحبت جي مندر ۾ ڪو چاهت جو گهنڊ گونجندي نظر ئي نٿو اچي
رُسوائين ايترا تہ ويساهہ گهاتين جا نوان ويس ويڙهي ورتا آهن،
جو تن کي پرکڻ جي لاءِ بہ من کي الاءِ تہ ڪيترين اُپامندڙ اذيتن مان گُذرڻو ٿو پوي!
آخر ڪيسين تائين سڪونن جا سينا سور سهندا رهندا؟
آخر ڪيسين تائين اُميد جي ڳلن تان رُسوائين جا پيانڪ لُڙڪ ڳڙندا رهندا؟
آخر ڪيسين تائين ساٿ جا چجي ويل سلسلا سُڏڪا بڻجي صدائن ۾ مرندا رهندا؟
انهن سيني احساس کي هيٺئن تي ليٽائڻ کان پوءِ اها ئي سُڌ ٿي پوي تہ جيڪڏهن اسان اجا بہ انهن رُسوائين کي پنهنجن روحن تي رهڻ ڏنو تہ اُهي اسانجو سمورو رَت ۽ ست ئي سُڪائي ڇڏينديون،
انهيءَ لاءِ اسان سيني کي هڪ ٿي رُسوائين جي راڪاس راتين ۾ پيي چاهتن جا ڪي چنڊ اُپارڻا پوندا،
۽ مُحبتن جو مشعلون کڻي پيار جي پنڌ ۾ نڪري نينهن جي نياءُ جا نعرا هڻڻا پوندا
تہ جيئن هر زندگي رُسوائين جي زرد رُت ۾ چڙهڻ کان بچي پوي!....

## رَت مان ڀُڏل رڙ

- هي اسانجي ذهنن ۾ آخر ڪهڙي ضعيفيءَ جو زخم چڳي رهيو آهي!؟

جو خوشيون خون تي ماتم ۾ مارجي رهيون آهن
رت مان ٻُڏل رڙ وارثيءَ لاءِ واجهائي رهي آهي!
سڏ منزلن کي ماڻڻ کان اڳ ۾ ماريا ويا آهن
پوئواريءَ جو پنڌ ڪنهن بہ واريا‌سي تي بہ چٽو نظر ئي نٿو اچي
او جاڳيل اکيون روئندڙ رُتن جا پنل ڀاڳ بڻجي ويون آهن
نابالغ فتوائن جي قنديل ۾ اڄ بہ جوان جُرئتون لُڇي لاش تي رهيون آهن
مذهبن جي مُراقبي ۾ ويڙهجي وضاحتن جا وات انڌيرن ۾ اُجرائيون اُڇلائي وينا آهن
حوس جو ين جي پنڪڙين کي پليت زبانن جا زخم ڏئي زرد ڪري ڇڏيو آهي
بمن ايترا تہ چير ڏئي جسمن کي ٽُڪرن ۾ ٽوڙي ڇڏيو آهي جو خُدا جي گهر ۾ بہ حراس جو راڪاس رُلندي نظر ٿو اچي
۽ سجدا بہ خودڪش حملي جي خيالن ۾ ضايع ٿي رهيا آهن
هر گلي گوليءَ جي ٻوليءَ سان ٻُري رهي آهي
جڻ تہ عزرائيل کان روح قبض ڪرڻ جو ڪم اڄ جي ٽيڪنيڪل وحشي ماڻهن وڙهي وٺي لاٿو هُجي
۽ فرشتا فڪر ۾ ويڙهجي ويڳاڻا ٿي پيا آهن
مانيءَ جو مُلهه آسمان جي اوچائيءَ سان اچي لڳو آهي
ڌرتيءَ جا چپ سُڪي ساڻا ٿي پيا آهن
مائرن جي سُڪل سنڌوءَ جهڙي ڇاتين ڏي نهاري معصوم ٻارڙا ٻُک ۽ اُڃ جي احساس ۾ اُداس ٿي هميشه لاءِ اکيون پوري رهيا آهن
ها پوءِ بہ ويساهہ جا سيپارا سَر تي رکي امن کي آڻڻ جا سالن کان وٺي گيت ڳائيندڙ غلام سوچن جا بي ضمير رَت پياڪ رهزن بيشر





مائيءَ جي بازار مان نڪري شرم جي برقعي ۾ لڪڻ لاءِ تيار ئي ناهن ويتر سياسي دُڪان کي هلائڻ جا هوڪا ڏئي صرف پنهنجي پيٽ کي پالڻ جا نوان طريقا تيار ڪري رهيا آهن. جنهن مان ڪنهن بہ سُڻائي جو سج اُڀرندي نظر ئي نٿو اچي.

## واهيات ٿهڪ

- بي ڏڙڪ دور جو واهيات ماڻهو فضول وڏا ٿهڪ ڏئي مونکان پُڇڻ لڳو:

تہ تون هر وقت مايوس ۽ اُداس ڇو هوندو آهين!؟
ڇا تون ان زندگيءَ مان خوش ناهين؟
چوڻ لڳس
ها آئون اُن هر زندگيءَ مان خوش ناهيان جنهن زندگيءَ کي احساس جي مليل اک ئي ناهي
سوال ڪرڻ لڳس:
ڇا توکي ڪڏهن سنڌ جي اکين ۾ لُڙڪ نظر آيا آهن؟
طنزيہ ٿهڪ ڏئي کلڻ لڳو!
ڇا مٽي بہ روئندي آهي!؟
چوڻ لڳس، ها هيءَ انسان جي جسم کي جنم ۽ جياپو ڏيندڙ ڌرتي پنهنجن شهيدن ۽ غريبن جي لاءِ هر وقت روئندي رهندي آهي
جنهن کي محسوس ڪرڻ لاءِ بہ من جي اکين جو جاڳڻ لازمي آهي...!
اَن ڳالهہ ٻُڌڻ سان هُن واڻڙي ماڻهوءَ جا واهيات ٿهڪ ڪُتي جي اُوناڙجان ٻيهر اُڀا ٿيڻ لڳا
۽ آئون ويتر اُداسيءَ جي اُس ۾ اڪيلو ۽ اُباڻڪو رهجي ويس...

- تون تہ شاعريءَ جو جسم آهين
ءِ هي منهنجا سڀ نظم تُنهنجي ئي نگاهہ جو ناز ٽا لڳن...!

- اي فراز! تو تہ شُهرت جي شهنشاهي اُها ماڻي ورتي آهي
جنهن ڪي ماڻڻ لاءِ تہ اڄ جي دور جا ماڻهو پنهنجون زندگيون ئي ڏيان ڪري ڇڏيندا آهن...!

- اَلاءِ ڇو اسانجي ديس ۾ امن ڦُٽ پاٿ تي مري ويل معصوم ٻار جي اُداس اکين جهڙو ٿو لڳي...
جنهن جي تہ وارثي لاءِ ڪو بہ نظر ئي نٿو اچي...!؟

- ماڻهوءَ تي لڳل داغ هميشه خراب لڳندو آهي
پوءِ چاهي اُهو داغ غيرت جو هُجي، يا غُلاميءَ جو...!

## آئون

- جيڪڏهن آئون مسجد ۾ مران تہ مونکي مندر اڳيان ساڙجو
جيڪڏهن مندر ۾ مران تہ مونکي ڪليسا جي در اڳيان اُڇلائي ڇڏجو
جيڪڏهن ڪليسا ۾ مران تہ مونکي عيسيٰ جيان ٽياس تي ٽنگي گرجا گهر جي گهنڊن ۾ گهيري رکجو
تان جو مونکي خبر پوي تہ آخر منهنجو روح ڪهڙي مذهب ۽ مزاج جو آهي...!؟





- اسان تہ اُن بي ترتيب بهارن جا وڇائجي ويل واس آهيون
جن جي پُڇا لاءِ ڪو بہ پيار جو پوپٽ پنڌ ڪرڻ لاءِ تيار ئي ناهي.
۽ تون اُن مهڪيل گُلاب جو گُلن سان ٽڙيل ٽار آهين جنهن مٿان پونئرا بہ بيخود ٿي پيرا ڏيڻ لڳندا آهن...!

- اياز!
ڇا اَهو آسمان مان ڪرندڙ ستارو ئي هوندو آهي؟
يا چنڊ جي چُمي!
جيڪا ڌرتيءَ ڪي ڇُهڻ لاءِ آسمان تان اُماڻي ويندي آهي
ان عشق ڪي ڪهڙي احساس سان ڄاڻڻ گُهرجي ڪا خبر ئي نٿي پوي!

- تازي ۽ مهانگي ڪاڏي سان ڀريل تنهنجي پيٽ جي اوگرائيءَ مان بہ بدهضميءَ جي بدبوءِ اچي رهي آهي!
هوءَ ڏس تنهنجي پاڙي ۾ ٻُکايل غُربت جنهن جي سُڪل چپن جي ساٽن لفظن مان بہ ڪٿوريءَ جهڙي خوشبوءِ اچي رهي آهي..!

## عشق

- اڪيون اکين ۾ وجهي چوڻ لڳي تہ عشق ڇاهي؟
هُن جي خوبصورت سوال جي خوبصورتيءَ ۾ گُم ٿي چوڻ لڳس
تہ تنهنجي اکين جي گهرائين ۾ گم ٿي وڃڻ ڪان وڌيڪ ٻيو ڪو بہ عشق ناهي.

- جنوريءَ جي سرد رات ۾ گرم گُفتگو جهڙا پرين
اڄ تہ وصالن جي برف ٿيل دوريءَ ڪي پاڪُرن ۾ پيري وٺون.

- اَمن اسانجي ديس مان اُن پرديسي پکيءَ تلور جيان بيدرديءَ سان ماريو ويو آهي
جنهن کي شڪاري پنهنجي بندوق جو نشانو بنائڻ وقت به ڪنهن وڏي فاتح جهڙو فخر محسوس ڪندو آهي.

- اسانجي ديس واسين جا من ته مُئل پر هينئن جون حالتون به هيرو شيما کان گهٽ نه آهن.

- غالب جي غزل جهڙا پرين.!
تُنهنجي نيڻن ۾ ته اُهي نشا آهن جيڪي موکيءَ جي مٽُ ۾ به نٿا ملن.

- تون پيرن ۾ پازيبون پائي جڏهن واريا سي تي هلڻ لڳندي آهين ته متيءَ جو من به آنڊ مانڊ ۾ اچي ويندو آهي،
۽ سوڪهڙي جو سينو به اُڃ اُجهائي پشم جهڙن پيرن جا پنڌ چُمي پيار ۾ پاڻي ٿي پوندو آهي.

- اڄ تون پلي منهنجي مُحبت کي لاوارثيءَ جو لاش بڻائي لا تعلقي ظاهر ڪري وڃ!
پر اَهو به ضرور سوچجان ته آئون ڪا سُندر سُهاڳ جهڙي سانجهه تُنهنجي سيني تي به سُتل آهيان!

- آئون ته اُڄ به اُن نظريي کي نامرد ۽ ناپاڪ سمجهان ٿو!
جيڪو آزادي جي اُميد کي هر نئين صُبح جي انتظاريءَ جي اُلجهنن





۾ اٽڪائي پاڻ سڪون واري ننڊ سُمهي پوندو آهي،
پر منهنجي سوچ ته اڄ به پاڪائيءَ جي جوان جذبن کي جنمي رهي آهي ته هر صُبح جي انتظاريءَ جي ميراڻ کي ماري،
چو نه آزاديءَ کي اڄوڪي ڏينهن ۾ آٽي ۽ ماٽي وٺجي!

## تنهائين جي تڙپ!

- تنهائين جي تڙپڻ جو تسلسل طويل بڻجي جڻ ته پنهنجي الڳ تاريخ لکي رهيو آهي،
۽ هر اُپرندڙ احساس مُحبت کان محروم ٿي ماٺ جي مايوس موسم ۾ مُرجهائجي ويو آهي،
وشواسن تي ويگاٽپ جي ولهه ڪري پئي آهي،
۽ آس اُجايل پکيءَ جان پرڙا هٽي ٽڪجي ڪنهن ويرانيءَ جي ٻُڪايل وات ۾ تڙپي رهي آهي.
پر پوءِ به وجود پنهنجي وڃايل وجود جي ڳولا ۾ ڪنهن رِمتي جوڳيءَ جان بن بن ڀٽڪي تنهائين جي تڙپ جي سمنڊ کي جهاڳيندي اُميد جي هر ڪُنواري سينڌ ۾ ساڪ جو سينڌور ڀريو آهي.
جيئن وقت جي تيز وهڪرن ۾ لُڏندڙ ۽ ٻُڏندڙ ميران جي گُنگهرن نزاڪت جي ناچ جا نعرا هڻي صداقت جي سيني ۾ سڦلتا جا ساز ڇيڙيا آهن، ته ڪٿ وري سيتا جي اکين جي سُندر باک ۾ پيار جي پنل پوپٽن ڀي پنهنجو پنڌ پُڄايو آهي!
پر پوءَ به الئه ڇو تنهائين جي تڙپ پنهنجي بي رحم تاريخ جو پيٽ ڀرڻ لاءِ تڙپ جو ٻج پوکي تنهائين جا تهه وڌائيندي رهي آهي، اهڙن المين کان پوءِ لاٽ جا سپئي ليئا ڏيما ٿي ويا آهن. اُماس جي اکين ۾ چنڊ ٻجاءِ وحشتون تنهائين جي تڙپ جا خنجر ڪٽي ڀٽڪي رهيون

آهن.

آئينا اُجرائپ جا عڪس وڃائي ڏنڌلائپ جي ڏوڙ سان منهن ڏوئي وينا آهن. آڪاس جي اکين مان گرم ڪنڌڙ ڳوڙها ڌرتيءَ کي ڇُهڻ کان اڳ ڇڻ ته سرد ٿي مري ويا آهن.

انا پرستيءَ جون اڄ به ساڳيئي عادتون پنهنجي جستجوءَ ۾ جاري آهن. ۽ اسان سنڌ جي اکين مان ٽميل رَت جي ڳوڙهن کي ڏسي غيرت کي غلاميءَ جي زنجيرن مان آجو ڪري نه سگهيا آهيون.

ڪنهن جاءِ تي سنڌ جي ڏاهي انسان جو هي قول پڙهي حيرانيءَ جي ڇپن هينان ديجڻ ۽ گهُٽجڻ لڳس ته. غلاميءَ کان وڏي ٻي ڪا گار ئي ناهي ۽ پوءِ به اسان هن غلاميءَ جي ڪوٽ ۾ رهي ڪري سوچيون ٿا ته الئه ڪيترين گاريون سهي ماٺ جي تنهائين ۾ غرق ٿي ويا آهيون. ۽ سنڌ سراپا سُڏڪا بڻجي وئي آهي. پوءِ چاهي اُهو سُڏڪو رڙ بڻجي ڪنهن سنڌ جي ناريءَ جي ڪپيل اُرهن مان اُپريو هجي يا ڪنهن سنڌ جي زوري عزت لُٽيل نياڻيءَ جي نيڻن مان وهندڙ زارو قطار لُڙڪن جو سمنڊ بڻجي سنڌين جي ڪپيل زبانن جو مضبوط دليل ڏيندو هُجي.

تڏهن پيو تنهائين جي تڙپ جو تسلسل ڏينهون ڏينهن اسانجي ذهنن ۽ شعورن کي موت جهڙي مايوسيءَ جي زهر جو ڍُڪ پياري معذور ڪندو پيو اچي.

اسان جڻ ته درد جي ڌارا ۾ مري ويل مُرڪ جي لاش کي ڳوليندي خود لاش ٿي ويا هُجون. جو ته محبتن جا من مُنافقيءَ جي مناس تي هري ويا آهن. دوستيءَ جي به دل مان هاڻ سڙيل سگريٽ جان ساڙ جي بوءَ اچڻ لڳي آهي. ها شايد تڏهن جو اُنهيءَ نفرت جي تيليءَ کي ٻارڻ شروع ڪيو آهي. ها پر الئه چو اهڙن دل آزاريندڙ سانحن تي





تنهائين جي تڙپ پنهنجي تاثير جي شدت گهٽ ئي نه ڪئي آهي. حواس بد حواسيءَ جي نظر جو ڪاچ ٿي ويا آهن. ڪميڻپ جي ڪهاڻين جا ڪئين ڪوجها ڪردار نئين سر سَرجي رهيا آهن. ويساهه جي وضاحتن جا ورق ميرا ٿي ويا آهن. انهيءَ جي باوجود پيو اسان جو شعوري ذهن هيڏي وڏي وارتاءَ ۾ واويلا هوندي به ڪدڙي جي تاڙيءَ جيترو پيو آواز بُلند نٿو ڪري.

ته پوءِ اهڙن جذبن کي سنڌ ڌرتيءَ جي حلالي پُٽ جو سرٽيفڪيٽ يقينن ڪير به نٿو ڏئي سگهي.

سلام آ اُن سنڌ جي جائي ٻاگهل ٻائي کي جنهن جنگ جي دوران پنهنجي مٿي تان چُني لاهي چيلهه تي سنڌرو ٻڌي خلجيءَ سان مهاڏو اٽڪائي سنڌيت جو پڪو ثبوت ڏئي هن دور جو ڪنڌ شرم کان هيٺ جُهڪائي ڇڏيو آهي.

ڪَلي جي ڪيسي مان ڪوڪلن نعرن جا ڪوڙا سڪا اُڇلائڻ سان سنڌ جو سچو سپوت سڏرائي ته سگهجي ٿو پر ٿي نٿو سگهجي.

ان ڳالهه جي سچائيءَ ۾ ڪيترو سچ آهي اهو فيصلو خود اندر جو اُجرو انسان ئي ڪري ٿو سگهي.

پر جيڪڏهن پاڻ ئي پنهنجين ويڪرين ڇاتين ۾ جهاتي پائي غور ڪيون ته ائين شايد سنڌ جي مظلوم ٻچن جو خون رائيگان ڪو نه وڃي. پر ٿيو ائين آهي جو سنڌ جو حلالي پُٽ سڏرائڻ لاءِ اسان پنهنجا الڳ الڳ سياسي دُڪان کولي انسانيت ۽ مظلوميت جي خون جو واپار ڪن ڳُجهن ادارن سان ڪري پنهنجي ڪُک کي سٽيو رکيو آهي!

اهڙن پليت جذبن جي منهن تي ٿُڪ رکڻ لاءِ سنڌ جي سورهيه شاعر ايوب کوسي جا احساس هينئن تي تري ٿا اچن.

تون پُڇ نہ دلبرن جو تون پُڇ نہ رهبرن جو،
ڪجهہ هيل ئي وڪاڻا ڪُجهہ پر وڪامجي ويا.

سوڳوار احساسن جون اکيون ڪٽي چنڊ کان پُڇڻ لڳس تہ ڇا هن دور ۾ سنڌ جي روپلن جي رڙ ۽ تلوارن جا تيز تجلا رُسوائيءَ جي رات ۾ دفن ٿي ويا آهن!؟

ڇا هن دور جي بلاولن ۾ شهادت جي خوشبوءِ ئي ناهي جو گهاٽڻ گهرائڻ ئي ڇڏي ڏنو آهي!؟

تنهن تي محبوب جي چهري جيان پُرنور چنڊ چوڻ لڳو تہ عشق مري ويو آهي ۽ فطرتون فحاشيءَ جي ڪوٺي تي جام جي جهان ۾ مست ٿي پنهنجي اصليت وڪڻي ويٺيون آهن،

شايد اهڙن ئي جذبن ۽ نظرين کي مُرشد پٽائي بہ اصليت جو آئينو ڏيکاريندي چيو آ تہ!

سڄڻ ۽ ساٿيهہ ڪنهن اٽاسي وسري،
حيف تنين کي هوئي وطن جنهين وساريو.

پر پوءِ بہ ٿيو ائين آهي جو ڄڻ تہ اسان جي ذهنن ۽ نظرين مٿان تنهائين جي تڙپ جي وڄ ڪري سمورا حواس لُٽي ورتا هُجن ۽ اسان گونگا ٻڌجي گُمناميءَ جي غارن ۾ ديش دروهين جيان مار جي ويا هُجون،

احساسن جي اوچائيءَ جا ڇهرا ڇُهڻ لئہ مولانا محمد علي جوهر جو هي بيباڪ جملو جيئڻ جا ڏڳ ڏيکارڻ لاءِ چوي ٿو تہ "آئون غلام ملڪ ۾ رهڻ تہ ڇا پر پاڻ کي دفن پِي ڪرائڻ بہ پسند نہ ڪندس".

۽ اسانکي تنهائين جي تڙپ جو مرض ايترو تہ وڪوڙي ۽ ڪمزور ڪري ويو آهي جو هٿن ۾ آزاديءَ جو پرچم کڻڻ تہ ڇا پر قلم کڻڻ جيتري بہ سگهہ ئي ناهي رهي،





آخر ڇو هن تنهائين جي تڙپ کي شعور جي خنجرن سان قتل ڇو نٿو ڪيو وڃي!؟

هن تنهائين جي تڙپ جي تاريخ جا ورق ڦاڙي محبتن جي ميلن جا مجموعا ڇو نٿا لکيا وڃن!؟

هن تنهائين جي تڙپ کي دلين جي ديس مان تڙي ڇو تہ نٿو ڪڍيو وڃي؟

جو سنڌ اُداسيءَ جي رُت ۾ ڳلن تان ڳڙيل ڳوڙهن جي نشانن جيان ٿيندي وڃي..!

## روح مان نڪتل رڙ

- وقت جي تتل صحرا تي زندگيءَ جون خوشيون ڏُکي ٽڪجي پيون آهن.!

پر پوءِ بہ مُرڪ کي مايوسي ڳڙڪائڻ وساريو ناهي
۽ درد جون اُپيون ترارون پيار جي سيني ۾ چُڀجڻ لاءِ چمڪي رهيون آهن!
فحاشي پيار مان ناجائز فائدو وٺي رهي آهي،

آئون اهو ئي چوڻ ٿو چاهيان تہ نئين سال جو سج بہ ضرور قُربانيءَ جي ڳاڙهي رَت ۾ وهنجي تپي ٽامون ٿي پيون هوندو ۽ اڄ جي ٿڌي شام بہ رات جي منهن تي بي سُرهائي جا پونڊا ڇڏي جلد لڪي وڃڻ جي ڪوشش ڪئي هوندي.

آئون انهيءَ سوچ ۾ آهيان تہ هر پاسي قُربانيءَ جا جانور ذبح ٿي رهيا هُئا، هر ماڻهو قُربانيءَ جي گوشت کي وڏي طلب سان حاصل ڪرڻ لاءِ بي چين نظر اچي رهيو هو، پر اوچتو شهر جي هڪ روڊ جي پرسان پلاسٽڪ جي ٿيلهيءَ ۾ تازي ڄاول ٻار جو لاش ڏسي حيرت ۽ افسوس جي ڪُنن ۾ غوتا کائڻ لڳيس!

تہ اڄ قُرباني فقط جانورن جي قبول پوٽي آهي، پر هيءَ پيار جي معصوميت جي قُرباني اڄ کُليل آسمان جي هيٺان ماڻهن جي طنز ڀريل نگاهن کي نہ ڪُجھہ ٻُڌائي ٿي سگهي ۽ نہ وري پنهنجي منهن تي هٿ رکي پاڻ کي ناجائز رَت جي ڦُڙي جي ناپاڪ نانءُ کان لڪائي ٿي سگهي!

پر افسوس مان چوڻو ٿو پوي تہ اُن معصوم ٻار جي لاش کي ڪپڙي جي ڪفن بجاءِ پلاسٽڪ جي ٿيلهيءَ ۾ بند ڪري لاوارثيءَ جي لهرن جي حوالي ڪرڻ وارن بزدل جذبن کي آخر ڪهڙن لفظن سان پيئتا ڏجي؟

ائين ٿو لڳي جڻ تہ گُهٽيل ماحول جي شفاف سيني تي ماتم جا نشان نظر اچي رهيا آهن،

گهٽين ۾ تازن ڪيرايل ٻارڙن جو رواج جڻ تہ ماڊلنگ جيان عروج تي چڙهي رهيو آهي،

وجود جي ڪنوارپ جي بدن ۾ پيار جي بزدليءَ جو زهر پرجي رهيو آهي،

پر ماٺ جي منحوس موسم وات ۾ حيرت جي آڱر وجهي خاموش نهارن سان فحاشيءَ جي اُگهاڙپ کي تڪي رهي آهي

۽ شرم جي اکين ۾ درد جا ڳوڙها برف جيان ڄمي ويا آهن،

پيار جي پاڪ روح کي بي حيائيءَ جي بدبوءِ وڪوڙي وئي آهي،

اُميد جي هر ڪُنواري ڪک ۾ ويساھہ گهاتين جو خنجر کُپيل آهي،

۽ اُجراڻپ جي سمورن احساسن پيي جڻ تہ خود ڪشي ڪري ڇڏي هُجي،

بي رحم وقت جي تيز ڪڄندڙ قدمن مان اُڏامندڙ دز حواسن کي ڏُنڌلو ڪري وشواسن جي ويڇڙائپ جي جسم تي وڌ وڏا آهن،





۽ پيار جي معصوميت کي حوس جي هٿن سان ڇُهي ڪميٽپ جي ڪوڙهہ جو مرض ڏئي بدناميءَ جي بازار ۾ بيهاريو ويو آهي،

جت هر تماشائيءَ جي طنز اڳي ئي تير ڪمان جيان تيار هوندي آهي تہ ڪهڙي شرافت جي سيني ۾ الزام تراشيءَ جو تير هڻي زخمن سان ذليل ڪجي!

چيو ويندو آهي تہ پيار جي گُل کي هڪ الڳ خوشبوءِ ٿيندي آهي، جنهن مان ڪئين حساس احساسن جا پوپٽ جنم وٺي زندگيءَ کي رنگين بڻائي ڇڏيندا آهن!

پر هن حوس جي هٿن ۾ پلجندڙ پيار تہ هميشه حساس ۽ معصوم پوپٽن جو گلو گُهٽي روح جي رنگينيءَ جي منهن تي ڪاراڻ ملي آهي!

اَن پيار تہ پنهنجائپ جي پاڪيزگيءَ کي پليتيءَ جو نانءُ ڏئي لاوارثيءَ جي لسٽ ۾ شامل ڪري ڇڏيو آهي،

شايد اُن پيار جي ڪک مان هر جنم وٺندڙ معصوم ٻار موت جهڙي مايوسيءَ ۾ گُم ٿي گهبراهٽ جي گُمناميءَ جي قبرستان ۾ لُڪي لاش ٿيڻ ئي پسند ڪندو آهي،

پر پوءِ پيي پيار ۾ ڪا تبديلي اچي ناهي سگهي، ها جيڪڏهن تبديلي آئي بہ آهي تہ فقط اها ئي نظر ٿي اچي تہ رات جي ڪاري اوٽ ۾ لڪي پاڪُرن جي گرميءَ ۾ پاڻ کي عياشيءَ جي بستري تي ڇڏي سرور پيري ڪا ننڊ ڪري موڪلاڻيءَ وقت پگهر مان شل ٿيل آرس موڙي من جي ميرائيءَ کي صاف ڪرڻ جي ڪوشش ڪري پاڻ سان گڏ ڪٽي وڃڻو پيو آهي،

پر افسوس ان پيار جي عياشيءَ جي بدقسمتي جو هن اُجري معاشري جي ڳالهين کان بچڻ لاءِ پنهنجي وجود جي اُملهہ نشانيءَ کي

پنهنجي ئي هٿن سان گُهٽي پيار جي پاڪ رشتي مٿان ڪاراڻ جو داغ لڳائي اُنهيءَ ٻار کي حرامين جي هجوم ۾ شامل ڪرائڻ لاءِ اُن جي خاموش معصوميت کي پلاسٽڪ جي ٿيلهيءَ جي حوالي ڪري يا تہ ڪنهن ڪچهري جي ڍير تي اُڇلايو ويندو آهي،

يا وري اُنهيءَ معصوم نفيس ٻار کي ڪو شهر جو وڏو گٽر ڳڙڪائي ويندو آهي،

ها پر ڪير سمجهائي هن پيار جي نبض ۾ حوس جي پريل بيوقوفيءَ کي جو هر ڳالهہ کي درگُذر ڪري وري بہ سرور جي سمنڊ ۾ وهنجڻ جي طلب ظاهر ڪريو ڇڏي،

آوارگيءَ جي اُس ۾ خوشيءَ جا نازڪ پيرا سڙي سهڪ ٻڌجي ويا آهن!

زندگيءَ جي ٻانهن مان چاهت جون چوڙيون ٽُٽي چڪنا چور ٿي ويو آهن،

جڻ تہ سُهاڳپُڻ ڪان اڳ هر سنڌور ڀرجڻ واري سينڌ وڌوا جو ويس پائي ڇڏيو آهي،

بي حيائيون ٻُڇڙائيءَ جي رستن تي رُلندي نظر اچي رهيون آهن،

من جون مُرجهايل مُحبتون جڻ تہ ڪنهن معذور جيان گليءَ گليءَ ۾ گهلجي مري رهيون آهن! ۽ سنڌ جي سيني تي اڄ بہ هر ناجائز ڪيرايل ٻار جي رَت جي ڦڙي جو درد تڙپ سان سهڪي رهيو آهي،

جنهن کي فقط انسانيت ۽ احساس جي اک ئي ڏسي ٿي سگهي،!

آخر پنهنجي وجود کي ويا ڪلتا جي ويرانيءَ جي وات ۾ اُڇلائڻ بجاءِ سيني سان لڳائڻ جو سهارو ڇو نٿو ڏنو وڃي،!

احساسن جي اوچائيءَ کي سلاميءَ جو ثبوت ڏيڻ لاءِ آهو ضرور چوندس تہ جڏهن اوريا نا فلاسي جو ناول "آڻ ڄاول ٻار ڏانهن





خط" پڙهڻ لڳس تہ ڇا ممتا جي مڪملتا جي خوشبوءِ جا خواب منجهس مهڪي رهيا هُئا. جنهن ۾ ڪنهن بہ قسم جي اُگهاڙپ جو عڪس نظر ئي نٿو اچي، بلڪ پنهنجي وجود جي حصي اَڻ ڄاول ٻار کي ڌرتيءَ جي دل تي ڪنهن تازي گُل جيان ٽڙڻ لاءِ انتظاريءَ جي اٽانگهن سفرن کي صبر سان ڪاٽيندي پيار جي پاڪائيءَ کي پنهنجاپ جو پاڪُر وجهي، ڪريل جذبن جي سوچن کي اُجرائپ جو آئينو ڏيکاريو اٿس،

تہ ڪٿ وري ممتا جي روپ ۾ مدر ٽريسا يتيم ٻارڙن کي گود ڏئي گُناهہ جي جهوليءَ مان نڪتل معصوميت کي ثواب جهڙو سڪون حاصل ڪرايو آهي،

پر ڪير سمجهائي اُن پيار جي پاڪائيءَ کي پليتيءَ جو پوشاڪ پهرائڻ واري نظريئي کي، تہ بيحيائي جي بستري تي سُمهڻ بجاءِ بيباڪي جي جاڳ سان وجود جي انمول حصي کي ممتا جي مُرڪ سان سڌي ڇاتيءَ سان لڳائي سيني جي سنڌوءَ مان ڪير جي ڌارا جو در کولي ڇڏجي، تہ جيئن ڪنهن بہ تازي ڄاول ٻار جي روح مان نڪتل رڙ لاوارثيءَ جي لمحن ۾ لاش ٿي نہ سگهي! ۽ پيار ڏي ويندڙ پنهنجاپ جي پيرن ۾ ڪنهن بہ پليتيءَ جو ڪانچ ٻيهر چُڀي نہ سگهي!

۽ نہ ئي حوس جي هٿن ۾ پيار جي پاڪائي جو پاند ليڙون ليڙون ٿي لُڇي سگهي...!

## منوا

- منوا!

آئون اُن اُميد کي آخر ڪيئن اڪيلو ڇڏي ڏيان
جنهن جي منزل ئي فقط تون هُجين!!....

- منوا!

ڇا اهو الميو گهٽ آهي!؟
جو پنهنجن نيڻن جا خوبصورت ۽ جوان خواب مُحبتن جي مهڪ ماڻڻ کان اڳ ۾ ئي مارجو وڃن!.

- منوا!

هن دوستيءَ جي رشتي جي دل ۾ آخر ڪهڙي اَنا جو خنجر کُپي رهيو آهي!؟
جو سڀ اُجرائپون رَتورَت نظر اچي رهيون آهن!.

- منوا!

جيڪڏهن ماڻهو پنهنجي من جي اکين سان هڪ ٻئي جي احساسن کي محسوس ڪري وٺن ته شايد ايتريون مُنافقيون پيدا ئي نه ٿين!.

- منوا!

ڇا گُل ۽ پوپٽ به پاڻ ۾ رُسندا آهن!؟
جيڪڏهن نه ته پوءِ اهو رشتو صدين کان وٺي هڪ طرفو ڪيئن





هلندو پيو اچي!!....

- منوا!

جيڪي جذبا موت جهڙن مرحلن کي به مات ڏئي پيار ڏي پنڌ ڪرڻ لڳندا آهن!
ڇا اُهي هميشه امرتا جو اڻ کُٽ احساس بڻجي ويندا آهن!؟......

- منوا!

ڪوريءَ مٽيءَ مان گهڙيا ناهيندڙ ڪُنڀارن جا گهڙن مٿان چٽجي ويل آڱرين جا نشان!
ڇا پاٽيارين جي چيلهن کي چُمڻ لاءِ ته نه زنده رهجي ويندا آهن!؟.....

- منوا!

اڳي ته هن سنڌ ڌرتيءَ ۾ رُڳو سلامين جا صُبح ئي ساهه کڻندا هُئا!
هاڻ اهي سڀئي الئه ڇو مُئل محسوس ٿي رهيا آهن!؟.

- منوا!

جيڪڏهن ماڻهن جو وس پُڄي ها ته چنڊ کي به وڪڻن ۾ دير نه ڪن ها!.

- منوا!

اُهي ماڻهو آخر ڪهڙي مٽيءَ مان ٺهيل هوندا آهن!؟
جن جامن هميشه مُحبتن کان محروم هوندا آهن!...

- منوا!

مُنهنجي روح جو اُڃايل رند تُنهنجي محبوبيت جي مئخاني مان پيار جو مَڌ،
تنهنجي چپن جي پيالي مان چُميءَ جي سُرڪ جي احساس سان پي مست ٿيڻ ٿو چاهي!.

- منوا!

هر موسم ۾ تازگيءَ جو احساس تون ئي تہ آهين.

- منوا!

تو جيڪي ڪلهہ هوا ۾ پنهنجا ڪُنوارا ٽهڪ اُڏاري ڇڏيا هُئا
سي تہ اڄ هر گُل تي گُلاب تي ٽڙي پيا آهن!...

- منوا!

تون بسنت جي رُت ۾ ائين وار کولي نہ هلندي ڪر!
ڇو جو پونئورا توکي ڏسڻ کان پوءِ گُلن جي واس جو احساس ئي وساري ويهندا آهن.

- منوا!

تُنهنجو ڪُنوارپڻ ئي هڪ شاهڪار ڪتاب آهي
جنهن کي پڙهڻ ۽ محسوس ڪرڻ لاءِ تہ فقط پيار جي اکين جو جاڳڻ پوڻ ئي ڪافي آهي!

- منوا!

ڇا تُنهنجو ۽ مُنهنجو نہ ملڻ ڪنهن قيامت کان گهٽ آهي!؟





- منوا!

تُنهنجي ڪُنوارين ٻانهن مان ٽُٽل اڇين چوڙين جا اڌ،
يقينن چيٽي موسم جي پهرين تاريخ واري چنڊ کان گهٽ ناهن!

- منوا!

سچ پُڇين تہ تُنهنجي مُحبت جي مهڪ ۾ ايترو تہ واسجي ويو آهيان!
جو هاڻ ڪنهن بہ خود ڪشيءَ جي خيال ڏي دل ڌڪجڻ جو نالو ئي نٿي وٺي!...

- منوا!

ٽر جي پٽن تي ٻيٺل ٻاجهرين جي پَڪل سنگن جي سُڳنڌ بہ تُنهنجي پيار اربيل پگهر هاڻ لڳن جيان پئي لڳندي آهي.

- منوا!

ماڻهن جي منن کي آخر ڇا تہ ٿي ويو آهي؟
جو مُحبتون مُرجهاءُ جي موسم ۾ ڇٽي مري رهيون آهن!
وشواسن ۾ ڪنهن بہ ويجهڙائپ جو واس محسوس ئي نٿو ٿئي!
خاموشين جي ڪاهين ۾ ڪري پيل خوابن جون خوبصورتيون بہ مايوسين جي ڏوڙ اندر ڏُنڌلائجي اُن درد جو دستور بڻجي ويون آهن.
جنهن جو ڪٿ بہ انت نظر ئي نٿو اچي!
آس جي اُڄ کي ڪو بہ عشق جي احساس جو پاڻي پيارڻ لاءِ تيار ئي ناهي!
اُميدون اُلو هٽي سهڪي رهيون آهن!

نينهن ۾ نڪريل نيڻن جي نياپن جا پنڌ پيي پري ٿيندا وڃن
چاهتون مُئل ماحول جو روڄ ٻڌجي ويون آهن.
هن هيڏي وڏي وارتائن جي هوندي بہ الئہ ڇو!؟
ماڻهو ٻي سُرائين کي سينن ۾ سانڍڻ جو سور ڪيئن ٿا برداشت ڪن؟

- منوا!

اڄ بہ آزاديءَ جي نظريي کي ناپاڪ سمجهندڙ نادان ماڻهوا!
غُلاميءَ جي گند ۾ ڪوڙهہ جان لڳل مرض جهڙا ذليل ڏينهن گُذارڻ ڪان پوءِ بہ الئہ ڇو
عبادت گاهن ۾ وڃي گار جهڙي غليظ گُذاريندڙ زندگيءَ جي سلامتيءَ لاءِ وڏيون دُعائون گهُرندي ٿورڙو بہ شرم ئي محسوس نہ ڪندا آهن!

- منوا!

هي مُحبتن جي موسمن ۾ بيرُخين جون ٻي سُرائيون ڪٿان اچي ويون آهن!؟
جو اُميدون اکين ۾ اوجاڳن جو آسمان سمائي وينيون آهن!
بيوفايون بي خبرائيءَ جا خنجر کڻي چاهتن جي سينن ۾ چُڀجي رهيون آهن!
۽ وقت هر ويل ويساهہ گهاتين سان نوان ويس مٽائي مايوسين جي مونجهارن سان ماري رهيو آهي!
ها تڏهن تہ علي حسن جي مُحبت جا معصوم خواب موت جو ماتم ٻڌجي ٻي وڙي بازار ۾ پيلجڻ لڳا هُئا!





ڇو جو اُن جي پيار کي ڪو بہ پنهنجائپ جو پاڳُر پائڻ لاءِ تيار ئي نہ هوا!
ويتر تڙپ جي تندور ۾ اُڇلايو ويو هوا!
پاڻ پرهہ جي پاند ۾ پويل محبوب مُرڪ جي احساس جهڙو اُجرو عاشق.
درد جي درياهہ جي تيز وهڪرن سان وڙهندي ايترو تہ ٿڪجي ۽ ٽُٽي پيو هو
جو آخر جيت مار دوا پي هر اُپي اَنا جو ڪنڌ پنهنجن پيرن تي جهُڪائي.
آخري نهار ۾ بہ جڻ تہ ڪو پيار جي پُڇاءُ جو ڍگهو پنڌ چڙهي وهائو تاري جيان وسامي ويو هُجي!!....

- منوا!

مسجد جي ممبر تي ويهي ڪڙڪ لهجي سان ماڻهن جي ذهنن ۾ قيامت جا خوف پريندڙ مُلن کي شايد اها خبر ئي ناهي!
تہ هت هر مُفلس جي ٻُکايل پيٽ ۾ هر ويل هڪ نئين درد جي قيامت برپا هوندي آ.

- منوا!

جڏهن ڪويل جي ڪوڪ جا قصا وڏي وڻ تي پوندا آهن.
تہ پوءِ بارش پنهنجا آلاڇپ نوٽ سُڪل ڌرتيءَ جي سيني تي اچي رڪندي آ.
۽ ساوا سلا ڦُٽي پوندا آهن.
گُل سونهن جي خوشبوءِ جو ويس پائي آرسون موڙي پوپٽن کي پريت

جا پاڳُر پائڻ لڳندا آهن.
هر سوڪھڙي جي سُچ مٿان سُھاڳ رات جھڙي ساوڪ پنھنجا سُڳنڌي واروچائي ڇڏيندي آهي، ڳاڱيون ڳاڙها ڳل ڪري ڪنهن وهانءُ ويٺل وينگس جيان پاڻ کي وٽائڻ لڳنديون آهن.
روهيڙا بہ روح کي راحتن جي تازگيءَ جهڙا رنگ اربڻ لڳندا آهن،
پٽن جي پورڙي بدن کي ڪونيٽ بہ پنهنجي ٽڏي چانوءَ جو ڇُهاءُ ڏيڻ لڳندا آهن،
ٻاجهرين جا سنگ بہ ساماڻجي هوائن ۾ هندورو ٿي لُڏڻ لڳندا آهن،
۽ ڪارونجهر جي ڪور مٿان، مورن جا تازا تڙيل آلاپ ايترو تہ مستيءَ ۾ مست ٿي پنهنجن پيرن سان رقص جو راڳ ڇيڙي ائين پر پکيڙي ڇڏيندا آهن،
ڄڻ تہ ڪو سنڌ جي آزاديءَ جو جشن ملهائيندا هُجن!
ها، پر اهڙي محبوب موسم ۾ بہ اڪيلائيءَ جو احساس ڪٽي مُحبتن جو پاڻ ۾ نہ ملڻ
آخر ڪھڙين آسن کي ويتر انڌيري جي اُج ۾ اُڇلائڻ ٿو چاهي!؟

- منوا!

مونکي تہ اڄ بہ موئن جي دڙي ۾ دٻجي ويل دلبرين جي دلين جي تيز ڌڙڪڻ ائين محسوس ٿيندي آ!
جيئن پاڳُرن ۾ پريل محبوبا جا مُرڪيل ماٺا ڪُجهہ چوڻ کان سواءِ رهي نہ سگهندا آهن
مونکي تہ اڄ بہ اُنهن اکين جي عشق جي چانڊوڪين جا چاڳ چٽا نظر اچي رهيا آهن،
جن جي نيڻن نندون وساري وفائن جي وشال وادين ۾ ويهي وصل جا





وچن ڪيا هُئا
مونکي تہ اڄ بہ اُنهن گرم ساهن جي سرگوشين جا ساز پنهنجي سيني ۾ ائين سُرندي محسوس ٿي رهيا آهن،
جيئن ٻہ جسم پاڻ ۾ ملي پيار جي اُجري احساس جي اُج کي اُجهائڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪندا آهن
مونکي تہ اُنهي ناچڻيءَ جي نازن جا نکار بہ ايئن نظر آيا آهن،
جنهن جا گنگهرو اُن گسن جا گيت ٻڌيا هُئا!
جن جي منزل فقط ميتا جي مُحبت ئي هوندي آ!
ها پر!
مونکي تہ اڄ بہ اُن دڙي ۾ اُها درديلي دانهن بہ محسوس ٿي رهي آ هي
جنهن جو درد اڄ جي سنڌ جي دردن کان گهٽ نہ آ!

- منوا!

تنهنجي دوريءَ جي درد،
منهنجي من کي موئن جي دڙي جي پٿن جيان ڀوري ٻي ترتيب بنائي ڇڏيو آ.
جنهن ۾ منهنجون ڪيئي آسون اڄ بہ لُڇي لاش ٿي رهيون آهن!

- منوا!

تنهنجي هر مُرڪ موت جهڙي مايوسيءَ لاءِ شفا جو شهر ٿي لڳي!.

- منوا!

وقت جي مُنافق ماڻهن گُلشن جي ڪوڙيل وارن تي بہ وڏا ٺهڪ ڏنا ها!
پر سچ پُڇين تہ مُنهنجي روح جي هر خوشي خاموشيءَ جو سوڳائتو

ويس ويڙهي سوچ جي گهرن ڪُنن ۾ ٻُڏي غوتا کائي جيئڻ ۾ مرڻ
لڳي هُئي!

- منوا!
اسانجي خوشحال مُلڪ ۾ تہ اڄ پڻ مُفلس ۽ معذور ٻارڙا ڪُتن جي
لتاڙيل اروڙيءَ تان اُڇلايل اميراڻي مانيءَ جا اوباريل ٽُڪرا ميڙي،
ٻُک جي باهہ کي اُجهائڻ لاءِ اتاولا نظر ايندا آهن!
پر پوءِ بہ اسانجي خوشحال مُلڪ جي ڪيسن جا ٻنڻ غربت جي پيٽ
جو گراهہ ٿي کُلڻ لاءِ تيار ئي ناهن!

- منوا!
هي ڪهڙو دور آهي؟
جنهن ۾ بمن لاءِ تہ وڏيون بجيٽون رکيون ٿيون وڃن!
۽ ماڻهوءَ کي وري هڪ مانيءَ جيترو مُلهہ پڻ نٿو ڏنو وڃي!...

- منوا!
هو سڀ ستارا توڏي ئي تہ تڪي رهيا آهن،
اڃا بہ جيڪڏهن تون ڇهري تان چُنريءَ کي هٽائي ڇڏين ٿي!
تہ هو آسمان جو چنڊ اُپرڻ ئي ڇڏي ڏي!!...

- منوا!
تون ئي تہ منهنجي نظمن جي ممتاز آهين،
۽ منهنجي هر تحرير جو اڏيل تاج محل بہ تولاءُ ئي تہ آهي...

- هر شهيد جي قبر تي وڇايل تازا گُل ڄڻ تہ ڪنهن وڏي دُعا لاءِ ٻُڪ





کولي بيٺا هوندا آهن.

- خُدا جي گهر ۾ آکيرو اڏيندڙ جهرڪيءَ کي ماري،
پرهيز گار تو آخر ڪهڙي ثواب کي سيني سان لڳايو آ!.
- آهي ڪو اهڙو ڌرم وير انسان؟
جيڪو مونکي بہ سمجهائي تہ جنگين ۾ مارجي ويل معصوم ٻارن
جي لاوارث ٻٽيل لاشن کي آخر ڪهڙي ڌرم جي پاٽيءَ سان ڌوئي پوءِ
دفن ڪجي...

- ڌرتيءَ تي رهندڙ ماڻهن کي تہ هر دور ۾ ڌڪا ملندا رهن ٿا!
پر هي آسمان مان ستاري کي ڪنهن ٿُڏو هٽي هيٺ ڪيرائي ڇڏيو
آهي؟.

- ڇا پوپٽن جي اکين ۾ رُڱو خوشبوءِ جا ئي خواب مهڪيل هوندا
آهن؟
يا سڙي ويل گُلابن جي سوڳ جا بہ سور سمايل هوندا آهن!؟

## حوس جي اُڃ

- پنهنجي عورتن جي گرم احساسن کي اڪيلو ٺار ۾ ٺرندو ڇڏي،
۽ ڪڏڙي جي جسم تي حوس جي اُڃ اُجهائڻ وارا ماڻهو
اڄ بہ ڪالر چنڊي وڏي فخر سان جيئڻ پسند ڪندا آهن.

- رستن تي پنندڙ ٻارڙن جي يتيم معصوميت کي بي ڌيانيءَ سان
ڌڪاري ڇڏڻ،

يقينن ڪو گهٽ سانحو ناهي!.

- جيل جي لوهي گيٽ وٽ بيهي قيدين جي اکين جا اوجاڳيل خواب آخر ڪهڙي انتظاريءَ جي احساس کي پاڪُرن ۾ پيرڻ لاءِ بي چين بيٺا آهن!

## آزاديءَ جو سج

- جبل جي سيني ۾ سوراخ ڪري گهر ٺاهيندڙ ماڪوڙيءَ جيتري بہ اسان ۾ همت هُجي ها
تہ اسان الئہ ڪيترا سال اڳ آزاديءَ جو سونهري سج اُڀاري وٺون ها!...

- آئون ڪڏهن بہ موت کان ڊڄي ڪُجهہ ڏينهن جي مُهلت نہ وٺندس! بلڪ موت کي بہ مَڏ جي مزي جيان ماڻڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪندس!.

- موت جي پيرن تي ڪري مرڻ کان بهتر آهي تہ سينو تاڻي ساهہ ڏجي!.

- ڦُٽ پاٿ تي مري ويل مُفلسيءَ جي لاش کي،
گٽر ميڙيندڙ ميونسپل جي ٽاليءَ ۾ ڪٽي وڃڻ
ڇا تو هين انسانيت ناهي تہ پوءِ ڇاهي؟...

- عورتن جي غلاميءَ ۾ گهلجندڙ مردن مان آخر سنڌ جي آجپي جي ڪهڙي اُميد رکجي؟.





- جيڪي بہ غُلام قومون ذلالتن جا زنجير پائي زنده رهڻ پسند ڪن ٿيون
اُهي آزاديءَ جو امرت پيئڻ کان هميشه محروم رهجو وڃن!.

- رهبر ٽيڻ جي ڊوڙ ۾ اسان ايترو تہ غرق ٿي ويا آهيون
جو آزادي بہ اسان کان اکيون ڦيري رُسوائيءَ جي رستن ڏي هلي وئي آهي!.

## ايمان

- سُڪل ٻِ پاروٽيون مانيون پاٽيءَ سان پُسائي کائڻ وارن مُفلس ماڻهن جا ايمان اڄ بہ اُجرا آهن
ٻِ اسان جهڙن نون ٻِ تازن طعامن کائڻ وارن ماڻهن جا من الئہ ڇو ڏينهون ڏينهن ميرا ٿيندا پيا وڃن؟.

- عياش عورت جي اکين ۾ پيار جي خوبصورتيءَ جا خواب ڳولڻ بيوقوفيءَ کي پاڪُرن ۾ پيرڻ کان گهٽ نہ آ!.

- نيٽن جي ڪٽوليءَ تي پيل منهنجي خوشين جا ضعيف خواب،
اڄ بہ تُنهنجي پيار جي وارثيءَ لاءِ واجهائي رهيا آهن!.

- وقت جي بي رحم پيرن هيٺان منهنجي مُحبت جا معصوم گُلاب روز بي دردي سان لتاڙيا ويندا آهن.

- تون تہ منهنجي نظمن جي اُها نهار آهين

جنهن جا نيڻ ڪڏهن بہ نوڙتن کان خالي رهيا ئي ناهن.

- ڪُنوارين ڪرائين ۾ پيل ڪنگڻ سرورن جا ساز ڇيڙي،
  آخر ڪهڙن گيتن جي گونج بڻجي ويا آهن؟

- در ڪي ٽيڪ ڏئي بيٺل نوجوان نينگريءَ جا اوسيئڙي ۾ اوجاڳيل نيڻ،
  ڄڻ تہ نما شام جي اُداسيءَ جو ڪو عڪس ٿا لڳن!

## ڌرتيءَ جو درد

- ها آئون اڄ بہ ڏسي رهيو آهيان پنهنجي ديس جي خوشين جا خون ٽيل چهرا،

جنهن تي زماني جي دردن جا ڇهڪ ڇِتا نظر اچي رهيا آهن، پر وري بہ اُنهن مائرن جي مُحبتن کي سلام آ!

جيڪي ڏڱ دلير پُٽ ڄڻي ڌرتيءَ کي دان طور ڏئي ڇڏينديون آهن،

جن جي رَت جي ريج مان بہ پيا ڪئين گُلاب آزاديءَ جي خوشبوءِ ڪٽي ٽڙي پوندا آهن،

ها پر ڇا!؟

هن ڌرتيءَ جي درد کان وڌيڪ ڪو بيو بہ درد ٿي سگهي ٿو!؟

جنهن ڌرتيءَ جي ڇپن کان سنڌوءَ جي لهرن جا سڏ ڪسيا وڃن!

ڪيٽي بندر جي ڪڇ کان ديبل بندر لُٽي لاش ڪيا وڃن!

مورڙي جي ماڳن تي وحشتن جا وار ڪري سچائيءَ جا سينا ساڙيا وڃن!

ها! اچو هن ڌرتيءَ جي دل تي هٿ تہ رکي ڏِسو!؟





جنهن جي تڙپ جو تصور تہ سڪون ئي ساڙيو ڇڏي!

پر اڃا بہ توهان سنڌ ڌرتيءَ جي جيءَ کي جيارڻ لاءِ تيار ئي ناهيو!

اڙي هيءَ ڌرتي جيڪا توهانجو حقيقي گهر آهي،

ان گهر ۾ رهڻ لاءِ توهانکي سامراج جي سڏ جي سلامي ڇڏڻي پوندي،

۽ هڪ اهڙو انقلاب ٿي اُڀرڻو پوندو

جنهن جو مقصد ئي فقط آزاديءَ کي ماڻڻ هوندو آ،

ها آئون اهو بہ ڄاڻان ٿو تہ احساس ماريا ويندا آهن،

اوچا ڪنڌ ڪپيا ويندا آهن،

سرفروشن جا سڏ گهُٽيا ويندا آهن،

۽ ڦاهين تي ڪئين چنڊ چاڙهي ڦٽڪايا ويندا آهن،

پر پوءِ بہ اُنهن انسانن جي عظمت جا معيار ۽ مينار ڪڏهن مرندا ناهن،

هن ڌرتيءَ جي ڌڙڪندڙ دل جو قسم!

اوهان جهڙا ئي انسان انقلاب آڻيندا آهن،

جيڪي سچائيءَ جو سينو بڻجي تاريخ ۽ تعريف جي تبصرن ۾ هميشہ زنده رهندا آهن،

پوءِ ڇو نہ ماٽ ۾ مرڻ واري زندگيءَ کي هڪ نئون روپ ڏئي انقلاب جي احساس جو آواز بڻجي،

هر گلي ۽ گام ۾ هڪ اهڙي گيت جو گونج بڻجي وڃجي!؟

جنهن جو پڙاڏو هر صديءَ کي سُجاڳيءَ جو سڏ ڏيندو رهي!...

## سنڌ

- سنڌ جي نياڻين کي ننگو ڪري اُرهن مٿان پارٽيءَ جا اشتهاري ٺپا لڳائيندڙ

حيوانن سان ياپيءَ جا پاڪر پائيندڙ پليٽ جذبن ڪي آخر ڪهڙن واهيات جملن سان جس ڏجي!.

- چڪلي ۾ واڪ تي وڪامندڙ نيرڳيءَ جهڙي نينگريءَ جا اڻ ڇُهيل احساس،
سُهاڳپڻ جي سيج ماڻڻ کان اڳ ۾ ئي خود ڪشي جو خيال ٻڻجي ويندا آهن.

- گُلابن جي سُڪل اُداس لاش ٻڻيل لامن تي،
اڄ بہ خزان جي خنجر رت جا زرد زخم ظاهر نظر اچي رهيا آهن.

- ڇا اڄ بہ ڪجلا سَر سوڍين جا ساٿ ساري سڪ ۾ سهڪي سائو ٿي پوندو آهي!؟.

- مست جوڀن جي جلترنگ رُتن جي راڻي؟
پنهنجن پشم جهڙن پيرن ڪي ويتر نازن جا نکار ڏئي ايئين بيخوديءَ مان نهاري نہ هل!
متان هي ڪارو نجهر جبل جو ست رنگو سينو بہ پگهري پاڻي نہ ٿي پوي.

- ڏياريءَ جا ڏيئا ٻاريندڙ ڪُنوارن هٿن کي ڪهڙن چپن سان چُمي ڏئي چاهتن جي چنڊ جي پيٽا ڏجي؟.

- توکي پيار جي لفظن سان ڪهڙي پيٽا ڏيان؟





تون تہ پاڻ هڪ شاهڪار حُسن جي خوبصورت ڪُنواري تشبيهہ آهين!.

- احساس کان خالي هن سماج ۾ رهڻ کان پوءِ ڇا تو بہ سيني مان پيار جي دل کي ڪڍي ڇڏيو آهي؟
جو منهنجي هِن معصوم مُحبت تي ترس ئي نٿو اچئي!.

## ٽٽل ستارو

- اسان تہ چنڊ جي روشنيءَ ۾ روئندڙ رات جي درد کي ئي نہ محسوس ڪري سگهيا آهيون،
سو وري ڪهڙو اُپ مان ٽُٽل ستاري تي سوڳ ڪنداسين!.

- شام جي هوائن ۾ گونجيل ٽُنهنجي گُلابي چپن جو ڪُنوارو ٽهڪ،
يقينن ڪنهن حسين عشق جي ابتدا کان گهٽ نہ آهي.

- حساسيت هڪ اُهو حُسناڪ احساس آهي
جنهن اڳيان هر مُنافقت معذور نظر ايندي آهي!.

- هن دردناڪ دور ۾ ڪنهن ڪُنواريءَ جي اُپريل اُرهن جهڙا احساس،
آخر ڪيسين تائين قتل ڪيا ويندا!!

## لڙيل لُڙڪ

- اسان سنڌ جي اکين مان لڙيل اُهو لُڙڪ آهيون،
جنهن کي ڪو بہ آٿت جي آڱرين سان اُگهڻ لاءِ تيار ئي ناهي!.

- اسان اُن مٽيءَ جي لتاڙيل سيني جو سور آهيون،
جنهن اندر اڄ بہ گهوڙن جي ٽاپولين جا درد ناڪ زخم چڳندي محسوس ٿي رهيا آهن.

- پاڳُرن ۾ پريل ڪنوار پڻ جو ڪوسو بدن پُڻ ڪنهن آس جا سرد هٿ سيڪڻ ٿو چاهي.

- ڦاسيءَ ڏنل لاش جيان لٽڪيل ماڻهن جي مُئل مُحبتن ڪي آخر ڪهڙي اُگهاڙپ جي ڍير تي اُڇلائجي!؟.

- روح جي رستن مٿان روئندڙ راحتن جو راز تون ئي تہ آهين.

## آس

- آئون اُن آزاديءَ جي آس جو احساس آهيان،
جنهن جا جذبا ڪڏهن بہ زرد ۽ ضعيف ٿيڻا ئي ناهن!.

## لاڙ جي لوڏ

- تون تہ لاڙ جي اُها ڪُنواري لوڏ آهين،
جيڪا پريءَ جي بار سان هلندي بہ هزارين دلين جا هينئان هرڪائي وجهندي آ!.

- اُنهن اکين ۾ تہ ڪو خوبصورت خواب جنم ئي نہ وٺڻ چاهيندو آ،
جن اکين ۾ رُڳو وحشتون ئي ويٺل هُجن!.





- زمانا تُنهنجي زرد چهري تي آخر ڪڏهن تازي ٽڙيل گُلاب جهڙو ڳاڙهو ٽهڪ ٽڙندو؟

- اسان جون همٿون اُن گهوڙي جيان ضعيف ٿي چُڪيون آهن،
جنهن ڪي نہ جنگ جي ميدان ۾ ڊوڙائي ٿو سگهجي
۽ نہ ئي وري سواريءَ لاءِ ٽانگي ۾ هلائي ٿو سگهجي!.

## دور

- هي دُور اُن عياش عورت جيان ٿو لڳي،
جيڪا پنهنجي جنسي خواهش پوري ڪرڻ لاءِ ڪو بہ هڪڙو اگهہ مُقرر نہ ڪندي آهي!.

- هن دور ۾ پنهنجائپ ڏانهن ويندڙ پير ڪپيل ٿا نظر اچن،
۽ رشتن جون رفاقتون بہ ڪنهن معذور ماڻهوءَ جئيان ريڙهيون پائيندي لاچار ٿيون لڳن.

- اڄ جي سنڌ الئہ ڇو اُداس اکين جي ڪنهن ضعيف خواب جهڙي ٿي لڳي؟.

## لتاڙيل لاش

- اسان تہ اُن روحن جي اڻ ڪُٿ رولاڪين جا اُهي گُمنام ٿڪ آهيون
جن جو سور هر صديءَ جي سيني ڪان وٺي سهڪندو پيو اچي.
اسان تہ اُن نيڻن جي اڌوري آس آهيون

جنهن جا خواب رُڳو خاموشيءَ جي خُودڪشي تي ويندا آهن.
اسان تہ اُن بهار جو اڌورو پاڪُر آهيون.
جنهن ڪي هر وقت خزان جي زرد خنجرن جو خيال ماريندو رهندو آ!
اسان تہ اُن مُرڪ جو وڇايل واس آهيون.
جنهن جو هر احساس اڄ بہ اکين مان آلو ٿي اُپري رهيو آ!
اسان تہ اُن ڳوٺ جي شام جو اُجهاميل عڪس آهيون.
جنهن اندر ٻن پريمين ڪي پيار جي سزا ڏئي بيدرديءَ سان زنده دفنايو ويندو آ
اسان تہ اُن زخمي ٿيل پکيءَ جو تڙپيل تسلسل آهيون.
جنهن جي ڇُهنب ۾ ٻچن لاءِ کنيل داڻو بہ دربدريءَ جو درد بڻجي ويندو آ
اسان تہ اُن ماڪوڙيءَ جو لتاڙيل لاش آهيون.
جيڪا بي ڌيانيءَ جي بار هيٺان اچي ڌوڙ ۾ ئي دٻجي دفن ٿي ويندي آ
ها پر اسان اُهو هرگز ناهيون.
جنهن جي هر حقيقت ڪي بيسُرائيءَ سان گڏ منافقت جو مرض لڳل هوندو آ.

- ڇا پنهنجي پيار جي گُلاب تي بہ نفرت جي خزان تہ نہ ڪري پئي آ؟
جو مُرڪن جون ٽڙيل سڀ پنکڙيون ماٺ جي مُرجهاءُ سان ڇڻي رهيون آهن.

## بارش سوچي ٿي

- سيني تي ليٽايل ايوب کوسي جي نثري ڪتاب "بارش سوچي ٿي" جي هر بوند ايتري تہ روح کي راحت بخشي آهي,
جو اندر جي احساس جا سُڪل وڻ بہ ساوا ٿي سونهن جو آسمان ٿي پيا آهن.





- هر روز هيڏين وڏين وارتائن ۾ واويلائن هوندي بہ,
اڄ جا اگهور ننڊ ۾ سُتل ماڻهو
آخر ڪهڙي سلامتيءَ جو سج اُڀارڻ ٿا چاهين؟

- ٿرو پي عورتن ڪي اُگهاڙيون گاريون ڏيندڙ مردن ڪي
آخر ڪهڙي مُڙسيءَ ۾ ماڻهپي جي ماڻ ۾ ماپجي!؟.
ڪا خبر ئي نٿي پوي...!!

- يا خُدا!
ڇا جنت ايڏي سستي آهي؟
جو ماڻهوءِ ڪي مارڻ سان بہ ملي ٿي سگهي!
جيڪڏهن نہ تہ پوءِ هڪ انسان پنهنجي پيٽ تي بم ٻڌي ٻئي انسان ڪي ماري جنت جو ثواب حاصل ڪرڻ لئہ ڪيڏو نہ پُر اُميديءَ سان پاڻ بہ مرڻ ڪي مهان سمجهندو آ!
آخر ڇو!؟

## سرد هوا

- منهنجي خالي ٻانهن ۾ سرد هوا جا سيئاٻڙيون ڪرائيندڙ سيءَ,
اڄ بہ تنهنجي گُرم پاڪُرن جو ڳس ڳولي رهيا آهن.

- لاٻارو ڪندڙ لاڙ جي لچارين نينگرين جي نهارن ۾ تہ اُهي نينهن جا نياپا آهن
جيڪي نوري جي نيڻن کان پيي وڌيڪ نکاريل ٿا نظر اچن...

## جنگين جا نظريا

- معصوم ٻارن جي لاشن کي لتاڙيندڙ جنگين جا نظريا آخر ڪهڙي اَمن کي اُڀاري رهيا آهن!؟

- وياج تي پئسا ڪٽي عيوضي ۾ معصوم نياڻين کي نيلام ڪندڙ پليت پيءُ جي رشتي جي ذليل چيپل خبر.
جڻ ته تاريخ جي ڳل تي لڳل زور دار چماٽ جو ڪو چٽو عڪس ٿي لڳي!.

- ڇا اجا سنڌ ۾ اهڙا بيباڪ هٿ پيدا نه ٿيا آهن؟
جيڪي غاصبن کي ڳلن مان جهلي هر غُربت جو وڃايل حق واپس وٺي سگهن!؟.

- آئون ڪڏهن به اهڙي شُهرت جو ٻار زندگيءَ جي ڪُلهن تي کڻڻ جي ڪوشش ئي نه ڪندس
جنهن اندر رُڳو بيسُرائيءَ جي بدبوءِ پريل هُجي!.

- جنگين جي ميدانن کان ڪسيل،
ميوزيم ۾ رکيل تلوارن کي آخر ڪهڙي قيد جي سزا ڏني وئي آ؟...

- شيخ اياز جي نظمن ۾ ته اُهي انقلابي احساس پريل آهن،
جيڪي غُلام قومن کي غيرت جا گس ڏيکارڻ جو ڀرپور ڏانءُ ٿا رکن.





- جيڪڏهن منهنجي ذات جي ڏيئي کي تُنهنجي پيار جي حسين ڇُهاءُ سان سُهاءُ نه ملي ها
ته شايد صدين تائين اُجهاميل ئي رهجي وڃان ها!

- تون ته شيخ اياز جي غزلن جو اُهو گهاڙيٽو آهين
جنهن کي آئون ماڻڻ لاءِ هر وقت ماندو ئي رهجي ويندو آهيان.

## سُڪل چپ

- جڏهن به بارش پنهنجا آلا چپ ڪنهن الهڙ ڪُنواري جي اڻ ڇُهيل گرم بدن تي بي اختيار ٿي وسڻ جي ويس ۾ رکندي آهي
ته ڏسندڙن جي اکين جي عشق جا احساس اڻ جهل ٿي پوندا آهن
حُسن جا ڪيپ خُمار جي ذهن تي چڙهڻ لڳندا آهن.
۽ سڪ جا سُڪل چپ سونهن جي نديءَ مان اُڃ اُجهائڻ لاءِ آتا ٿي ويتر اُچلون ڏيڻ لڳندا آهن.

- حيوانن جهڙي زندگي گُذاريندڙ ماڻهن کي آخر مُحبتن جي معيار جي ڪهڙي خبر.

- بارش جي ٻوند کي چُمڻ کان اڳ ۾ مري ويل ڪويل جي ڪوڪ جو قصو ته فقط آسمان ئي ڄاڻي ٿو سگهي.

- رُڃ ۾ ڦُٽي آيل رابيل جي خوبصورتي آخر ڪهڙي خال کي خوشبوءِ سان پرڻ ٿي چاهي!؟.

- چئونري اندر ويهي چنڊ ۽ تارا ڏسندڙ اڪيون اڄ بہ ڪنهن جي اوسيئڙي ۾ عشق جو آسمان ٻٽيل آهن...

## پڪل

- پڪل ڳاڙهي ڏاڙهونءَ جهڙي ڳاڙهہ رنگي چوڪريءَ کي بہ پيار جي ڪونئرن ڳاڙهن احساسن سان ڇُهي ڇاڙجي تہ بهتر رهندو.

- پڪل انگور جي پريل رَس جهڙيون ڇُلڪندڙ ڪُنواريون ڇاتيون ڏسي حسرتون بہ ڇُهڻ لئہ هانوءَ ۾ هٿوراڙيون ڏيڻ تي مجبور ٿيو پون.

## پٽائي

- پڳو آئون نہ چوان ماريو تان وسان،
ڪانڌ منهن ۾ ڏڪڙا، سيڪيندي سُهان،
تان پڻ لڄ مران، جي هؤنس پُٺ ۾،
پٽائي تنهنجي بيت جي بيباڪيءَ جو قسم !؟
اڄ جي پيٽ گُذر سنڌي ليڊرن جي ايڏي تہ ڊوڙ تيز آهي جو هاڻ تہ سندن پُٺيءَ ۾ پيي ڏَکن جانشان نظرئي نٿا اچن!

- سياست اُها معذوري آهي جيڪا اقتدار جي ڪُرسيءَ کان هيٺ هڪ منٽ بہ ويهڻ پسند ئي نہ ڪندي آ.

- ننڊ، اڪين جو ناول آهي جيڪا خوابن جا ڪردار ميڙيندي رهندي آ!.





- شام تنهنجي ڳلن جي ڳهر جو رنگين روپ ٿي لڳي
رات تنهنجي چڳن جو چٽو عڪس ٿي لڳي
چنڊ بہ تُنهنجي چهري جي آئيني جو اولڙو ٿو لڳي
۽ هر حُسن تنهنجي سونهن جي سادگيءَ جو سفر ٿو لڳي.

- اڄ تہ اُميد جي ڏيئي کي پيار جي هٿن سان روشن ڪري اُماس دلين ۾ پيي ڪي چاهتن جا چنڊ اُياري وٺون.
- اي اياز! جيڪي زندگيون گُلابن جا گهاوءَ پريندي نظر اينديون هُيون
سي تہ هاڻ وڻن جي زرد پنن جي ڇٽيل ضعيفيءَ جهڙيون ٿيون لڳن!؟

## بي ڌڙڪ

- جيڪڏهن هن دور جي سيني ۾ واقعي ئي دل آهي؟
تہ پوءِ اڇو تہ پاڻ سيئي گڏجي انهيءَ دور جو سينو چيري ڏسون تہ اها دل ڌڙڪي بہ ٿي يا ازل کان وٺي بي ڌڙڪ ٻٽيل آهي!...

## حُسن جو اُجرو احساس

- تو تہ گُلن جي ڪلين جو ڪُنوارو واس ٻٽجي من جي پونئرن کي بيتاب ڪري ڇڏيو آهي،
تو تہ گُلابن جون ننڍون چورائي اُنهن کي بي سُڌ ٻٽائي ڇڏيو آهي
تون جڏهن چڳن ۾ چنبيليون هٽي هلڻ لڳندي آهين تہ موتيا بہ مهڪ وڃائي ويهندا آهن
تو تہ رُتن کي روح بخشيو آ

ءِ هوائن کي هلڻ سيکاريو آهي
تُنهنجي چهري جي چانڊوڪيءَ مان ته ڪئين چاهتن جا چنڊ اُڀرندي نظر ايندا آهن
تون ته باک جو اُهو پورڙو بدن آهين،
جنهن مان سونهن جي سفر جي ابتدا جنم وٺي انتها جو آسمان ٻڻجي ويندي آهي
تون ته حقيقت جي اوٽ ۾ ويڙهيل حياءَ جو حُسن آهين
ءِ ها جوڀن جي چاتيءَ جو اُهو اڻ ڇهيل احساس آهين
جنهن کي ماڻڻ لاءِ ته مُحبتن جو درياهه ٻڄڻ لازمي آهي...

- ايترو ته تُنهنجي ڪُنوارپ جي خُمار جو حُسن شاعريءَ جي بدن تي هارجي پيو آهي

جو هاڻ ته منهنجن نظمن جا نيڻ به ٻئي پاسي نهارڻ لئہ تيار ئي ناهن.

## حُسن

- تون حُسن تان حياءَ جي اوٽ هٽائي نہ هلندي ڪر
متان مُنافق موسمن جون حوسي نگاهون توکي نظري نہ وجهن.

- هر حُسن تنهنجي ادا جو اُجرو احساس ٿو لڳي
هر هُڳاءُ تنهنجي بدن جو ڪُنوارو واس ٿو لڳي!.
- تون ته اُن انقلابي شاعر جو نڪور نظم ٿي لڳين
جنهن جي اُڏار ته حُسن جي اُپن کان پي اڳتي ٿي نظر اچي!.

- ها واقعي هيءَ ڪائنات ته تُنهنجي ئي حُسن سان حسين آهي...





- مايوسين کي مات ڏيڻ لاءِ ته تُنهنجي هڪ مُرڪ ئي ڪافي آ.

- آئون توکي درد ڪيئن چوان؟
تون ته پاڪُرن ۾ ويڙهيل وفا جو وشواس ٿي لڳين!...

## اُداس اکين جهڙو دور

- هي دور اُن الهڙ ڇوڪريءَ جي اُداس اکين جهڙو ٿو لڳي
جيڪا پيار جي ڪوڪلن آسرن تي ڪُنوارپ ئي ڳهائي ويهندي آ...!!

- مُحبتن جون مسجدون اُجاڙڻ کان پوءِ به الئہ ڇو نفرتن جا نيڻ نابين ٿين ئي نٿا!

- جيڪا قوم ڪيني جي ڪوڙهه مان ئي آجپو ناهي ماڻي سگهي
تنهن قوم کي ته آزاديءَ جي خواب جي خوشبو ۾ به نصيب ناهي ٿيندي!....

- زوري زنا ٿيل عورت جو جڳ ۾ جيئڻ ته جُٽ برابر هوندو آهي،
پر اُنهيءَ کان وڌيڪ ته اُن عورت جي لڄ جي وارثي نہ ڪندڙ واهيات جذبا پي جيئڻ جي لائق ئي نہ هوندا آهن!...

## خون جا قطرا

- تاريخ جي اکين مان ڪرندڙ خون جا قطرا،
يقينن معصوميت جي قتل جو ڪرب ناڪ قصو ٿا لڳن

پر افسوس جو ڪو بہ انهي ٽڙيل تاريخ جي ڳڙندڙ ڳوڙهن کي آٿت جي آڱرين سان اُگهڻ لاءِ تيار ئي ناهي!.

- اسان وٽ تہ هاڻ امن لتاڙيل لاش جيان بہ نظر نٿو اچي!

## اجا بہ ڪُجهہ

- موسمون مُئل مُحبت جو مرثيو ٿي ويون آهن!
سوڳواريون ساهن سان سلهاڙجي ويون آهن
بي رُخيون بور لمحن جي بازار جو باب بڻجي ويون آهن
واهياتپُڻا واپار جي روپ ۾ وڻشيا جو ويس ويڙهي ويٺا آهن
وضاحتن جو ڪو بہ وارث نظرئي نٿو اچي
چڪلن جي درن تي وساميل جوانين جا سگريٽ سرور جو ست وڃائي ويٺا آهن
دلالن جا دڙڪا ڪُنوارين کي ڪرٽ جيان ڪپي رهيا آهن
سڪون سورجي سهڪ ۾ ساٽا نظر اچي رهيا آهن.
۽ وقت وحشتن جي وهڪرن ۾ وهنجي رهيو آهي
پر پوءِ بہ الئہ چو اسانجا سماج سُڌار نمائندا اهو وڏي فخر سان چئي رهيا آهن تہ اسان سماج جي سُڌاري لئہ وڏا سيمينار ڪرايا آهن.
جن جي ريورٽ عالمي ادارن کي موڪلي ڏني آهي!
جنهن جي ڪا نہ ڪا رزلٽ ضرور ملندي.
انهيءَ لاءِ پاڻ سيني کي اجا بہ ڪُجهہ وقت لئہ انتظار ڪرڻو پوندو!...

- اجا تہ اکين مان آگر سُڪو ئي ناهي.
اجا تہ تنهنجي پيار جي سوڳ جو سفر ساهن سان سلهاڙيل آهي.





اجا تہ حسرتن جي هينئن تي وڇوڙي جا وڏ چهڪ بڻجي چڳي رهيا آهن.
اجا تہ من تي پيل مُئل مُرڪن جا جنازا دفن ئي ناهن ڪيا
تيسين هي وري پيو ويساهہ گهاتيءَ جو خنجر منهنجي زخمي ۽ رت ماڻ ٻُڏل دل ۾.
ايڏو بيدرديءَ سان چو تہ ڪوڙي ڇڏيو اٿئي!؟...

- خاموشيءَ جي ڪاهيءَ ۾ ڪري پيل چنڊ کي آهي ڪو کڻڻ وارو!؟.

- اهڙي بيباڪيءَ کان بزدل تي مرڻ ئي سُٺو آهي.
جنهن بيباڪيءَ ۾ آزاديءَ جو بارود ڀاريل ئي ناهي!.

- مورڪ! مرندا تہ ماڻهون آهن!؟
نظرين جا نيڻ تہ هر وقت کُليل هوندا آهن!!

## افسوس

- افسوس ان ڳالهہ جو ناهي
تہ موت زندگيءَ کي زبون ۽ ضايع ڪري هميشہ لاءِ ختم ڪري ڇڏيندو آهي.
پر افسوس اصل تہ ان ڳالهہ جو آهي
جو اڄ تائين منهنجا ديس واسي زندهہ هوندي پڻ الئہ چو مُئل محسوس ٿيندا آهن!.

- مُنافقن جي زبان مان نڪتل هر لفظ ۾.

ڪُتي جي پونڪ جيتري بہ سچائي نہ هوندي آهي.

## اروڙ جو مست

- نہ مان ڪو اروڙ جو مست،
نہ ئي مان ڪنهن پٽائيءَ جي وائيءَ جو ورلاپ
نہ ئي مان ايپچند جي اکين اڳيان سرمد جي عشق جو ڏنل سجدو
جو فتويٰ جي دارتي چڙهي وڃي!
نہ ئي مان ٻيجل جي سُرندي جي ڪا ساهہ ستائيندڙ صدا
جا سورٺ کان ڏياچ جو ڪنڌ ئي ڪپي وٺي
۽ نہ ئي وري مان بُلهاشاهہ جي گُنگهرن جو گيت
جو صداقت جو سُر ڇيڙي نينهن جي نعري جو ناچ بڻجي وڃي
ها پر مان تہ اُهو سونهن جو سنگيت آهيان جو محبوبيت جي مهڪ
جو احساس جاڳائي جنمن تائين جيئندو رهي ٿو!..

- اڄ تہ دوريءَ جي رات کي ڏکي عشق جو آسمان بڻجي وڃون!.

## ڪائنات

- ڪائنات ڪيڏي حسين آهي،
پر پوءِ بہ نفرتون نروار نظر اچي رهيون آهن.
۽ مُحبتون مُئل ماحول ۾ معذورن جيان جي رهيون آهن.
انسانيت جي اکين ۾ چڻ تہ ڦُلا پئجي ويا آهن.
احساس آوارگيءَ جي اُس ۾ سڙي سور ٿي پيا آهن.
ڪوجهائپ جي ڪارين راتين وحشتن جا وار هر واٽ تي وڇائي
ڇڏيا آهن.





چڪورن ڀي چنڊ سان چاهتون ورهائڻ ڇڏي ڏنيون آهن،
روهيڙا رُڃ ۽ اُڃ ۾ لُڇي لوساٽجي لاش ٿي ويا آهن
ٻاجهرين جي مُرجهايل مُنڊ ۾ ٻاٻيهن جي ٻولين جي ٻهڪ ٻُڌڻ ۾ ئي
نٿي اچي
پاٽيارين جي پيرن مان اُڏامندڙ مٽيءَ جي مهڪ جو قسم،
ٻُچڙائيون ٻحيائي جو بُرقعو پائي گهر گهر ڪاهي پيون آهن،
مُرڪ جي معصوم چهري تي گينگ ريپ جي چڪن جا چهڪ چٽا
نظر اچي رهيا آهن.
شعور ٺري جون ٻاٽليون ڏوڪي ٻهڪڻ جي پونڪ ۾ مصروف آهن
۽ انصاف چڻ تہ فحاشيءَ جي اڏي تي دلالي ڪندڙ ڪنهن پوڙهي
وئشيا جيان سگريٽ جا وڏا سوٽا ڇڪي تما شائي نظرن سان لُطف
اندوز ٿي رهيو آهي
پر پوءِ بہ الاءِ ڇو ڪائنات جي سُندر چهري تي پوڙهپڻ جا گُهنج
نظرئي نٿا اچن!؟.

- درد جي لفافي ۾ خوشين جا سمورا خط،
چڻ تہ پوسٽ ٿي پري هليا ويا هُجن!

- اڄ تہ توکي چاتيءَ سان لاهي دل جي ڌڙڪن جي تيز بار کي هلڪو
ڪري وٺان!

## عشق جي اذان

- آهي ڪو اهڙو انسان؟
جيڪو عشق جي اذان ڏئي نينهن جي نماز پڙهائي.

پيار جي تبليغ ڪري مُحبت کي مرڻ کان بچائي!.

- اي مُنهنجا محبوب!.
تنهنجي احساس جي اکين ۾ عشق جو خواب ڪڏهن جاڳندو؟
جيڪڏهن جلدي جاڳي تہ اُنهيءَ ۾ مونکي ضرور ڳولجانءِ!.

- درد جي دوزخ جون ڳالهيون ٻُڌي سڪون سهڪي پوندا آهن،
پر تُنهنجي ياڪُرن جي بهشت ۾ اچڻ کان پوءِ سمورا ٿڪ لهي ويندا آهن!.

- ڳوٺ جي ساماڻل سانوري چوڪرِيءَ جي خوابن جي خوشبوءِ من ۾ پيار جي پوپٽن کي اُڏرڻ تي مجبور ڪريو ڇڏي!

- اڇو تہ ڪنهن ڳنواري پيار جو پاسو ورائي وسري ويل وفا جي وچن کي نئين سَر ياڪُرن ۾ پيري وٺون.

- تون تہ اُها سونهن جي سنڌ آهين!
جنهن اڳيان هر دليل جو ڪنڌ ئي جُهڪيل هوندو آهي!.

- تون ايئن مُنهنجي اُداس اکين ۾ ڏسي چا تہ پئي چپن ئي چپن ۾ ٻُڏڪين!؟
جيڪڏهن ٿورڙو پي احساس اٿئي تہ اچ،
هن منهنجي روح تان رولاڪين جا لاش لاهي وٺ،
جن کي ڪو بہ پيار جو ڪفن پارائڻ لاءِ تيار ئي ناهي!..





- اسان تہ اُن آئيني جا ٽُٽل ٽُڪرا آهيون،
جن کي ملائڻ کان پوءِ بہ پنهنجو عڪس اوپروئي رهجي ويندو آهي!.

- ڪائنات اُهو سوڙهو چولو ٿي وئي آ!
جنهن جي اُڌڙيل بڪين مان پيي اُگهاڙپ جو بي چسوءِ بي هودو بدن نظر ٿو اچي!

- جت جسمن جي ميدانن تي رُڳو حوس جي حاڪميت سان جوڀن کي پيلڻ جون جنگيون جوٽيل هُجن!
ءِ فاشي فاتح ٿيندي هُجي،
اُتي تہ ڪا بہ ڳنوارپ قتل ٿيڻ کان بچي ئي نٿي سگهي!

## غُلام قوم

- اسانجي غُلام قوم ءِ وطن جون واڳون جن راشي رهبرن جي هٿن ۾ آهن،
تن جي قميصن جي کُليل بٽڻن مان سينا تہ صاف نظر ٿا اچن!
پر ڪردار تہ وري بہ ڪٽڙي جي خيال جيان نامڙدگيءَ جي نمائندگي ڏيکاري نوٽن تي نچندي نظر ٿا اچن!.

- زندگي اُن دُکايل سگريٽ جيان ٿي لڳي!
جنهن جي شروعات تہ ڪُجهہ سڪون جي سُوٽن سان ٿيندي آ!
پر پُڄاڻي تہ وري بہ قُلي جيان چِٽي چپن کي ساڙيندڙ آخري سوٽي جيان ٿڪجي،
جسم جي آڱرين مان اُڇلائجي اُجهامي ويندي آهي!.

- ڪڏهن اهو بہ سوچيو اٿئي،
تہ زندگيءَ جي ٻچيءَ ۾ فنا جو ڦنڊو بہ پيل آهي،
جيڪو ڪنهن بہ وقت ڇڪجي سوڙهو ٿي سگهي ٿو!.

## وچڙي ويل چُمي

- هن منهنجي اڪيلائيءَ تي رات بہ چنڊ چٽرون ڪري ٽُنهنجي ئي باري ۾ پُڇيو
۽ آئون اُداس ٿي چنڊ ۾ بہ توکي ئي ڳوليندو رهجي ويس،
ستارا آسمان جي چادر تي تنهنجي نڪ جي ڦُليءَ جيان چمڪي رهيا هُئا،
اَسر ويل ڪويل بہ ٽُنهنجا ئي قصا پئي ڳايا،
باک بہ ٽُنهنجي بدن جيان پاڪُرن ۾ پريل بانوري احساس جهڙي پئي لڳي!
۽ پوپٽ گُلن سان ايئن پيار ورهائي رهيا آهن!
جيئن مُنهنجا چپ ٽُنهنجي ڳلن سان ڪي ڳهريل ڳالهيون ڪندا هُئا!
۽ تون اُهو سونهن جو ڪتاب لڳندي هُئين!
جنهن جا ورق بہ آئون چُمين جي آڱرين سان ورائندو هُئس،
اڄ اُنهيءَ ئي وچڙي ويل چُميءَ جي درد جو قسم!
هينئين جي ساري حالت زخم زخم ٿي پئي آهي،
پر پوءِ بہ آس انتظاريءَ جو آسمان ٻڌيل آهي،
تہ تون انهي آسمان ۾ هڪ ڏينهن ضرور چنڊ ٿي اُڀرڻي آهين!.





- ٽُنهنجي هڪ ئي مُرڪ منهنجي ساري مايوسيءَ کي مات ڏئي ڇڏيندي آهي،
پر اڄا بہ جيڪڏهن تون پنهنجن حسين چپڙن تان تازن ٽڙيل گُلابن جهڙن ٽهڪن جي خوشبوءِ فضا ۾ اُڏاري ڇڏين،
تہ هي سارو مُرجهايل ماحول بہ مُحبتن جي جنت بڻجي وڃي.

## وحشتون

- ٿر جي ٽٽل واريءَ تي وحشتون ڪاريهر جيان ڳَر ڪٽي جاڳي پيون هُيون
تہ ماحول سوڳ جي سور ۾ ويڙهجي ليلائي لڇڻ لڳو هو!
ڪميٽپن جا قهر بي حيائيءَ جي بڪواس سان جاڳي پيا هُئا
جنهن کي ڪو بہ رڙڪري روڪڻ لاءِ تيار ئي نہ هو
۽ اُن اڀوجهہ ارجن مينگهواڙ تي وڪاميل وردي پوش وارن ايترو تہ ستم ڪيو؟
جنهن جي هر درد جي دانهن ڏرتيءَ جي ڏُکايل دردن جي سهڪيل ساهن جهڙي ٿي لڳي،
پر پوءِ بہ اُن پليت سوچن جي هلڪڙائپ جي هوڏ تہ ڏسو.
جنهن اڳيان مُفلسي جو ڪو بہ معيار ئي نہ هو،
۽ ويتر وحشتن جا اُگهاڙا آئينا ڏيکاريندي ارجن جي جسم تان ڪپڙا ڇڪي ۽ ڇيهاڙي ورتا هُئا،
جنهن جو کُليل تماشو ڪارونجهر جي ننگر شهر جا نيڻ تہ ڏسي رهيا هُئا،
پرننگن ۽ نياڻين جي اڳيان بہ واهيات وحشتن سان ڪريل ڪردار پيش ڪيا ويا هُئا.

ها تڏهن بہ ڪنهن وارثيءَ جو سڏ سنڌ ٻڌجي روپلي جي رڙ ۾ روشن ٿيڻ لاءِ تيار ٿي نہ هو!

جڏهن تہ اُن ارجن مينگهواڙ جي ڌيءَ پنهنجي نٿ ۾ ٻڪريءَ جا رکيل پئسا ڏيئي پيءُ جي اُگهاڙي ستم کي روڪرائڻ لاءِ رڙيون ڪندي روئندي رهي،

پر بي هودا بازار جا وڪاميل وردي پوش نياڻين جي پوتين کي پائمال ڪندي ارجن مينگهواڙ جي اُگهاڙي جسم مان ايئن جان ڪيڍي رهيا هُئا،

جيئن اُجايل ۾ اپري هرڻ کي شڪاري گولين جا گهاؤ ڏيئي ڪُهڻ جي ڪرب ڏي فخر مان ڪٽي ايندا آهن!

## سٽيا چپ

- ها مان ڄاڻان ٿو تہ زندگي ذلالت جو نانءُ ناهي،

پر اسانجي ديس واسين جي زندگين کي زرد بنائي ڇڏيندڙ زورآور زبانون اڄ بہ پنهنجا سٽيا چپ چٽي رهيون آهن،

جن جي اڳيان غُربت جي قيمت ۾ اهميت غليظ گار کان وڌيڪ ڪُجھ بہ ناهي،

پوءِ بہ برداشت جي باھ ۾ سڙندڙ منهنجا سنڌ واسي اکين ۾ اوجاڳن جو عشق آڻڻ لاءِ تيار ئي ناهن!

۽ روئڻ اُنهن جي رمز جو دستور ٻڌجي چُڪو آ.

## آزاديءَ جي راھ

- حيف آهي اُن هيٺي قوم تي جيڪا آزاديءَ جي راھ ۾ نڪرڻ وقت بہ پنهنجو ڪنڌ گوڏن ۾ لڪائي غُلاميءَ جا گُرز برداشت ڪرڻ کي





ترجيع ڏيندي آهي.

۽ زندگيءَ جي ٽڙيل گُلاب جي خوبصورتيءَ کي خُواريءَ جي خزان هٿان خاموش ڪرائي ذلالتن جي ضعيفيءَ ۾ گهلجي گُذارڻ پسند ڪندي آهي!.

- اياز! مون تہ اُن آزاديءَ جي اوچائيءَ جا نيڻ چُمي ورتا آهن!
  جنهن جي منزل ڌرتيءَ جي ڌڙڪندڙ دل کان وٺي،
  موت سان مُرڪي ملڻ تائين هوندي آهي.
- انقلاب هڪ آجپي جو گس آهي،
  جنهن تان هٿي وڃڻ هيٺن ۽ ٻُزدلن جو ڪم آهي.

- ٻُلها شاھ جي عظمت جا مينار تہ اڄا بہ مٿي!
  پر پهرين اُنهيءَ جي گُنگهرن جي گيتن کي بہ تہ سمجهي وٺون!.

- تُنهنجي هڪ مُرڪ وٺڻ جي لاءِ
  آئون پنهنجي ساري زندگيءَ جون خوشيون گروي رکڻ لاءِ تيار آهيان!!....

- اڄ بہ ڪينجهر جا ڪنول نوريءَ جي نوڙت ڏسڻ لاءِ بيقرار نظر اچي رهيا آهن.

- پنهنجائپ کان وڌيڪ دوستيءَ جي درد جو زخم پياري ٿيندو آ!؟

- آخر ڪيسين تائين سنڌوءَ جي سيني ۾ سوڪهڙي جا خنجر ڪُپايا

ويندا!؟

- الئہ چو آس جي اڪين مان انتظاريءَ جا ڳوڙها سُڪن ئي نٿا!؟

- اي منهنجا محبوب!
جلد انتظاريءَ جي اوچي ديوار کي ڊاهي ملڻ جي مُند جهڙا ڪي مُرڪڻ ڏيکار
هاڻ تہ زندگيءَ جي زرد شام سان گڏ عشق جي احساس جو چهرو بہ زرد ٿيڻ لڳو آهي...

- سرد رات ۾ جمي ويل اُن پيار جي انتظاريءَ جو قسم
تُنهنجي اکين جي آئيني سان کيل پيار جا اُهي اولڙا،
اجا تائين منهنجي وجود جي هر اُجري احساس کي پاڻ ڏانهن ڇڪيندا ٿا رهن.

## انسان

- اي مُنهنجي اندر جا انسان!
چا ويٽنام کي تباھ ڪرڻ کان پوءِ وري بہ
هن پنج فُٽ جي بندري ماڻهوءَ لاءِ هي هيڏو وڏو پنج هزار پائونڊ جو وزني بم پي ناهيو پيو وڃي!؟...

- اي مُنهنجي اندر جا انسان!؟
سچ پُڇين تہ هي سماج مونکي اُن شخص جهڙو ٿو لڳي،
جيڪو نہ مرد جهڙا پُختا جذبا ٿو رکي،
۽ نہ وري ڪنهن عورت جهڙا نرم احساس!...





- اي مُنهنجي اندر جا انسان!
ڪڏهن بہ پنهنجي محبوب سان متاهين لهجي ۾ نہ ڳالهائجان!
جيڪڏهن پُلجي بہ ڳالهائي وڌئي!
تہ پوءِ توکي بہ پيار جي دين جي لسٽ مان خارج ڪري شيطان جيان تڙيو ويندو!...

- اي مُنهنجا محبوب!
آئون توکي ايترو ٿو چاهيان،
جيترو ڪو پرهيزگار پنهنجي خُدا کي چاهيندو آ!...

- ڪُتي جي اُناڙ تہ وڃي آسمان سان لڳي آهي!
پر اسان اجا تائين آزاديءَ جي نعري کي ماڻهن جي ڪنن تائين بہ پُهچائي نہ سگهيا آهيون!

- اڄ تہ تنهنجي چپُن سان آڱرين جو عشق ورهائي وقت کي وفا جو احساس ياد ڏياريان!

- يا خُدا!
هن سنڌي قوم تي بہ ڪا سُجاڳيءَ جي آيت نازل فرماءِ
تہ جيئن هي غلاميءَ جي غفلت کان پري ڀڄي،
آزاديءَ جي اذان جي پابند بڻجي،
جنگ جا خطبا پڙهي شهادت جي صُفن ۾ سُرخرو ٿي آجپي جي

نماز پڙهي.

- ڪورٽن ڪي وڪيلن جڻ تہ وياج ڏئي خريد ڪري ڇڏيو آهي
۽ انصاف منو پيل وانگر تاريخن جا چڪر ڪاٽي آخر مايوس ٿي
ٻڪ هڙتال جا بينر ڪولي چوڪ تي ويهي نا اُميديءَ جي اُس ۾ سڙي
رهيو آهي.

- هن دور جي قانون مان انصاف جي اُميد رکڻ
معنيٰ عارب لوهار جي زخمي روح مٿان ويتر نون زخمن سان خنجر
ڪُپائڻ!

## ڪولهڻ

- هن مُنافق ۽ ڪوڙهہ ۾ ورتل ڪاري دور ڪان تہ ٿر جي ڪاري
ڪولهڻ ئي سُٺي آهي
جنهن جي من ۾ مُحبتن جا احساس تہ اُجرا آهن.

- ها، مان ڄاڻان ٿو تہ فيشن فحاشي ئي جنمي سگهي ٿو
۽ حقيقي حُسن پل تہ لڪُن ۾ ئي
لو ساڻجندو ئي هُجي.
پروري بہ سندس هر حُسناڪي
ٿر جي ڪولهڻ جي ڇاتيءَ
جيان چُلڪندي ۽ مهڪندي محسوس ٿيندي آ!....

- ڇا چند بہ عياشيءَ جي اڏي مٿان ٽڪ پڏي فحاش عورت جو پورو





بدن تہ نہ ڏسي رهيو آهي...!؟

- اکيون جڏهن بہ ڪنهن حُسن جي نديءَ ۾ وهنجڻ لڳنديون آهن،
تہ سونهن ازخود ساهن ۾ سُرڪجي سڪون جو سرگم بڻجي ويندي
آهي!.

## من جون اکيون

- اُن وقت روح جون سموريون راحتون رَت روئيندي ڪنهن ڀيانڪ
درد جيئان تي پيون هُيون.
جنهن وقت اکين کان نابين ڇوڪريءَ جو نڪاح ٽڪل سج جهڙي
پوڙهي ماڻهوءَ سان پڙهايو پئي ويو.
وڏي فخريہ ۽ طنزيہ لهجي ۾ ڳوٺ جا ڳڀرو ڇوڪرا کُليل فضا ۾ وڏا
ٽهڪ اُڏاري رهيا هُئا.
پر پوءِ بہ الئہ ڇو ماحول ڪنهن سوڳ ۾ ورتل ماتمي منظر کان گهٽ
نظر نہ پئي آيو
ڪو بہ شعور ٻُجڙائيءَ جي مُنهن تي پوندي رکڻ جو آغاز ڪرڻ لاءِ
تيار ئي نہ هوا!
هر حواس مٿان جڻ تہ ماٺ جي موت جي ڪا ڇَپ ڪريل هُجي!
هوءِ نوران جيڪا اکين کان تہ اُجهاميل هُئي پر اُنهيءَ جي من جون
اکيون تہ جاڳيل هُيون جيڪي جنوريءَ جي سرد رات ۾ بہ سُمهڻ جو
تہ نالو ئي نہ وٺنديون هُيون،
جنهن جي احساس جون اٽڪُٽ اکيون هميشہ خوشين جي ڪيت ۾
پيار جا گُلاب پيون پوکينديون رهنديون هُيون،
جنهن جي جوان جذبن جون اکيون ڪُنوارن خوابن جي جوت تي

ڪنڌ رکي مُحبتن جي مهڪ کي من ۾ مُرڪندو محسوس ڪري حياءِ ۾ ويڙهجي وينديون هُيون.
جنهن جي اندر ۾ اُميد جي عشق جون اکيون به ڪنهن کُليل آسمان کان گهٽ نہ هُيون.
پر اُن نوران جي اکين جي ڳوٺ ۾ ڳيرُن چوڪرن مان ڪنهن هڪ کي به الئہ ڇو چاهت جو چنڊ نظر ئي نہ آيو هوا؟
شايد اُنهن جي احساس جون اکيون بہ نوران جي اُماس ڏيل اکين کان بہ وڌيڪ وساميل هُيون.
جو اڄ نوران سيءَ ۾ ڄمي ويل ڪنهن لاوارث سرد لاش جيان ٺڄي ٽڪل جذبن جي خاموش ڀاڪُرن جي ڪاهين ۾ ڪري زندگيءَ جا زرد ڏينهن گهاريندي هڪ وڏو الميو بڻجي وئي آهي!
جنهن کي محسوس ڪرڻ لاءِ تہ فقط من جي اکين جو جاڳي پوڻ ئي ڪافي آهي!!

سنڌ سلامت

ڪتاب گهر